# شاهه ايليا

(انگريزيءَ تان ترجمو ٿيل)


ليکڪ :

وليم شيڪسپيئر

ترجمو :

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ



سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

پاران : ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

پهريون ايڊيشن 1900ع

ٻيون (نئون) ايڊيشن 1959ع 2000 ڪاپيون

ٽيون (نئون) ايڊيشن 1977ع 2000 ڪاپيون

قيمت: پنج رپيا

[Price: Rs. [redacted]]

۱۵-۰۰

**Digitized by:**
M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

**"SHAH ELIA"** ('King Lear' by William Shakespeare)

Translated from English into Sindhi by:
Mirza Qalich Beg

**Published by:** The Sindhi Adabi Board,
P.O Box 12, Hyderabad Sind, Pakistan.

Third Edition: 1977.

ٻيان ۽ ٽيان ايڊيشن ۾ بورڊ کي سال ٻن جي عرصي ۾ وري وري شايع ڪرڻا پيا آهن. جنهن مان عوام طرفان بورڊ جي هن ڪوشش جي قدرداني ۽ جو ثبوت ملي ٿو. مناسب سمجهجي ٿو، ته هتي بورڊ جي انهي ۽ پروگرام جي سلسلي ۾ هڪ خاص چيز جو ذڪر ڪجي: بورڊ اهي ناياب ڪتاب محض جيئن جو تيئن ڇپائي ڪونه ٿو پڌرا ڪري، بلڪ انهن کي لائق اديبن هٿان نئين سر سڌاري، ۽ طباعت ۽ ڪتابي اشاعت جي جديد تقاضائن موجب حتي الامڪان ڏاهي سينگاري، پوءِ شايع ٿو ڪري. اهڙيءَ طرح، جو ڪتابن جي هنن نون ڇاپن جي افاديت ۽ اهميت ٻي خاص پنهنجي ٿيو وڃي ٿي. بورڊ جو هي پروگرام ڪافي وسيع آهي، ۽ ان ماتحت سردست الڪس پـڻ قديم خواه جديد. مگر ناياب ٿيل. ڪتاب شايع ڪرڻا آهن. اميد آهي ته سنڌي ادب جا ٻهي خواه، بورڊ جي [illegible] کي همٿائيندا، ۽ هن نيڪ مقصد جي ت[illegible]ميل لاءِ بورڊ کي پنهنجي گرانقدر مشورن سان هميشه نوازيندا رهندا.

حيدرآباد سنڌ — محمد ابراهيم جويو،

٥- جنوري ١٩٥٩ع — سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ.

# مهاڳ

'شيڪسپيئر'، مشهور انگريزي شاعر ۽ ناٽڪ نويس، جي ناٽڪن مان هڪڙو مون اڳي ئي سنڌيءَ ۾ لکيو آهي، جنهن جو نالو "حسنا دلدار" رکيل آهي، هاڻي وري هي سندس ٻيو ناٽڪ، "ڪنگ ليئر" (KING LEAR) سنڌيءَ ۾ لکيو اٿم. انهيءَ ڪتاب جو مون ڪوشش ڪري اهڙو ترجمو ڏنو آهي، جنهن ۾ اصلوڪي شاعر جا نه رڳو سڀ خيال اچي ويا آهن، پر گهڻو ڪري سڀ لفظ ۽ جملا به اچي ويا آهن. اگرچ ائين ڪرڻ ۾ مون کي گهڻي مشڪلات لڳي، تڏهن به، جيترو ٿي سگهيو آهي، سنڌي اصطلاح ۽ بوليءَ جي صفائي نظر ۾ رکي ويئي آهي. ٻي ڦير گهير ڪا نه ڪئي ويئي آهي، سواءِ ڪن ٿورين جاين جي، جتي ڪي راڳ آندا ويا آهن، يا جتي ڪي لفظ سنڌيءَ ۾ ڏيڻ ناممڪن يا ڪتاب ۾ لکڻ نامناسب ڏٺا ويا آهن. انگريزي نالا ڇڏي ڏنا ويا آهن، ۽ انهن جي بدران قديم تاريخي نالا ڏنا ويا آهن — هندڪا يا مسلمانڪا نالا ڄاڻي ٻجهي ڪم ۾ نه آندا ويا آهن، جيئن 'حسنا - دلدار' ۾ ڪيو ويو آهي. اميد آهي ته ڪتاب پڙهندڙن ۽ ناٽڪ ڏسندڙن وٽ هيءُ ڪتاب قبول پوندو.

معلوم هجي ته هي ڪتاب "شيڪسپيئر"، انگريزي شاعر، پهرين سال ١٦٠٦ع ۾ پڌرو ڪيو: حقيقت ڪري بادشاهه "ليئر" جو سچو تاريخي احوال حضرت عيسيٰ کان آڳ سون ورهين اڳ جي زماني جو آهي، ۽ ڪن ڪتابن ۾ لکيل هو، جتان "شيڪسپيئر" کي هٿ آيو.

حيدرآباد، سنڌ، — قليچ بيگ

١- آڪٽوبر، ١٩٠٠ع

## ويسڌاري

شاهه ايليا – سمرون ملڪ جو باشاهه

شاهه ادروس – آرميه ملڪ جو بادشاهه

شاهه هاران – قادس ملڪ جو بادشاهه

شاهه ڪالاب – جيشان ملڪ جو بادشاهه

شاهه منسا – جلجال ملڪ جو بادشاهه

زابلون – شاهه ايليا جو وزير

روبيل – شاهه ڪالاب جو امير

شمسون – امير روبيل جو پٽ

شمعون – امير روبيل جو اڪ – ڇائو پٽ

ملڪا – شاهه ايليا جي وڏي ڌيءَ

زُلفا – شاهه ايليا جي وچين ڌيءَ

صُوفيا – شاهه ايليا جي ننڍي ڌيءَ

مسخرو – شاهه ايليا جو مسخرو

شمشاد – شاهزاديءَ ملڪا جو نوڪر

سليم – هڪڙو درباري

عملدار، سپاهي، قاصد، ۽ نوڪر وغيره.

## راڳن جي وچور


| نمبر | راڳ ۽ پهريان اکر | ڳائيندڙ جو نالو | صفحو |
|---|---|---|---|
| ١ | آهين تون نت ............ | زابلون | ١ |
| ٢ | "ساند". آيو ڪوڙو زمانو ...... | " | ١٢ |
| ٣ | "ڪالنگرو". آهي هر ڪنهن کي ... | شمعون | ٢٠ |
| ٤ | "جهنگلو". واه زماني جا ڪول ... | " | ٢٧ |
| ٥ | "ڪونسيو". قسمت منهنجي ...... | " | ٣٠ |
| ٦ | "ضلع". ڏکن مون کي وڌو ...... | زابلون | ٣٣ |
| ٧ | آءٌ آهيان خدمت ......... | " | ٥١ |
| ٨ | "ٺلڪ". قرب وارن کي ......... | شمعون | ٥٥ |
| ٩ | تون ڙي پادر ............ | زابلون | ٦٢ |
| ١٠ | "پهاڙي". خاوند سائين ...... | " | ٧١ |
| ١١ | "سورٺ". مون کي آهي نت ... | شمسون | ٧٢ |
| ١٢ | قسمت ڏيکاري ......... | زابلون | ٧٤ |
| ١٣ | "آسا". قول سچو ياد رک ...... | مسخرو | ٧٨ |
| ١٤ | الاهي هر حال ...... | زابلون | ٩١ |
| ١٥ | "پيلو". آهو وقت آيو چاڻ ...... | مسخرو | ٩٨ |

١٦. "ڪالنگرو". ڪريم ڪو ڪرم ... شمعون ١٠٠
١٧. هوئي لطف خدا ..... زابلون ١١٢
١٨. "ڪانرو". ڏکن ۾ چڱا .... شمسون ١١٧
١٦. "پيروي". شڪر خدا جو ...... " ١٢٦
٢٠. "آساوري". اسان تي ڪر ... شمسون ۽ روبيل ١٣١
٢١. "پيروي". ڪالهه وفائي دنيا .... " ١٤٦
٢٢. "آسا". مون تي مولا ڪئي .... روبيل ١٤٩
٢٣. ڪر ڪو فڪر نه دل ۾ ..... صوفيا ١٦٩
٢٤. شاباس هلو ........ شمعون ١٧٢
٢٥. "تلنگ". دل نه دلدار يار .... " ١٧٧
٢٦. "پيلو". آي واهه آي واهه ...... بادشاهه ١٩٦
٢٧. دنيا جو جيئڻ آهي ..... زابلون ١٩٧
٢٨. "جوڳ". جدائيءَ ۾ ويو جاني ... بادشاهه ٢٠١
٢٩. "پيروي". واهه حسرت واهه حسرت ... سڀ گڏجي ٢٠٣

# باب پهريون

## پردو پهريون

### شاهه 'ايليا' جي محلات

(زابلون بيٺو ڳائي)

آهين تـون نت راجا رنـگي! *

چـوڏس تـنـهنجا چارا، اوان نـظـارا نظر آيـا،
حيرت جهڙا حڪم هلايا، عجب اشارا رمز ريجهايا،
قدرت تنهنجي قادر پيدا، ظاهر باطن هر ڪنهن هنڌ،
عقل بندي جو ٿيو اِت بند: مالڪ آقا پيارا منهنجا!
تون ڪلتار، لهه ڪاسار، ڪرڪا وار ڏي آڌار:
جڳ جا جيار، تو آهار: آهين تون.........

(راڳ بس ڪري ٿو ته 'روبيل' ۽ 'شمعون' اچن ٿا)

زابلون: مون ٿي ڀانيو ته اسان جو بادشاهه 'جيشان' جي بادشاهه کان 'جلجال' جي بادشاهه کي گهٽو ٿو گهري.

روبيل: اسان به ائين ٿي سمجهو، پر هاڻ جڏهن ملڪ ورهايائين، تڏهن ٿيون اهڙيون توري تڪي پوريون ڪيائين، جو ڪي خبر پئجي نه سگهي ته هنن ٻنهي مان ڪنهن کي زياده پسند ٿو ڪري.

---

* طرز: جو تو پيد جالڪ، سٽن هيري".

زابلون: (شمعون ڏي اشارو ڪري) سائين، هي اوهان جو فرزند آهي نه؟

روبيل: سائين، پالي ته مون وڏو ڪيو اٿماس، ۽ هت سڏيندي به ايترا پيرا ننڍڙي پئي ڪيو اٿم، جو هاڻ ته ائين چوڻ ۾ شرم ٿي ڪونه ٿو ٿئيم.

زابلون: مون کي ڳالهه برابر سمجهه ۾ نٿي اچي.

روبيل: (ڪلي) سائين، هن جوان جي ماءُ شادي ڪئي، تنهن کان اڳي هوءَ هن کي مون مان ڄڻي ويٺي.

(رابون کلي ٿو) سائين، البت اوهان کي انهيءَ عيب جي ڪري مون تي کلڻ لاءِ واجبي سبب آهي.

زابلون: نه سائين، اهڙي عيب تي ڀلا ڇا کلبو، جنهن مان آخر ههڙو چڱو نتيجو نڪتو، ۽ ههڙو چڱو صالح اولاد پيدا ٿيو!

روبيل: پر سائين، مون کي حق حلال جو به هڪڙو پٽ آهي، جو هن کان وڏو ٿيندو، انهيءَ هوندي به هو مون کي هن کان وڌيڪ پيارو ناهي. جيتوڻيڪ هيءُ ڇوڪر، بيحيائي ڪري، اڳسڏيو هن دنيا ۾ ڪاهي آيو، تڏهن به ڳالهه سچي چئجي ته هن جي ماءُ نهايت حسين هئي، ۽ مون کي موهي ڇڏيو هئائين، تنهنڪري انهيءَ جي پٽ کي پنهنجي سڏڻ ۾ حرڪت ڪاهي. (پٽ کي) شمعون! خبر اٿئي ته هيءُ صاحب ڪير آهي؟

شمعون: نه سائين.

روبيل: بادشاهه جو خاص مقرب امير ”زابلون“! سندس نالو ڪين ٻڌو اٿئي؟ منهنجو معزز دوست آهي. هن ڪان پوءِ اها ڳالهه متان وساري اٿئي؟

شمعون: (سر جهڪائي) سائين، آءٌ اوهان جو نيازمند آهيان.

زابلون: آبا، تون مون کي پيارو آهين. آءٌ ڪوشش ڪري تو سان زياده واقفيت رکندس.

شمعون: سائين، آءٌ ڪوشش ڪري پاڻ کي زياده لائق ڪندس.

روبيل: هيءُ نوّ ورهيه ٻاهر گذاري آيو آهي، ۽ وري به ترت روانو ٿيڻو آهي. (ٻاهران قرناٽي جو آواز اچي ٿو.)

آواز: بادشاهه سلامت اچي ٿو!

(بادشاهه ”ايليا“ پنهنجن ٽنهي ڌيئن سميت لڳهي اچي ٿو. سائس ”جيشان“ جو بادشاهه ”ڪالاب“ ۽ جنجال جو بادشاهه ”منسا“، ۽ ڪي خدمتگار به اچن ٿا.)

بادشاهه: امير روبيل! وڃي ”آرميه“ جي بادشاهه ۽ ”قادس“ جي بادشاهه کي سلام ڏي، ۽ چئين ته اسين اوهان جي لاءِ منتظر آهيون، سو تون به سائن گڏ ٿيو اچجئين.

روبيل: حاضر سائين.

(روبيل ۽ سندس پٽ شمعون نڪري وڃن ٿا.)

بادشاهه: تيستائين اسين پنهنجي ڪجهه رٿ ظاهر ڪنداسين. اهو نقشو مون کي ڏيو. (نقشو وٺي، اڳيان رکي ٿو.) اوهان کي خبر هجي ته اسان پڪو ارادو

پنهنجيءَ تندرستيءَ، حسن ۽ عزت کان گهڻ پيارا ناهيو، جيترو اولاد تي مائٽ کي پيار ڪرڻ جو فرض آهي، ۽ جيترو پيءُ کي اولاد کان پيار جي اميد رکڻ گهرجي، اوترو آءٌ اوهان کي پيارو آهيان ٿي! مطلب ته منهنجي محبت اوهان ڏي حد کان زياده آهي- ايتري قدر، جو ڳالهه ڪرڻ کان ٻاهر آهي!

صوفيا: (منهن پاسي ڪري) ويچاري صوفيا ڪيئن ڪندي - بهتر آهي ته سچي محبت دل ۾ رکجي، ۽ زبان مان نه ڪڇجي.

بادشاهه: شاباس، بابا شاباس! (نقشي تي آڱر رکي) هاڻ هي سارو پرڳڻو، هن ليڪ کان وٺي هن ليڪ تائين تنهنجي ملڪ آهي، انهيءَ ۾ هي سڀ گهاٽا ٻيلا ۽ آباد ديهون، وهندڙ نديون ۽ ڪشادا ساوڪ وارا ميدان اچي وڃن ٿا. شل اهو ملڪ تنهنجي ۽ شاهه منسا جي اولاد جي هٿ ۾ گهڻي تائين آباد رهي! هاڻ زلفا، شاهه ”ڪالاب“ جي راڻي، تنهنجو وارو آهي- تو کي ڇا چوڻو آهي؟

زلفا: بابا، منهنجو حال به بلڪل اديءَ ملڪا جهڙو آهي: مون کي ته اوهان جي محبت ايتري گهڻي آهي، جيتري اديءَ ملڪا کي آهي. هن جيڪو بيان ڏنو، سو اصل منهنجيءَ دل وٺان هو- پاڻ گهڻو گهٽ چيو اٿس! حقيقت ڪري، دنيا ۾ جيڪي به ٻيون خوشيون آهن، سي مون کي مور پسند ناهن: جيتري خوشي منهنجي دل کي اوهان جي پيار ۽

محبت مان حاصل ٿي ٿي، اوتري ڪنهن به ٻئي سک مان نٿي ملي.

صوفيا: (منهن پاسي ڪري) هئي ويچاري صوفيا! — پر تنهن جو ڇا آهي: مون کي يقين آهي ته منهنجي دل جي محبت، زبان جي محبت کان گهڻو وڌيڪ آهي!

بادشاھ: آفرين! (نقشي تي آڱر گهمائي) هن ساري ملڪ جو ٽيون حصو، هنن حدن اندر، توکي ۽ تنهنجن وارثن کي بخش ٿو ڪريان. جيترو تنهنجيءَ وڏيءَ ڀيڻ کي ڏنو اٿم، اُنهيءَ کان وڌيڪ ڀاڱو ڪنهن به طرح - پکيڙ توڙي چڱائيءَ توڙي پسنديءَ ۾ - گهٽ ناهي. (صوفيا ڏي منهن ڪري) هاڻي منهنجي پياري ڌيءَ صوفيا، تون سڀ کان ننڍي آهين، پر گهٽ پياري ناهين. تنهنجي پيار جي لاءِ آرميا جو بادشاھ ۽ قادس جو بادشاھ ٻئي مٿا پيا هڻن ۽ اسان کي پيا مٿائين. تنهنجي لاءِ جيڪو ٽيون حصو بچايو ويو آهي، سو تنهنجن ڀينرن جي حصن کان زياده زرخيز ۽ پيدائش وارو آهي: چؤ، اُهيءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ تون ڇا ٿي چوين؟

صوفيا: ڪي به ڪين، بابا سائين!

بادشاھ! ڇا، ڪي به ڪين!

صوفيا: ڪي به ڪين!

بادشاھ: (غصي مان) ڪي ڪين مان حاصل به ڪي ڪين ٿيندو. ڏس، سنڀال ڪري وري به چؤ ته ڇا ٿي چوين!

صوفيا: سائين، آءٌ ڪا اهڙي ڪم اصيب آهيان، جو مون کي پنهنجي دل کٽي آئي زبان تي رکڻ مشڪل ٿي لڳي؛ جيڪي دل ۾ اٿم، سو وات سان پڌائي نٿي سگهان، جيترو مون تي فرض آهي، اوترو آءٌ اوهان کي پيار ڪريان ٿي - نڪي گهٽ، نڪي وڌ!

بادشاهه: هي ڇا ٿي چوين صوفيا؟ جيڪي ڳالهائين ٿي، سو ذرا سنڀالي ڳالهاءِ - متان لهي لڏڪي دولت هٿان وڃائين، پنهنجو چڱو نصيب پاڻ ڦٽائين!

صوفيا: والد بزرگوار، اوهان مون کي پيدا ڪيو آهي، مون کي پالي وڏو ڪيو آهي، مون کي پيار ڪيو آهي، انهيءَ جي لاءِ جيئن مون تي فرض آهي تيئن اوهان جي گهڻو شڪرگذار آهيان، اوهان جي فرمانبرداري ٿي ڪريان، اوهان جي محبت ٿي رکان، ۽ اوهان کي نهايت گهڻي عزت ٿي ڏيان. منهنجون ڀينرون ٿيون چون ته اسين بابي کي سڀني کان زياده پيارو ٿيون ڄاڻون: جي ائين آهي ته تڏهن ڇو مڙس ڪيا اٿن؟ جي مون ڪنهن سان شادي ڪئي، ته اهو ضرور اڌ محبت جو منهنجي دل مان ڇڪي ويندو، جيڪو منهنجي سر جو دعويدار ٿيندو، تنهن جي خدمت ۽ سنڀال ڪرڻ به مون تي اڌ فرض ٿيندو؛ آءٌ پنهنجن ڀينرن وانگي، اهڙي شادي ڪڏهن ڪين ڪندس، جنهن ۾ رکيو پنهنجي پيءُ جي محبت دل ۾ رکندس، ۽ لڪي مڙس جي، نڪي ڪنهن ٻئي عزيز خويش جي!

ٿيندو، تڏهن جي زابلون جهڙو غلام بي ادب ۽ بي حيا ٿيو ته ڪهڙي حرڪت آهي! (جوش مان) ٻڌا، تو سمجهيو ڇا آهي؟ تون ڀانئين ٿو ته ڏيءُ کي جيڪڏهن خوشامد پسند ايندي، ته انهيءَ ڪري ڪو ايماندار غلام حق چوڻ کان ڊڄي ويندو ڇا؟ جڏهن بادشاهه بنجي بي عقل ٿيندو، تڏهن سچ ڳالهائڻ بلڪل فرض آهي. هيءُ جيڪو فيصلو ڪرڻو اٿيئي، سو في الحال مهلت رک، ڪا سمجهه ڏار، ۽ چڱو ويچار ڪري، هن شيطاني تڪڙ کان پاڻ کي روڪ. آءٌ پڪ ٿو ڏيانءِ ته تنهنجي ننڍي ڌيءُ توکي ٿورو پيار نٿي ڪري - جي ائين نه هجي ته مون کي مارائي ڇڏج. دهل وانگي جيڪي وڄندا آهن، تن جو هميشه اندر خالي هوندو آهي ۽ جيڪي گهٽي ٻڪ ٻڪ نه ڪندا آهن، انهن لاءِ هرو ڀرو ائين سمجهڻ نه گهرجي ته اندر ۾ محبت ڪانهين.

بادشاهه: زابلون، آءٌ چوئين ٿو ته بس ڪر ۽ نه ته انهيءَ دم ساهه ٿو ڪڍئين!

زابلون: منهنجو ساهه ويو ته حرڪت ڪانهي، تون ته سلامت رهه: مون هميشه پنهنجو ساهه توتي صدقي ڪرڻ لاءِ، ۽ تنهنجن دشمنن سان وڙهڻ لاءِ پئي سنبرايو آهي.

بادشاهه: نڪري وڃ ٿري وڃ منهنجي منهن تان!

زابلون: مه ئين منيال ڪر، متان پوءِ پشيمان ٿين. ڇڏ ته ڀلي آءٌ تنهنجين اکين آڏو هجان!

بادشاهه: (ڪاوڙ ۾) هن کي ڪٿي ڪنهو آهي! آءٌ قسم ٿو کڻان ته...

زابلون: آءٌ قسم ٿو کڻان ته تون رکيون بيهوديون ڳالهيون پيو ڪرين!

بادشاهه: (ڏاڍيءَ ڪاوڙ ۾، ترار جي ڪرڙيءَ ۾ هٿ وجهي) بيهه، ڪمبخت شيطان! (ڪالاب ۽ منسا اٿي جهليس ٿا.)

ڪالاب: سائين، معاف ڪريو!

منسا: سائين، رحم ڪريو!

زابلون: مون کي ڇا آهي - ڀلي پنهنجي طبيب کي ماري وجهه، ته تنهنجو مرض زور وٺي! ورهاڱي جو جيڪو حڪم ڪيو اٿئي، سو رد ڪر، نه ته جيستائين منهنجي نڙيءَ ۾ سگهه هوندي، تيستائين آءٌ رڙيون ڪري به توکي پيو چوندس ته هيءَ بڇڙي ٿو ڪرين!

بادشاهه: (ٿورو ٺري) ٻڌ، لعنتي ٻڌ: تو اسان تي پنهنجي ڪمل انجام ڏيڻ لاءِ هيترو زور ڪيو آهي - اسان اهڙيءَ طرح اڳي ڪڏهن ڪيل حڪم نه ڦيرايو آهي ۽ اجائي هوڏ ۽ مغروري ڪري، تو اسان کي پنهنجي حڪم جي تعميل ڪرڻ ۾ روڪ ڪئي آهي، جنهن جو برداشت ڪرڻ اسان کي مناسب ناهي، ۽ نه اسان جي طبعيت اهڙيءَ اجائيءَ هلت تي هريل آهي، تنهڪري آنهيءَ جي بدلي ۾، توتي هيءَ سزا جو حڪم جاري ڪريون ٿا ته پنجن ڏينهن جي اندر پنهنجي گهرج پٽڻ لاءِ ضروري ٺهر

ھاڻ سان ڪن، ۽ ڇھن ڏينھن اسان جي ملڪ مان نڪري وڃ، جي ستين ڏينهن اسان جي باد شاهيءَ ۾ ڪٿي ٻه، تون ڏسڻ ۾ آئين ته انهيءَ دم تنھنجي سسي اُڏڙ ڪان ڌار ڪئي ويندي!... نڪر هتان، نياڳا ڪمبخت!... آءٌ قسم ٿو کڻان ته اهو حڪم آءٌ ڪڏهن ڪين ڦيرائيندس!

زابلون: چڱو سائين، ٺھيو. (ڳائي ٿو)

آيو ڪوڙو زمانو، اي مهربانو، رهجو خبردار! *
ڪري سچ جو بهانو، هرڪو ديوانو، رهجو خبردار!
ڪـوڙ ڪـُساڪ ڪپت پيا دنيا ۾ ڪاهـي،
ڪھاري سو هن ڏيه ۾، جيءَ جنهن جـو چاهي؛
لـٽ ٿيندو ويرانو، آبـاد خانـو ـ رهجو خبردار!
جهسين قسمت هئي هيتي، سڀ سان ڪيو مون چاهه،
راجا خواهه پرجا مٿان، صدقي ڪيو مون ساهه:
هاڻي ٿيان ٿو روالو، پيوس بيگانو ـ رهجو خبردار!

(ٿورو ساٿ ڪري، هيٺيان بيت نثر وانگي پڙهي ٿو.)

خـدا حافـظ، اي "ايليا" بادشاهه،
رکيم ساري عـمـر تنهنجو چاهه.
جڏهن هاڻي تنهنجو ٿيو اهڙو حال،
حضوريءَ ۾ تنهنجي جيئڻ ٿيو جنجال.
گذارڻ هتي هاڻ ٿيو مون کي بند،
وطن ڪان ٻـ پرديس آهي پسند،
(شهزاديءَ صوفيا کي)

---

* راڳيڻ 'ماند'؛ طرز: "موري غم ڪا ترانا سنئي فسانا"

تون، اي شهزادي سچي، ”صوفيا“،
رھين شل امن ۽ چمن ۾ سدا.
آھي دل ۾ نت تنھنجي صلح و صفا،
سچائيءَ جو ڏئي اجر توکي خدا!

(ملڪا ۽ زلفا کي)

او ھان پڻ ڪيا ھت جي لمبا ڪلام،
ڪريو شل سکيرا آھي سڀ تمام!
ٻڌي خلق کي ٿئي انھيءَ جي خبر،
محبت مان نڪرن ٿا ڪھڙا اثر!

(سڀني ڏي ھٿ کڻي)

ڪري ٿو ھي ”زابل“ سڀن کي سلام،
اي شاھو، اميرو، سڀئي خاص و عام!
ٿيو ھن کي ڏيريءَ ۾ پرديس پنڌ،
قضا ڪان ڪيڏي ٿو سگھي ڪير ڪنڌ؟

(نڪري وڃي ٿو. سگھوئي ”روبيل“، ”آرميہ“ جي بادشاھ ۽ ”قادس“ جي بادشاھ سان گڏيو اچي ٿو. پٺيان خدمتگار به اچن ٿا.)

روبيل: حضور، آرميہ جو بادشاھ ۽ قادس جو بادشاھ ٻئي حاضر آھن.

بادشاھ: شاھ ”ھاران“، تون ۽ آرميہ جو بادشاھ، منھنجيءَ نندي ڌيءَ جي ٻانھن ٿا گھرو. ڀلائي ڪري، ٻڌايو تون ٻڌاءِ تہ ٿوري ۾ ٿورو ڪيترو ڏاج تون ھن سان وٺندين، يا پنھنجيءَ دعوا کان دست بردار ٿيندين؟

صوفيا! اي منهنجي بابي جون لاڏيون ڌيئون، هيءَ نماڻي صوفيا، هنجون هاري، اوهان ڪان موڪلائي ٿي. مون کي اوهان جي طبعيت جي چڱي خبر آهي. پيءُ ٿي ڪري، مون کي مناسب نٿو اچي ته اوهان جا عيب ويهي ڦوليان. (روئي) بابو سائين پرتو آئون و ڳچاري کي مٽڪي رکجو، پيريءَ ۾ ڪا تڪليف ڪانه ڏجوس! جيئن پنهنجي وات سان قول قرار ڪيا آئون، تيئن پيار ڪجوس ۽ عزت ڏجوس. مون سان ڏاڍي خاطري هولدي هيس، تنهنڪري منهنجي دل ٿي ڪري، هو ڪنهن ٻئي بهتر هنڌ رهي ها ته چڱو هوا... داديون، هاڻ خدا کي پرتيون آهيو!

زلفا: ادي، اسان کي عقل نه سيکار—اسان کي پنهنجن فرضن جي هاڻ خبر آهي!

ملڪا: تون پنهنجي گهرواري کي خوش رکڻ جي ڳڻتي ڪر، جنهن کي تون خيرات ملي آهين، اسان جي ڳڻتي نه ڪج. تو نافرماني ڪري پاڻيهي پاڻ سان جٽ ڪئي آهي، سو پنهنجو ڪيتو پاڻ پيئي لوڙ!

صوفيا: پاڻيهي ڪم ٻئي ڪنڌ پولدي، ڏينهن ٻئي خبر پولدي ته ظاهري لباس ڪرڻ وارا ليٽ کهڙا رنگ ٿا ظاهر ڪن، جيڪي اندر ۾ هڪڙي ۽ ٻاهر ٻي رکندا آهن، سي آخر خوار خراب ٿيندا آهن. شل سدائين سک ڏسو!... هاڻ اللہ واهي.

ادروس: آءُ، پياري صوفيا، آءُ. (ٻئي لڪري وڃن ٿا.)

ڪنهن مهل ويهي پاڻ ۾ صلاح ڪريون، جي ٻاهو اهڙي طبعيت رکندو ۽ اهڙا حڪم هلائيندو ته وڏيڪ ليو حصوملڪ جو جيڪو اسان کي ڏنو اٿس، تنهن جي نظر تي اسان سان ڏاڍيون جٺيون ڪندو!

زلفا: ضرور، صلاح ڪري، انهيءَ جو ڪو ٻيلو ڪنديونسين.

ملڪا: ٻيلو ڪجي ته ڪجيءَ ۾ ڪرڻ گهرجي.
(نڪري وڃن ٿيون.)

## پردو پيون

امير روبيل جي جاءِ جو صفو

(شمعون ڳائي رهيو آهي)

آهي هرڪنهن کي حيراني، ڙي! *
هرڪو سمجهي آئم آءٌ آهيان، ڪونهي منهنجو ثاني، ڙي...
هوندس عيب هزار اندر ۾، پاهر شڪل شهاني، ڙي...
بخت لڳي پوءِ ڪهڙي پرواهه، حالت هوئي حيراني، ڙي...
ذات ڪذات کي ڪير پڇي ٿو، فهم ڪهي فرماني، ڙي...
دنيا ۾ خوش سوئي گذاري، عقل رکي لقماني، ڙي...

(ٿورو مات ڪري، پوءِ چوي ٿو)

شمعون: جهان جي گنديءَ رسم ۽ خراب رواج جي ڪري ڪو آءٌ نقصان سهندس ۽ عذاب ڪائيندس ڇا؟

---

* راڳ ”ڪالنڱڙو“. طرز: ”ڪيا ہنسي ٻاپ لمائي دي“

منهنجي پاڻ ڪان پارهن - تيرهن مهينا ننڍو ٿي پيس، ته ڇا ٿيو؟ ڇو، - حرامي پٽ آهيان؟ ڇا لاءِ، - ڪمينو آهيان؟ منهنجو ڏيل حلالي پٽ جهڙو ناهي، منهنجي شڪل شباهت انهيءَ جهڙي چڱي پوري ناهي، منهنجي دل انهيءَ جهڙي مهربان ۽ نرم ناهي! ڪهڙي سبب ماڻهو اسان کي ڪمينو ٿا سمجهن! ڪمينو، اڇ - ڇاڻو، حرامي! چڱو، حلالي شمسون، مون کي مڙئي تنهنجي ملڪيت ۽ تنهنجي جاگير هٿ ڪرڻي آهي! باپ جي حراميءَ پٽ ساڻ به ايتري ئي دل آهي، جيتري حلاليءَ پٽ ساڻ؛ (کيسي مان هڪڙو خط ڪڍي ٿو) حلالي، حلالي!... چڱو منهنجا حلالي، جي هي خط ٺپيو تو وڃي، ۽ منهنجي تجويز ٻڪڙي اٿي وڃي، ته پاڻيهي ڪمينو ۽ حرامي شمعون، اشراف ۽ حلالي شمسون ڪان گوءِ کڻي ويندو... ڪمينن ۽ نڌڻڪن جو مددگار خدا آهي!

(اتي امير روبيل لنگهي اچي ٿو)

روبيل : (پنهنجي منهن) امير زادن کي شهر - ايڪالي ملي ويئي، آرميہ جو بادشاهہ ڪاوڙجي هليو ويو، ايليا بادشاهہ اڄ رات هتان ڪوچ ڪري سفر تي لڪتو، تاج تخت ۽ حڪم اختياري سڀ ٻين کي ڏيئي، پاڻ ماهيانو قبول ڪري ويهي رهيو - هي سڀ ڳالهيون هڪ لحظي جي اندر ٿي ويون! (پٽ کي ڏسي) ڪيئن شمعون، ڪهڙي خبر آهي؟

شمعون : پيو سڀ خير آهي. (خط لڪائي ٿو)

روبيل: ڇو تو اهو خط لڪائين؟

شمعون: سائين، ٻي سڀ خير جي خبر آهي.

روبيل: اهو ڪهڙو ڪاغذ ٿي پڙهين؟

شمعون: سائين، خير جو ڪاغذ آهي - ڪي ٻ، ڪينهي.

روبيل: نہ نہ، - تڏهن تڪڙ تڪڙ ڪري ڪٿي ڪيسي ۾ وڌءِ! خير جو هو، يا ڪي ٻہ ڪين هو، تہ لڪائڻ جو ڪهڙو ضرور هو؟ ڏيکار، ڏيکار، ڏسون تہ ڇا آهي - جي ڪي ٻہ ڪين هوندو، تہ پوءِ مون کي عينڪ وجهڻ جو ٻہ ضرور ڪو نہ ٿيندو.

شمعون: سائين، مهرباني فرمائي، مون کي معاف ڪريو، اهو ادي جو خط آهي، جو اڃا مون پڙهي پورو ڪين ڪيو هو، پر جيترو پڙهيو اٿم، اوترو اوهان جي ڏيکارڻ جهڙو ناهي.

روبيل: ڏي، ڏي مون کي اهو خط!

شمعون: ڏيندس، تہ ٻہ آءٌ پاڻ تي خفو کڻندس، نہ ڏيندس، تہ بہ، جيڪي منهنجي سمجهہ ۾ آيو آهي، انهيءَ مان معلوم ٿو ٿئي تہ خط جو مضمون چڱو ناهي.

روبيل: ڏيکار ڏيکار، سگهو ٿيءُ!

شمعون: سائين، آءٌ پانيان ٿو تہ ادي جي نيت چڱي هئي؛ هن خط لکڻ مان شايد سندس مطلب هو تہ منهنجي سچائي ۽ نيڪيءَ جو امتحان وٺي.

روبيل: (خط وٺي پڙهي ٿو) "هيءُ جيڪو زماني جو دستور آهي، جنهن موجب پيرمردن کي مانُ ۽ آبرو

آهن، پر، هن مضمون جي نظر ۾، جي اهي اکر سندس ۾ ني هون، ته ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالهه آهي!
روبيل: نه نه، اکر ته پڪ سندس هٿ جا آهن.
شمعون: اکر ته سندس هٿ جا آهن، پر ٻيو مضمون سندس دل جو نه هجي!
روبيل: اڳي ڪڏهن ڪا توسان هن اها ڳالهه چوري آهي؟
شمعون: ڪڏهن ڪانه. پر، گهڻا ڀيرا مون ڳالهين ڪندي اهڙي راءِ ڏيکاري اٿس، ته جڏهن پٽ جوان ٿين ۽ پيئر پوڙها ٿي وڃن، تڏهن پيئرن کي گهرجي ته ڪاروبار پٽن جي حوالي ڪن، ۽ پاڻ انهن جي رکو نظرداري ڪن.
روبيل: نالائق، بدمعاش، ڪوڙو، لفنگو! تڏهن خط ۾ به هڪ ئي پڪ اهائي ڳالهه هوندي! بدغضي، حاسد، ڪوڙو، گندو حيوان- بلڪ حيوانن کان بدِ ويل! اڙي، وڃي ڳولي هٿ ڪرينس- آءٌ هن کي چڱي سيکت ڏيندس! غليظ! پلا، هو آهي ڪٿي؟
شمعون: سائين، مون کي پڪ ڪانهي. جيڪڏهن اوهان جو خيال اڻون آهي ته اوهين هن کي هيسائي ۽ دٻائي سندس دل جو حال معلوم ڪري سگهندا، ته اوهان کي انهيءَ لاءِ ڪو بيو چڱو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن هن جي مقصدن کي غلط سمجهي هن تي سختي ڪئي ويندي ته يقيناً اوهان جي عزت ۾ رخنو هڪ طرف پوندو، ۽ ٻي طرف هو نافرمان ٿيندو. آءٌ هن لاءِ پنهنجي

حيالي‌ءَ جو شرط پڌڻ لاءِ تيار آهيان، ۽ يقين سان چوان ٿو تہ هن رکو منهنجيءَ محبت کي پرکڻ لاءِ، ۽ نہ ڪي ڪنهن بد ارادي، سان مون ڏانهن هي خط موڪليو آهي.

روبيل: چا، تنهنجو اهو خيال آهي؟

شمعون: جيڪڏهن اوهان کي اعتبار نہ اچي تہ اجازت ڏيو تہ آءٌ اوهان کي اهڙي هنڌ لڪائي ويهاريان، جتان اوهان هن باري ۾ اسان ٻنهي جي ڳالهہ ٻولهہ چڱيءَ طرح ٻڌي، خاطري ڪري سگهو، دير ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي، رکو اوهان جو حڪم ملي، تہ اڄ شام جوئي آءٌ ملاقات جو انتظام ڪري سگهندس.

روبيل: ليڪن هو اهڙي حرڪت ڪڏهن بہ نٿو ڪري سگهي!

شمعون: نہ سائين، پڪ نہ.

روبيل: سو بہ پنهنجي پيءُ سان، جيڪو هن کي ايتري قدر پيار ٿو! شمعون، هن کي ڳولي هٿ ڪرينس، مون کي هن تائين پهچاءِ ضرور! تون پنهنجيءَ سمجهہ ۽ عقل آهر وڃي بندوبست ڪر، آءٌ انهيءَ ڪتراڪ ۾ پوڻ نٿو گهران.

شمعون: سائين، اوهين تسلي ڪريو، آءٌ اجهو ٿو وڃي ڳولي هٿ ڪريانس، ۽ سارو بندوبست پورو ويهاري، پوءِ اوهان کي اچيو ٿو اطلاع ڏيان.

روبيل: ڪهڙو نہ خراب زمانو اچي ويو آهي! هن ڪذريل سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ سان برابر خير ڪو نہ ٿو ڏسجي. ڀلا ڪهڙا ٿي حڪم اهڙن ڳالهين جا سبب ۽ دليل

آءٌ ڪهڙو پلستر ۽ ٻُورن ڏينهن جو ٿيو آهيان؟ - اهڙي ڪل جهڙي ڪا ڳالهه، پيءُ! جي منهنجي جنم مهل ڪهڙو به سعد تارو، ڪهڙي به چڱي بُرج ۾ هجي ها، ته به آءٌ ته اهڙو ٿي ٿيان ها، جهڙو هاڻ آهيان.

(ٿورو ماٺ ڪري، ويهي ٿو ۽ ڳائي ٿو)

واه زماني جا کيل، رنگ تو ڏيکاري، رسيلا! *
ويلَ ڪنهين ڪنهن کي، تخت ويهاري، وي،
ٻئَ هٿي ڪنهن ويل - رنگ...
ٻاروَ ٻرار به هو، جو ٿي شهنشاهه، وي،
آهي گداگر هيلَ - رنگ...
خاڪ ملين ٿو تون، ٻاڻ تي اڄ، وي،
ميان تيل قليل، رنگ...

(اٿي شمعون اچي ٿو، تنهن کي ڏسي) اڄهو، اچي ٿو، چڱي، مهل تي اچي نڪتو آهي. هاڻ ڳالهه لٽايان ته چڱو. هنن گرهڻ مان خير ڪونه ٿو ڏسجي. يا خدا، خير ڪر! ”سا، ري، گا، ما“...

شمسون: ڪيئن، ادا شمعون، اڄ ڪهڙا خيال پيو پچائين؟

شمعون: ادا، آءٌ هيءَ ڏينهن ڪٿي پڙهيو هوم ته هن گذريءَ سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ جا فلاڻا فلاڻا اثر ظاهر ٿيندا - ڪنهن نجوميءَ لکيا هئا - آنهن تي پئي خيال ڪيم.

شمسون: اهڙين ڳالهين جي به ڳڻتي رکندو آهين ڇا؟

---

* راڳ 'جهنگلو' طرز: ”پانڌي ڪيون جنهه ي لي دور“.

شمعون: ادا، سچ ٿو چوان ته جيڪي ڳالهيون هن لکيون هيون، انهن مان گهڻيون اڃا پوريون ٿيون آهن - جهڙوڪ مائٽ ۽ اولاد جي وچ ۾ نفاق، سوٽ، ڏڪار، هڪن دوستن جي وچ ۾ ناسازي، ملڪ ۾ فساد ۽ دنگا، ماڻهن ۾ اجائي بي اعتباري، مڪرن ۽ چڱن ماڻهن جي شهرنيڪالي، سپاهين جي ابتر حالت، زال - مڙس جي وچ ۾ جهيڙا ۽ جدايون - چا چئي چا چوان!

شمسون: مار، ڪڏهن ڪان وٺي اجو مي ٻنيو آهين؟

شمعون: پلا، ادا چڏ انهيءَ ڳالهه کي، بابو ڪو ڪٿي توکي ڪڏيو؟

شمسون: هائو، اڄا رات ڪڏيو هوم.

شمعون: تو ڪي ماڻس ڳالهايو؟

شمسون! هائو، سچا ٻه ڪلاڪ.

شمعون: ٻي ڪاوڙ ته ڪانه ڏٺيس - منهن مان يا ڳالهائڻ مان؟

شمسون: بلڪل ڪانه.

شمعون: ادا، آءٌ ڀانيان ٿو ته هو ڪنهن ڳالهه تان توسان خفي آهي، انهيءَ جي ڀلائي ڪري سنڀال رکجئين، ۽ جيسين سندس ڪاوڙ جهڪي ٿئي، تيسين سندس منهن تي نه چڙهين ته چڱو آهي. مون کي پڪ آهي ته هو هينئر توتي ڏاڍو چڙيل آهي، ۽ جي توکي ڏسندو ته ڀاڻ وڏيڪ چڙندو.

شمسون: سو ڇو؟ تڏھن ڪنھن حرامخور مون سان ڪو وير پاريو آھي!

شمعون: آءٌ ڀاڻ ائين ٿو سمجھان. ڀلا ٿي ڪري ڀاڻ کي روڪي، سندس سامھون نہ وڃ - جيسين ڪ سندس چڙ ڍري ٿئي. مون سان گڏجي منھنجيءَ جاءِ تي ھل، آتي آءٌ اھڙي تجويز ڪندس تہ جيڪي بابو چوندو سو تون ويٺو ٻڌندين: وڃ، ادا وڃ - ھيءَ منھنجي جاءِ جي ڪنجي اٿئي. (ڪنجي ڏئيس ٿو) آءٌ تنھنجي پٺيان ٿو اچان. جي ٻاھر نڪرين، تہ ضرور ڪو ھٿيار ڀاڻ سان کڻجئين!

شمسون: ھٿيار ڀاڻ سان کڻان! - سو ڇو؟

شمعون: ادا، آءٌ توکي خيرخواھيءَ ۽ ڀائپيءَ جي صلاح ٿو ڏيان. جي منھنجي نيت توڏي صاف نہ ھجي، تہ شل ٻچڙو ۽ بي ايمان ٿيان! اجا جيڪي مون ڏٺو ۽ ٻڌو آھي، سو توکي ذري پرزي نہ چيو اٿم، نہ تہ جيڪر ڏاڍو ڊپ ٿيئي. توري چئي کي گھٽو جاڃ. ڀلا ٿي ڪري، وڃي ھل.

شمسون: وري تہ تون سگھو مون کي ملندين نہ؟

شمعون: اجھو ٿو اچان. ھن ڪم ۾ جيڪا چڱائي تنھنجي لاءِ مون کان ٿي سگھي، سا آءٌ ڪندس.

(شمسون نڪري وڃي ٿو)

(ڪلي) پورڙو ۽ سادو ٻيءُ، صافدل ۽ ڪم آزار ڀاءُ، جو ڀاڻ اھڙو چڱو آھي، جو ھن کي ٻيءَ ڪنھن ہ خرابيءَ جو شڪ ڪو نھي! اھڙن پورڙن اشرافن تي

منهنجي لکي ۽ چالاڪي اثر ڪري سگهندي. هاڻ مون ۾ منهنجي ڪم ڪي چڱيءَ طرح سهي ڪيو آهي. جي بابي جو ورثو ۽ تـرڪو مون کي پنهنجائيءَ جي حق ۽ حجت تي نہ ملندو، تہ آءٌ آهي، منهنجو عقل ويڙهائي پاڻيهي وٺندس: جنهن بہ اپاءَ سان مون کي منهنجو مطلب حاصل ٿيندو، آهو هلائيندس، ڪندس ڪم!

(ٿورو ماٺ ڪري، ڳائي ٿو)

قسمت منهنجي آهہ قوي اڄ، *
بخت منڊم سوڀارو آهہ!
اڄ تان قدرت سان قادر جي،
غالب منهنجو ستارو آهہ.
طالع منهنجو سهر سان تنهنجي،
سَرَدن ۾ سوچارو آهہ.
هيسين تائين آءٌ هوس ندارد،
هاڻ تہ منهجو وارو آهہ.
آءٌ مزي سان موجون ماڻان،
هر جا خوب نظارو آهہ.
ڪم پڌان هاڻ همت جي آءٌ،
آڏو تان جڳ سارو آهہ.
اڪل عقل هلايان پنهنجو،
ايءَ چڱو پڻ چارو آهہ.

---

* راڳ 'ڪؤلسيو' يا 'سارنگ'.
طرز: "سنُن مهاراجا خوش هو من ۾".

پيا ڳپ نيا ڳپ تيو مالڪ هٿ،
آن جو عجب اشارو آهه.
ڪوشش لازم آهي اسان تي،
تنهن جي سبب سدارو آهه.
(لڪري وڃي ٿو.)

## پردو ٽيون

"جلجال" جي بادشاهه جي محلات جو هڪڙو ڪمرو.

(شاهزادي "ملڪا" ۽ سندس "خانسامان" اچن ٿا)

ملڪا: برابر، بابي منهنجي ماڻهوءَ کي سندس مسخريءَ سان ڳهٽ- وڏ ڳالهائڻ جي ڪري ماريو هو ڇا؟

شمشاد: برابر ماريو هو.

ملڪا: خدا جو سنهن، بابو هاڻ مون کي ڏاڍو هلاڪ ٿو ڪري: گهڙيءَ گهڙيءَ هڪڙو نه ٻيو اهڙو ڪم ٿو ڪري، جو اسان کي بيزار ڪيو ڇڏي- اهڙي تڪليف آءٌ اڪيلي سهي ڪين سگهنديس! سندس سوار هميشه ڏمچر مچايو ويٺا آهن، ۽ اسين جي ٿوروئي ڪٿي چئون، ته اسان کي ٿو ڀاڻ ڇينڀي! هاڻ جڏهن شڪار تان موٽي ايندو، تڏهن آءٌ ساڻس مور نه ڳالهائينديس- تون چئجينس ته آءٌ بيمار آهيان. اوهين سڀ جيتري سنديس

خدمت اڳي ڪندا هئو، هاڻ انهيءَ ڪان گهٽ ڪجوس ـ اوهان جي اهڙي قصور جو آءٌ پاڻيهي جواب ڪنديس.

شمشاد: حضور، پاڻجي ٿو ته بادشاهہ اچي ٿو ـ قرناءِ جو آواز پيو اچي.

(قرناءِ جو آواز ۽ ٻاهران اچي ٿو.)

ملڪا: تڏهن هاڻ اوهين سڀ نوڪروجي، شوخيءَ ۽ بيپرواهيءَ جهڙو رخ ڪري، ويهي رهو، پلي ته اها ڳالهہ وري ڇڙي. جي انهيءَ ڪري بابي کي هتي رهڻ پسند نہ اچي، ته اديءَ "زلفا" ڏي هليو وڃي ـ مون کي خبر آهي ته اديءَ جي بہ ساڳي مون جهڙي راءِ آهي. اسين ٻئي تي حڪم هلائڻ ڪين ڏيندي يونسين: ٻڍي کي سمجهہ آهي پوري ٿني، پاڻئي ٿو ته اجا آءٌ بادشاهہ آهيان، ۽ جيڪي اختياريون هتان ڇڏي ڏنيون اٿس، سي پاڻئي ته پيو هلايان! پر، ڪراڙن ۽ ننڍڙن ٻسمجهہ ٻارن جي وچ ۾ ڪو بہ تفاوت ڪونهي، مهل ڏسي هنن کي جس شاباس ڪجي، ۽ جهڻڪيو بہ وڃ، جيڪي سمجهايو اٿمئين سو ياد رکج.

شمشاد: حاضر حضور.

ملڪا: ۽ سندس سوارن ساڻ بہ اوهين سنئون منهن ڏئي نہ ڳالهائجو! انهيءَ مان ڪو تڪرار جاڳيو ته حرڪت نہ آهي. منهنجي پاڻ مرضي آهي ته اهڙو ڪو وجهہ ملي ته انهيءَ ڳالهہ جو هڪواري فيصلو

ڪري ڇڏجي، پنهنجن سنگتين کي انهيءَ بابت سمجهائي ڇڏ. آءٌ وڃي ٿي اديءَ ڏي لڪان، ته اها ٻـ سون واري رت ڪري. وڃي هاڻ مانيءَ جي تياري ڪر. (لڪري وڃن ٿا.)

## باب چوٿون

### ساڪيءَ محلات جو صفو

(امير 'زابلون'، بدليل ويس ۾، ڳائيندو اچي ٿو)

ڏکن سون کي وڌو ماري، سکن کي دل سنياري ٿي!*
ڦري در در ديواني ٿي، وتي هر هر ڪندي زاري،
ڪري فرياد رانو ڏينهن، اکين مان نير هاري ٿي.
سکي منهن کي ميٽي هردم، وسائي سر مٿي واري،
ڪٿي غم ۽ تماشا نيڻ، نيت وانون لهاري ٿي.
وطن ڪان هاڻ وڇڙيس آءٌ، جدا ٿيس جانبن ڪان پڻ،
وري ملنداسين ڪيئن موٽي، اها ڳڻتي ٻـ ڳاري ٿي.
ڇڏيوسين هاڻ اميريءَ کي، قبوليسين فقيري اڄ،
عجائب رنگ، هي دنيا، ڏکوين کي ڏيکاري ٿي.

زابلون: (پاڻ کي) جيئن پنهنجي شڪل پوريءَ طرح بدلائي اٿم، تيئن جي آءٌ پنهنجو آواز ۽ ڳالهائڻ ۽ ڍول ٻ بدلائي سگهان، ته منهنجيءَ ڇڪيءَ نيت جي ڪري

* راڳ 'ضلع'.
"تمنا سير گلشن کي تو بهي صياد باقي هين".

جيڪر اهو مطلب حاصل ٿي پوي، جنهن لاءِ پنهنجي صورت بدلائي اٿم. (ٻاهران قرناءِ جو آواز اچي ٿو) اي لوڊيل زابلون، هاڻ مهل اٿئي: جيڪو توکي ڏکاري ٿو، تنهن وٽ اهڙي نوڪري ڪر، جنهن ڏٺيءَ تان تون هيترو ساهه قربان ڪرين ٿو، تنهن جي ڀلي ڀاڻ جيتري گهٽي خدمت ۽ چاڪري ڪري سگهين، اوتري ڪر.

(اتي بادشاهه "ايليا"، سندس سوار ۽ نوڪر گهڙي اچن ٿا.)

بادشاهه: ڇو مانيءَ ۾ هيتري دير ٿي آهي؟ مون کي ذرو به ترسڻو ناهي! ... اڙي، وڃي کو مانيءَ جو سعيو ڪري! (هڪڙو نوڪر نڪري وڃي ٿو. زابلون کي ڏسي)، اي تون ڪير آهين؟

زابلون: ماڻهو، سائين.

بادشاهه: ڪم ڪهڙو ڪندو آهين ۽ اسان کي ڇا ٿو چوين؟

زابلون: جهڙو ڏسجان ٿو، اهڙو ڪم ڪندس: يعني جيڪو مون ۾ ويساهه رکندو، انهيءَ جي خدمت سچائيءَ سان ڪندس، جيڪو ايماندار ۽ سچو هوندو، تنهن تان جان قربان ڪندس، دانا ۽ ٿورڳالهائو هوندو، تنهن سان محبت ڪندس، حڪم ۽ انصاف کان ڏپ رکندس، لاچاريءَ مهل وڙهندس، ديني وهم ۽ ڀرم ڪونه رکندس.

بادشاهه: ڀاڻ ڪير آهين؟

زابلون: آهيان تہ تمام ايماندار ۽ صاف دل ماڻهو، مگر غريب سو بادشاهہ جهڙو آهيان!

بادشاهہ: جهڙو هو بادشاهن ۾ غريب آهي، اهڙو جي تون رعيت ۾ غريب آهين، تہ پوءِ تو جهڙو مفلس پيو ڪو ٿورو هوندو! هاڻ ٻڌاءِ تہ ڇا گهرجيئي؟

زابلون: نوڪري۔

بادشاهہ: ڪنهن جي نوڪري ڏيندين؟

زابلون: سائين، اوهان جي۔

بادشاهہ: تون منهنجو واقف آهين ڇا؟

زابلون: نہ سائين، پر اوهان جي منهن ۾ مون کي آها شئي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهنڪري اوهان کي ڏٺي ڪرڻ ۽ سڏڻ لاءِ منهنجي دل ٿي ڇڪي ڏئي۔

بادشاهہ: آها ڪهڙي شئي آهي؟

زابلون: ڏَيا ۽ حشمت۔

بادشاهہ: ڪهڙي نوڪري ڏيندين؟

زابلون: نيڪ صلاح ۽ مشورت ڏيندس، سواري ڪندس، ڊوڙندس، منجهيل ڳالهہ صاف طرح سمجهائي سگهندس، ۽ ڪو بہ رواجي پيغام صفا لفظن ۾ پهچائي سگهندس۔ جيڪا لياقت عام ماڻهو رکن ٿا، سا آءٌ بہ رکان ٿو۔ پاڻ محنت ۽ ڪشالي ڪرڻ ۾ آءٌ گهڻن کان وڌيڪ هوندس۔

بادشاهہ: عمر ڪيتري اٿئي؟

زابلون: اهڙو جوان بہ ناهيان، جو ڪنهن زال جي مٺي آواز تي سوهجي وڃان، نڪي اهڙو ڪراڙو آهيان،

جو زن مُريد ٿي ويھي رھان- اليتاليھن ورھين جو ٿيندس.

بادشاھ: چڱو، اچ مون سان، جي ماڻھوءَ ڪاڏي ڪان پوءِ بہ تون مون کي اھڙو پسند آئين، جھڙو ھاڻي آھين، تہ تڏھن توکي پاڻ وٽ نوڪر رکندس. اي، ماڻي آليو، ماڻي- جلدي، جلدي! منھنجو مسخرو ڪٿي آھي؟ اي، تون وڃي سڏي اچينس.

(ھڪڙو نوڪر نڪري وڃي ٿو، ۽ "شمشاد" لنگھي اچي ٿو.)

اڙي، اڙي، منھنجي ڏيءُ ڪٿي آھي؟

شمشاد: سائين، مون کي "اڙي- اڙي" نہ چؤ، مون کي معاف ڪريو! (اُٿين چئي، نڪري وڃي ٿو.)

بادشاھ: ھي احمق ڇوي چا ٿوا... سڏي وٽ انھيءَ حرامزادي کي! (ھڪڙو سوار نڪري وڃي ٿو.) اي، مسخرو ڪٿي، منھنجو مسخرو؟ سڀ سُتا پيا آھن ڇا! (سوار وري اچي ٿو.) ڪيئن، ڪٿي آھي اھو پوُ ڪ؟

سوار: حضور، ھو چوي ٿو تہ شاھزادي، اوھان جي ڀيائي، بيمار آھي!

بادشاھ: جڏھن انھيءَ حراميءَ کي مون سڏيو، تڏھن مون وٽ ڇو موٽي ڪين آيو؟

سوار: حضور، ھن صاف جواب ڏنو تہ آءٌ ڪين ايندس.

بادشاھ: ڪين ايندس!

سوار: قبلا، خبر ناھي تہ ھن ڇا سمجھيو آھي، باقي آءٌ سو

سمجهان ٿو تہ حضور جي جيڪا خوشامد ۽ آدر ڀاءُ اڳي ڏيندو هو، سو ڪونهي-لڪو لوڪرن ۾ آهو شوق ۽ چاهہ ٿو ڏسجي، نڪو بادشاهہ ۽ شاهزاديءَ ۾.

بادشاهہ: برابر، تون ائين سمجهين ٿو ڇا؟

سوار: حضور، مون کي انهيءَ جي پڪ آهي. جڏهن آءٌ حضور جي نسبت ۾ ڪا عزت آبروءَ جي ڪوتاهي ٿو ڏسان، تڏهن سچي ڳالهہ ظاهر ڪرڻ پاڻ تي فرض ٿو سمجهان.

بادشاهہ: مون کي بہ اهڙو شڪ ٿو ٿيو. ٿوري وقت کان مون کي بہ انهيءَ جي بيپرواهي معلوم ٿئي ٿي، پر مون ٿي ڀانيو تہ اها رڳو منهنجي سختيءَ جي نظر آهي. خير، انهيءَ جي آءٌ وڌيڪ جاچ ڪندس... پر منهنجو مسخرو ڪيڏي ويو؟ ٻہ ڏينهن ٿيا آهن جو ڪونہ ڏٺو اٿمانس!

سوار: حضور، جنهن ڏينهن اسان جي ننڍي شاهزادي آرميہ جي بادشاهہ ڏانهن رواني ٿي آهي، انهيءَ ڏينهن کان وٺي مسخرو غم ۽ اڪر ۾ اڪيلو ٿيو پيو گذاري.

بادشاهہ: انهيءَ ڳالهہ جو وري ذڪر نہ ڪر-مون پاڻ ائين معلوم ڪيو آهي. تون وڃ، وڃي منهنجيءَ ڌيءَ کي چؤ تہ هتان مون وٽان ٿي وڃي، مون کي ساڻس ڪي ڳالهائڻو آهي. (هڪڙو لوڪر نڪري وڃي ٿو.) ۽ تون وڃ، وڃي منهنجي مسخري کي ڪوٺي وٺي اچ. (ٻيو لوڪر نڪري وڃي ٿو. اتي شمشاد وري لنگهي اچي ٿو.)

اڙي، اڙي، هيڏي آ ڙي هيڏي آ... مون کي سڀالين تو ته آءٌ ڪير آهيان؟

شمشاد: منهنجي ڏياڻي شاهزاديءَ جو پيءُ.

باد شاهه: شاهزاديءَ جو پيءُ؟ (چڙ مان) ڙي، شاهزاديءَ جا ـ حرامي! تون ڙي حرامزادا ڪتا، آهين ڙي ڪڙا! (اٿي ٿو)

شمشاد: سائين، معاف ڪريو، مون کي اهو پد لفظ نه ڳالهايو ـ آءٌ اهڙو ڪين آهيان!

باد شاهه: تون ڙي ڪمينا، مون سان مهاڏو الڪائي ٿو بيهين! (وجي ٿو ڏڪ هڻينس)

شمشاد: سائين، مون کي ڏڪ نه هڻو!

زابلون: (ڦيڙتي هٺي ڪيرائيس ٿو) پلا پٺوڪن، ڦيڙتي به نه هڻجيئي ڇا؟

باد شاهه: (زابلون کي) شاباس، جس هجيئي ـ اها خدمت تنهنجي مون کي پسند آهي!

زابلون: (شمشاد کي پانهن کان وٺي کڻي ٿو) آ ڙي آ، آءٌ ته توکي عقل سيکاريان. اٿي، اٿي!... اتي وڏيڪ ترسندين ته وري پيو ڏڪو کائيندين! آ، ڏاهو ٿي، آ... هليو آ... (کڻي، ڏڪي ڪڍيس ٿو.)

باد شاهه: (زابلون کي) شاباس، شاباس، تون مون کي پسند آهين! هان، هيءُ خرچي اٿئي ـ آءٌ ته پنهنجي ڪرايائين. (پئسا ڏئيس ٿو. اتي مسخرو اچي ٿو.)

مسخرو: پلي، آءٌ به ته پاڙي ڪريانس!... هان، هيءَ منهنجي تاج اٿئي! (ٽوپي لاهي، زابلون کي ڏئي ٿو)

بادشاهه: اڙي منهنجا ڇوڪرا، ڪيئن آهين؟
مسخرو: (زابلون کي) توکي منهنجي تاج ڇڳي ڏهندي!
زابلون: سو ڪيئن؟
مسخرو: سو هيئن، جو جيڪو ڪنهن کي به لتو وٺي، تنهن جو پاسو ورتو اٿئي - جهڙو واءُ لڳي اهڙي پٺ ڏجي، نه ته سگهو ئي ماڻهو پشيمان ٿيندو! وٺ، منهنجي تاج وٺ... ڏس ته سهي، هن شخص پنهنجين ٻن ڌيئن کي شهر-نيڪالي ڏني، ۽ ٽئين سان پنهنجيءَ مرضيءَ جي برخلاف چڱائي ڪئي آهي؛ جڏهن تون اهڙي ماڻهوءَ جي پٺيان لڳو آهين، تڏهن منهنجي تاج ڏڪا! (بادشاهه کي) ڪيئن چاچا؟ مون کي ٻه ٽوپيون ۽ ٻه ڌيئون هجن ها ته ڏاڍو چڱو!
بادشاهه: سو ڇو؟ ڇوڪرا!
مسخرو: جي آءٌ پنهنجي سڄي ملڪيت انهن کي ڏيئي ڇڏيان ها، ته پنهنجون ٽوپيون ته پاڻ وٽ رکان ها! هڻ منهنجي ٽوپي اها اٿيئي، ٻي وڃي پنهنجي ڌيئن کان پڇ!
بادشاهه: (ڇهبڪ ڏيکاري) هي چابڪ ڏسين تو-سنڀال، متان موچڙا کائين... ڪتو!
مسخرو: هن زماني ۾ سچ هڪڙو ڪتو آهي، جنهن کي پنهنجي ڏر ۾ رهڻ کپي، ۽ پٺي سيڪنهن هنڌان اُن کي ماري هڪالي ڪڍڻ گهرجي... باقي، لبٽوسين ڪتيءَ کي اٿي اندر ويهارجي، ۽ پاسي ۾ ويهارجي!
بادشاهه: منهنجي لاءِ اهو اشارو زهر جو ڍُڪ آهي!

مسخرو : آءٌ توکي هڪڙو نصيحت جهڙو ڪلام سيکاريندس .

بادشاهہ : سيکار.

مسخرو : ٻڌ، چاچا ٻڌ :

جيڪي جڳ کي ڏيکارين، تنهن کان واڌو ڌار،
جيڪين ڄاڻ چاڻين، تنهن کان گهٽ ڪر گفتار،
جيترو قرض هڄڻي، تنهن کان گهٽ ڏي آڌار،
جيترو پيرين پنڌ ڪرين، تنهن کان وڌ ٿي سوار،
جيترو سڪيين، تنهن کان گهٽ ڪر اعتبار،
جيترو داءُ هڻين، تنهن کان گهٽ پٽسو وار،
ڇڏ نشي ۽ حرام کي، گهر ۾ ويهي گذار،
تہ سکيو رهين منسار ۾، ساري سي چمار !

زابلون : انهيءَ ۾ تہ ڪي ڪينهي .

مسخرو : ٻڌو ڪين اٿئي تہ ”ڳالهين سنديون ڳالهيون، لڪي سندا موٽ“ ! جي اهو ڪي ڪين آهي، تہ انهيءَ لاءِ تو مون کي ڏنو ٻہ ڪي ڪين آهي ! (بادشاهہ کي) ڪيئن چاچا، ڪي ڪين مان ٻلا توکي ڪي حاصل ٻہ ٿي سگهندو؟

بادشاهہ : نہ . چوڪرا، ڪي ڪين مان حاصل ٻہ ڪي ڪين ٿيندو.

مسخرو : (زابلون کي) يتر، ٻلائي ڪري هن کي سمجهاءِ تہ سندس ملڪ جو محصول ٻہ ايترو ئي آهي . هن کي مسخري جي ڳالهہ تي ٻت نٿي اچي .

بادشاهہ : هي ٻوڪ چاٽي ٻجهي توکون تو هٺي !

مسخرو: سچ آهي، مسخري ۽ بيوقوفيءَ ۾ تفاوت ڪونهي. پر چاچا، خبر ڪا اٿئي ته مٺي بيوقوف ۽ ڪڙي بيوقوف جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
بادشاهہ: نه ڇوڪرا، مون کي خبر ڪانهي، تون ٻڌاءِ.
مسخرو:

جنهن راجا راج ڇڏڻ جي توکي ڏني راهہ،
رک تنهن کي پر پر منهنجي، ۽ وٺ تون تنهن جي جاهہ.
ڏس، مٺي ڪڙي بيوقوف ٻئي پڌرا ٿي پيا هاڻ؛
ڪڙي بيوقوف آهه مسخرو، ۽ مٺو راجا پاڻ!

بادشاهہ: اڙي بيوقوف، تون مون کي بيوقوف ٿو سڏين؟
مسخرو: ٻس جيڪي ٻيا لقب القاب توکي خدا ڏنا هئا، سي ته تو پاڻ ٻين کي ڏيئي ڇڏيا.
زاباون: حضور، هي بلڪل بيوقوف ناهي - رڳو ڪٽو مسخرو نٿو ڏسجي.
مسخرو: ڏس ته سهي يار، منهنجي لقب ۾ ٻه ٻيا اچي ڀائيوار ٿيا! هن زماني جا مٺا ماڻهو ۽ بادشاهہ ۽ امير ٻه، مون جهڙي مسڪين مسخري، بيوقوف ۽ بيوقوف کي جيڪي مليو آهي، تنهن ۾ شريڪ ۽ حصيدار ٿيو ويهو رهن - ٻيا ته ڇڏ، پر شاهزاديون ۽ اميرزاديون ٻه منهنجي ڏاڏي ۾ اچو شامل ٿين - هڙي فرمار ڪٽي ڪانه ڏئيسين! (بادشاهہ کي) ڙي چاچا، هڪڙو ڪڪڙ جو آنو ڏي، ته ٻه تاجون ڏيانءِ!

بادشاھ: ڪھڙيون ھي تاجون؟

مسخرو: ھي چٽَ ـ ھي ٽوپيون! آني ڪي ٻوري وچ مان پيئي، مال آءٌ ڪاٺي چڙيندس، ڪلون توڪي ڏيندس، جي چٽَ ڪري ڪٺي مٿي تي رک! ھنھنجو چٽ تہ اکي ٿي ڏئي چڙيئہ ـ سو ٻہ ٻہ اڌ ڪري، ھڪڙو ھڪڙي کي ۽ ٻيو ٻئي کي: اکي چڻ تہ گڏھ تي سوار ھئين، ٻيو ۽ چڻ گڏھ کي ھٿن تي کٽي کپ مان لنگھئين ـ عقل ھجيئي ھا، تہ ائين ڪين ڪرين ھا! آءٌ مسخرو آھيان، سڀ بيعقليءَ جون ڳالھيون ٿو ڪريان ـ جيڪو ائين سمجھندو، سو موچڙن کائڻ جو لائق آھي!

بادشاھ: اڙي، ايترو عقل ڪڏھن سکئين؟

مسخرو: جڏھن تو ھنھنجين ڌيئن کي بنائي ھنھنجيون جيجل مائون ڪيون، ڇا لاءِ جو جڏھن تو ھنن کي حڪم جي ڏنڊي ھٿ ۾ ڏني، تڏھن ھو تہ خوشيءَ کان ڪاڻ لڳيون، ليڪن مون کي اھو ارمان ٿيو تہ بادشاھ پاڻ کي بنائي ٻوڪ ڪيو! چاچا، ڀلائي ڪري ڪو آخوند رک تہ مون کي ڪوڙ ڳالھائڻ سيکاري ـ مون کي ڪوڙ ڳالھائڻ ٿو اچي، سکان تہ چڱو.

بادشاھ: ڪوڙ ڳالھائيندين تہ موچڙا کائيندين.

مسخرو: مون کي خبر نٿي پوي تہ تنھنجي ۽ تنھنجين ڌيئن جي پاڻ ۾ ڪھڙي قسم جي نسبت آھي! ھو پانئين ٿيون تہ سچ ڳالھائڻ ڪري مون کي موچڙا ھڻائين، ۽ تون پانئين تہ ڪوڙ ڳالھائڻ ڪري مون کي موچڙا

منسا: سائين، منهنجو ته ڪو به قصور ڪونهي.
مون کي انهيءَ قصي جي ڪا به خبر ڪانهي- الاجي اوهين ڪهڙيءَ ڳالهه تان خفي ٿيا آهيو؟

باد شاهه: هائو سائين، توکي ڪا ڀلا خبر هوندي؟ (ٿورو ماٺ ڪري، مٿي هٿ کڻي) يا خدا، هن نياڻيءَ ندوريءَ کي ڪو به پار ٻچو اڪئين نه ڏيکار- شل هي پار جي لاءِ سڪي مري، شل هن جو ڪو به نشان پٺتي نه رهيا ٻر، جي هن جي نصيب ۾ ڪو پار ٻچو لکيل هجي، ته اهو به اهڙو ڪو نا صالح ڄڻينس، جو هن کي سدائين پيو ڏجها ۽ عذاب ڏئي؛ جنهن جي ڪري هن کي ننڍيءَ وهيءَ ۾ ٿي فڪر ۽ ڳڻتي ڪراڙو ڪري ڇڏي، ۽ روئي روئي ڳلن جو ماس ڳري وڃيس! هيءَ جيڪي ماءُ وارا پورهيا ڪري ۽ ڪشالا ڪڍي سي سڀ ڪُٺ ڪڄئين- پلي ته قدر پوڻس ته بيشڪر ۽ ناصالح اولاد، نانگ جي ڏنگ کان به وڌيڪ ايذاءُ ٿو پهچائي! هلو، بابا هلو... (نڪري وڃي ٿو)

منسا: خبر نه آهي ته توکي ڇا ٿيو آهي. خدا شل خير ڪري!

ملڪا: اوهين ٻي ڳڻتي ڪان ڪريو، هي ڪراڙو آهي، تيئسي ڪان پيو وڦلي. پاڻهي وڦلي وڦلي جاءِ ايندو!

(باد شاهه وري لنگهي اچي ٿو ۽ روئي چوي ٿو.)

باد شاهه: ڇا، اڌ مهينو ٿي نه گذريو آهي ته منهنجا سالهو ڪهتنجي وڃي پنجاهه تي ٻيلا آهن!

منسا : سائين، الاجي ڇا ٿا چئو؟

بادشاهه : (ملڪا کي) ٻڌ، قسم خدا جو، مون کي شرم ٿو اچي تہ هن عمر ۾ مون کي تو رئاريو آهي. هي رت جون هنجون جي باهه وانگي منهنجين اکين مان وهن ٿيون، تن جي شل تو تي هڇا پوي! تون خراب ۽ ڇڙي ٿيندين، پيءُ جي پِٽ تنهنجي عضوي عضوي کي لڳندي ۽ اوڻها گهاوَ ڪندي! اڙي، منهنجون نيا ڳيون اکيون، جي اوهان وري ڪڏهن هن ڏک ۾ رنون آهي تہ آءٌ اوهان کي ٻني آڇلائي ڇڏيندس! (ٿورو ماٺ ڪري) ۾ خير، حرڪت ڪانهي، منهنجي اجا ٻي ڌيءُ آهي- مون کي پڪ آهي تہ اها نرمدل ۽ مروت واري آهي- اها منهنجي چڱي خدمت ڪندي. جڏهن هوءَ ٻڌندي تہ تو مون سان ڪهڙيون جهڙيون ڪيون آهن، تڏهن ڪاوڙ مان، هوءَ ننهن سان تنهنجي مُنهن جو ماس ڇني ڇڏيندي! پاڻيهي توکي خبر پوندي تہ جهڙي آبرو ۽ سک ۾ اڳي ٻئي گذاريم اهڙي ۾ وري هاڻ بہ پيو گذاريان- ائين نہ ڄاڻج تہ اهي مون اصل ڇڏي ڏنا آهن! (بادشاهہ، زابلون ۽ ٻيا نوڪر نڪري وڃن ٿا.)

ملڪا: ڪي سهي ڪريو ٿا؟

منسا : پياري ملڪا، آءٌ سچ چوان ٿو، پاسداري ڪانہ ڪريان ٿو تہ...

ملڪا : اوهين ٻلائي ڪري ماٺ ڪري ويهو. او شمشاد، شمشاد، آهي ڪو؟ (سخري کي) نڪر تون

۽ هتان، بدمعاش، پنهنجي ڏٺيءَ جي پٺيان لڳ!

مسخرو: چاچا ايليا، - چاچا ايليا، - ٻيھ ته سهي، ٻيھ ته سهي... پنهنجي مسخري کي ته پاڻ سان وٺيو وڃ!

(ڳائي ٿو)

جنهن کي هجي ٿوري نياڻي،
تنهن جي قسمت آهي ڪاڻي،
هن کان بهتر چيتي ڪيداڙي،
ٻنهي کي ڪڏي هٿجي اماڙي،
يا ته ڏجي اٿي تن کي قاسي،
چڱي تن مان مڙڪو ساسي!

(نڪري وڃي ٿو)

ملڪا: هن ورېي مڙس کي مون چڱي صلاح ڏني آهي. سچا سؤ سوار! ڀلا، سؤ سوار هٿيارن ٻنوهارن سان تيار رکڻ ڪو ضرور آهي، ڪو مناسب آهي! اچي پويس ڪو پلور، يا ڪڏهن ڪو شڪ پويس، يا ڪو پڪاريس، يا ڪو چڙ ڏياريس، ته پوءِ جيئن وڻيس تيئن اسان کي تڪليف ڏئي سگهي ٿو ۽ اسان جي جان کي جوکو آهي! شمشاد، شمشاد جلدي آ.

منسا: توکي رکو اجايو ڊپ ٿو ٿئي.

ملڪا: اجائي ويساهه رکڻ کان اجائي ڊپ رکڻ ۾ وڌيڪ سلامتي آهي! هميشه ڊپ ۾ رهڻ کان بهتر آهي ته اهي ڊپ واريون شيون ٽاري ڇڏجن. مون کي سندس دل جي منشا جي خبر آهي، جيڪي پاڻ وات

سان چيو اٿس،...سو مون پنهنجيءَ پيءُ ڏي لکيو آهي، هوءَ هاڻ ڪڏهن ڪيس سؤ سوارن سميت هاڻ وٽ رهائڻ جي هام نہ ڀريندي. مون کيس سمجهايو آهي تہ أئين ڪرڻ مناسب ناهي. (اتي شمشاد خط کڻي اچي ٿو) اهو خط لکيو اٿئي ڇا، منهنجيءَ پيءُ ڏي؟

شمشاد: هائو حضور.

ملڪا: چڱو، هاڻ ڪي ماڻهو ساڻ ڪري، هڪدم گهوڙن تي چڙهي، سڀ جلدي وڃو. جنهن ڳالهہ جو مون کي خطرو آهي، اها ساري چڱيءَ طرح بيان ڪري اديءَ کي ٻڌائجانءِ، ۽ جيڪي حجتون دليل پنهنجي دليان ڏيئي سگهين، آهي ٻہ ڏيئي، ڳالهہ ذهن نشين ڪجئينس. جلد وڃ، ۽ وري سگهو موٽ. (شمشاد نڪري وڃي ٿو) نہ، نہ، اوهين حد کان وڌيڪ نرمي ڪرڻ وارا آهيو، اهڙي رستي کان اگرچ مون کي نفرت اٿئي اچي، تڏهن بہ، معاف ڪجو، جنهن نرميءَ مان نقصان پهچي، تنهن جي لاءِ ماڻهن ۾ اوهان جي ايتري تعريف ڪانهي، جيتري اوهان جي عقل جي ڪوتاهي جي ڳلا آهي.

منسا: خبر نہ آهي، تنهنجي ڪيتري پري نظر ٿي پوي. اڻين نہ ٿئي جو بهتر شيءِ جي لاءِ مٿي هٿندي، چڱي شيءِ بہ هٿان هلي وڃي.

ملڪا: نہ نہ، تڏهن...

منسا: خير، اڄهو پاڻيهي نتيجي مان ڳالهہ معلوم ٿيندي. (نڪري وڃن ٿا)

# پردو پنجون

## ساڳيءَ جاءِ جو ورانڊو

(بادشاهه، زابلون ۽ مسخرو لنگهي اچن ٿا.)

بادشاهه: (زابلون کي) هي خط کڻي، جيشان ڏي وڃ. منهنجي ڌيءَ کي تون پائون پيو ڪي ڪين چئج، خط پڙهي کان پوءِ، جيڪي پڇيئي، تنهن جو جواب ڏجيئنس. جي تڪڙو نه ويندين، ته توکان اڳي آءٌ وڃي پهچندس.

زابلون: (ڳائي ٿو)

آءٌ آهيان خدمت ۾ حاضر، سائين، ڙي! *
ليان نه جيسين هي خط پاڻ، ۽ ڪاهيان جلد ۾ جلد،
هوڏي پهچائي ڏيان پڻ، تيسين ننڊ اکين ۾ ناهي ڙي!
سائين...

(نڪري وڃي ٿو.)

مسخرو: جيڪڏهن ماڻهوءَ جو مغز کڙي ۾ رکيل هجي ها، ته جيڪر لڦون پوڻس ها کي نه؟

بادشاهه: بيشڪ پونس ها.

مسخرو: تڏهن توکي مزو ٿيو، تنهنجي عقل کي اصل لڦ نه پوي – پلا، هجي، ته پوي!

بادشاهه: ها ها ها (ٽهڪ ڏيئي کلي ٿو.)

---

*طرز: "مين واڪي درشن واڪي پائون ري"

مسخرو: ڏس ته تنهنجي ٻـي ڌيءَ تو سان ڪهڙا ويرَ ٿي ڪٿي. نمونو مڙني هڪڙو سمجهجئين - پاڻ هن کان ڪٽر! پلا، توکي خبر آهي ته ڇو ماڻهوءَ جو نڪ منهن جي وچ تي آهي؟

بادشاهه: نه.

مسخرو: انهيءَ لاءِ تـه اکين سان نڪ جي ٻنهي پاسي ڏسي سگهجي - يعني، جنهن شيءِ جي ماڻهوءَ کي ٻانس نه اچي، انهي کي اکين سان چٽائي ڏسي.

بادشاهه: مون ويچاري صوفيا کي ناحق رنجايو!

مسخرو: توکي خبر آهي تـه سيپ پنهنجو گهر ڪيئن ٺاهيندي آهي؟

بادشاهه: نه.

مسخرو: انهيءَ جي مون کي به خبر ڪانهي، باقي انهيءَ جـي خبر اٿـم تـه گهٽنگهٽو پنهنجو گهر ڇو ٺاهيندو آهي.

بادشاهه: ڇو ٺاهيندو آهي؟

مسخرو: پنهنجي مسي لڪائڻ لاءِ، سمجهي ٿو ته جي گهر پنهنجين ڌيئن کي ڏيئي ڇڏيندس، ته آءٌ پاڻ ڏکيو ٿيندس!

بادشاهه: (ٿڌو ساهه کڻي) آءٌ پنهنجو سڀاءُ وساري ڇڏيندس - ڪهڙو نه مهربان پيءُ هوس!... منهنجا گهوڙا تيار آهن؟

مسخرو: تنهنجا گڏهه ويا آهن انهيءَ ڪم تي. قطب واريءَ ڪتَ جا تارا ڪهڙي سبب ستن کان

وڏيڪ ناهن؟

بادشاهه: ڇالاءِ جو آٺ ناهن.

مسخرو: برابر. تون مسخرو چڱو ٿيندين!

بادشاهه: ڇوڪريءَ کهڙا نه دڙڪا ٿي ڏنا... بيحيا، بيشرم!

مسخرو: چاچا، جي تون منهنجو مسخرو هجين ها، ته آءٌ جيڪر توکي وقت کان اڳي ڪراڙي ٿيڻ جي ڪري مار ڏياريان ها!

بادشاهه: سو ڪيئن؟

مسخرو: جيستائين عقل نه سکين ها، تيستائين ڪراڙو نه ٿيڻ ها!

بادشاهه: ڇڏ ڇڏ، مون کي چريو نه ڪر. يا خدا مون کي ديوانگيءَ کان بچائجئين، مون کي هوش ۾ رکيو اچجئين! (اتي هڪڙو نوڪر گهڙي اچي ٿو) اڙي، گهوڙا تيار آهن؟

نوڪر: حضور، تيار آهن.

بادشاهه: (مسخري کي) اچ ڇوڪرا!

(نڪري وڃن ٿا)

# باب ٻيو

## پردو پهريون

### امير "روبيل" جي محلات جو ورانڊو

("شمعون" ۽ درباري "سليم" آمهون سامهون اچي گڏجن ٿا.)

شمعون: آ ها، سليم، خوش ته آهين؟

سليم: خير هجي. آءٌ اوهان جي ئي وٽان ٿو اچان. مون کيس اطلاع ڏنو آهي ته، "جيشان" جو بادشاهه ۽ شاهزادي "زلفا" اڄ رات وٽس اچڻان آهن.

شمعون: ڪهڙو ڪم آهي؟

سليم: خبر ناهي. اوهان ملڪ جي خبرچار ته ٻڌي هوندي - يعني جيڪي ڪَن جون ڳالهيون مخفي پيون هلن؟

شمعون: نه، مون ته ڪين ٻڌيون آهن، چئو، پهو ته خير آهي؟

سليم: اوهان ڪونه ٻڌو آهي ته "جيشان" ۽ "جلجال" جي بادشاهن جي وچ ۾ جلد جنگ لڳڻ جو گهڻو امڪان آهي؟

شمعون: مون ته اهڙيءَ ڳالهه جي پڙڪ به ڪانه ٻڌي آهي.

سليم: اجهو، جلد پڌندؤ. هاڻ خدا حافظ. (وڃي ٿو)

شمعون: جيشان جو بادشاهه اڄ رات هتي ايندو. واهه، اها ڳالهه سڀ ڪان چڱي! هاڻ مون کي مزو آهي- انهيءَ مان منهنجو مطلب پاڻ چڱو ٿيندو. بابي ادي شمسون جي پڪڙڻ لاءِ چاري چڙيا آهن. هڪڙي ضروري ڪم جو مون کي انتظار آهي، سو جلد ٿي پوي ته چڱو. قسمت چڱي آهي، ۽ همت ۽ چالاڪي ڪبي ته ڪم ٿي پوندو. ادا، هاڻ پاڻيهي خبر پوندي- هاڻ چاڻ ته گوڏن هيٺ آهين! ذرو راڳ ڳائي، دل ته خوش ڪريان. (ويهي ڳائي ٿو)

قرب وارن کي ڀي، اي يار، ڪڏهن ياد ڪجي،*
دلِ ناشاد کي ڪو دم ته سچو شاد ڪجي!

جي ڪريون عرض، ته ڪاوڙ مان هڻين تير تفنگ،
دادخواهن سان ڀلا اهڙو ڪو بيداد ڪجي!

گهاؤ دل تي جهلي، تو در تي وري ٻيا گهاريون،
تنهنجي هن ظلم ستم جي ڪٿي فرياد ڪجي!

طوق گردن ۾ اسيريءَ جو، ۽ پيرين ۾ زنجير،
دل گرفتار کي آزار مان آزاد ڪجي!

عمر وئي گذري، جدائيءَ جي جفا ۾ جاني،
هاڻ پڇاڙيءَ ۾ ڀلا وصل جي امداد ڪجي!

---

*راڳ 'تلنگ'.

طرز: "دل لگا يار سے اس دل کا چڑانا مشکل"

رات غم جي لنگهي، هاڻ ڏينهن خوشيءَ جو آ،
شهر دل جو ٿيو ويرانو، سو آباد ڪجي.

(اتي شمعون لنگهي اچي ٿو)

شمعون: ادا، خبر ڪا اٿئي. بابي توتي چاري چڙهيا آهن - اجهي ٿا پڪڙينئي - سگهو ٿي، پڇ! خبر پنجي وئي آهي ته تون هتي لڪل آهين. رات آهي، تنهنڪري اونداهيءَ ۾ توکي نڪري وڃڻ سولو ٿيندو. جيشان جي بادشاهه جي ته تو ڪٿي گلا ڪانه ڪئي آهي؟ هو اڄ هتي اچڻو آهي - رات جو، ٻيوقت ۾ تڪڙ ۾ - ۾ سندس زال شاهزادي زلفا به ساڻس ايندي. تو، سندس طرف وٺي، جلجال جي بادشاهه جي برخلاف ته ڪٿي ڪجهه نه چيو آهي؟ ڀلائي ڪري، اهڙو ڪم متان ڪرين!

شمسون! ادا، مون کي پڪ آهي ته، مون کي ڪين چيو آهي.

شمعون: اجهو، بابي جي پيرن جو آواز ٿو اچي! معاف ڪجئين، آءٌ ڪوڙ ڪري توتي ترار ڪڍي ٿو بيهان ۽ تون به ڪڍ، ۽ پاڻ بچائڻ جو بهانو ڪر! (وڏي سڏ) بهه، متان وينڊو آهين... هل بابي وٽ!... اڙي، هيڏي، مشعل آڻيو ڙي مشعل! (آهستي) ادا، پڇ، هاڻ خدا کي پرتو آهين. (وڏي سڏ) مشعل ڙي مشعل! (شمسون وڃي ٿو) (آهستي) جي پنهنجي ٻت مان ٿورو رت ڪڍندس، ته ڳالهه بلڪل سچي ۽ خوفناڪ معلوم ٿيندي! (ٻانهن کي چهڪ ڏيئي، رت ڪڍي ٿو)

الهيءَ ۾ ڇا آهي، نشئي ماڻهو ڇرڇي ۾ الهيءَ ڪان ۽ وڏيڪ ڪم ڪري ٿا ڪڏرڪ. (وڏي سڏ) بابا ڙي، بابا... آهي ڪو، بيهه، ڙي بيه...!

(اتي امير "روبيل" ۽ سندس نوڪر مشعل کڻي اچن ٿا.)

روبيل: ڇو، شمعون! ڇو؟ اهو حرامخور ڪٿي آهي؟

شمعون: بابا، اجهو اِتي اونداهيءَ ۾ بيٺو هو. ترار ڪڍيو، الاجي ڪهڙي پڻي پڻ - پڻ ڪيائين. خبر ناهي ڪو جادو ٿي ڪيائين، ڪي ڇا!

روبيل: پر ۽ ويو ڪيڏي؟

شمعون: (پانهن ڏيکاري) ڏسو، بابا، مون کي ڦٽي وڌو اٿس- اجهو رت پيو وهي!

روبيل: شمعون، ڏس ته، ڏي، اهو حرامزادو ڪٿي آهي؟

شمعون: سائين، اِجهو هن طرف ڀڄي ويو.

روبيل: (نوڪرن کي) اڙي، ڊوڙو پٺيانئس، نه ڇڏيوس! (نوڪر نڪري وڃن ٿا)

شمعون: پهرين مون کي زور ڪيائين، ٺڪاريائين، ته بابي کي ماري ڇڏيون، پر مون سندس ڳالهه نه مڃي ۽ چيومانس ته اهڙي آڳري پاپ ڪري خدا ڏاڍو رنج ٿيندو، اولاد تي ماءُ - پيءُ جا وڏا حق آهن، انهن کي هن جو گهڻو ادب رکڻ کپي. نيٺ سائين، جڏهن ڏٺائين ته آءٌ مڙڻ جو ناهيان، ۽ سندس مخالف ٿي بيٺو آهيان، تڏهن جهٽ ڏيئي، لڪل ترار ڪڍي، منهنجيءَ ٻانهن ۾ چڪپاٽي ڪيائين، ۽ جڏهن آءٌ همت

روبيل: (ڏند پيھڙي) ڀلا، پڪا بدمعاش! چئو، ھو منھنجي خط کان ۽ انڪاري ٿيندو ڪيئن؟ ڀلي ته ھت اچي! (اتي قرنا جو آواز ٻڌجي ٿو) اڄھو بادشاھ اچي ٿو. خبر ناھي، سندس ھت تشريف آڻڻ جو ڪھڙو سبب آھي. سيني بندرن تي آءٌ چاري رکندس ـ اھو حرامخور ڪٿان ڀڄي سگھندو! بادشاھ اھڙي موڪل مون کي ضرور ڏيندو. تنھن کان سواءِ، آءٌ ھن جي تصوير ويجھو توڙي پري موڪلي ڏيندس، ته ڀلي ساري ملڪ جا ماڻھو سڃاڻي ڇڏينس. بابا شمعون، تون ارمان نه ڪر، آءٌ ھاڻيھي اھڙو بندوبست ڪندس، جنھنڪري منھنجي سڀ ملڪيت نيٺ تنھنجي ٿيندي.

(اتي شاھ ڪالاب، زلفا ۽ سندس نوڪر لنگھي اچن ٿا.)

ڪالاب: ڪيئن، امير روبيل، اڄ سان مون ھڪڙي عجيب خبر ٻڌي آھي!

زلفا: جي آھا سچي آھي ته جيترو جلد ٿي سگھي اوترو انھيءَ ڏوھاريءَ کي سزا ملڻ گھرجي. اميري صاحب، خوش ته آھيو؟

روبيل: جضور، منھنجي ته دل ڀڄي پيئي آھي، منھنجو ته ھياءُ ڇڄي پيو آھي!

زلفا: چئو، انھيءَ شمسون توکي مارڻ جي ڪٿي ھئي ـ اھو، جنھن کي بابو پٽ ڪري چاھيندو ھو، ۽ جنھن جو نالو به ٻاپي رکيو ھو! ھو اھڙو ڪيئن ٿيو؟

روبيل: حضور، حضور ڳالھ ئي نه پڇو. ڳالھ ڪرڻ شرم ٿو اچي.

زلفا: هو بابي جي خرمغز سوارن جو سنگتي ته نہ هو؟

روبيل: انهيءَ جي ته مون کي خبر ناهي توبهه، توبهه!

شمعون: هائو حضور، هو انهن جي سنگت ۾ هو.

زلفا: تڏهن انهيءَ ۾ عجب ڪونهي. شڪ ناهي ته انهن هن کي چوريو هوندو ته پيءُ کي پورو ڪر، ته خرچ پکو ڪشادو ٿيئي. مون کي ادي ڪان هينئر انهيءَ احوال جي خبر ملي آهي، ۽ اڳ ـ ڳڻتي ڪري، مون کي تاڪيد ڪيو اٿس ته جي بابو پنهنجو لشڪر وٺي تنهنجي گهر رهڻ اچي، ته تون ٽڻائي نڪري وڃجئين ـ سو آءٌ گهر نه ٽڪهنديس.

ڪالاب: نڪي آءٌ ٽڪندس، خوشي سنديس.

شمعون، مون ٻڌو آهي ته تو پيءُ جي جان بچائڻ ۾ ڏاڍي بهادري ڏيکاري آهي؟

شمعون: حضور، اهو مون تي فرض هو.

روبيل: سائين، هن سندس منصوبو ظاهر ڪري وڌو، ۽ هن کي پڪڙڻ ۾ اجهو هي زخم به کاڌو اٿس.

ڪالاب: ٻيئانس ڪي ماڻهو ويا آهن؟

روبيل: هائو، سائين.

ڪالاب: هٿ اچي سهي، باقي وري اڳتي اهڙو ڪم ڪڏهن نه ڪندو. منهنجو توکي اختيار آهي، انهيءَ بابت جيڪو بندوبست وٺيئي سو ڪر. ۽ تو، شمعون، پنهنجي نمڪ حلالي ۽ نيڪي ڏيکاري

آهي، تنهنڪري تون هاڻ اسان جو آهين. اهڙا معتبر ماڻهو اسان کي گهرجن، - ڀر ين توکي پنهنجي ذمي ٿا ڪريون.

شمعون: غلام حاضر آهي، هر حال ۾ تابعدار ۽ سچو رهندو.

روبيل: الهي ۽ غلام نوازي ۽ لاءِ آءٌ حضور جو شڪرگذار آهيان.

ڪالاب: اوهان کي خبر ڪانهي ته ڇو اسين اوهان وٽ آيا آهيون؟

زلفا: بيوقتا، اونداهي ۽ ۾ ٿاپا کائيندا! اميرروبيل، اسان کي هڪڙو ضروري ڪم پيش آيو آهي، جنهن ۾ اوهان جي مصلحت جو اسان کي ڪپ آهي. بابي جو به خط آيو آهي، ۽ ادي ۽ جو بـ، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته هنن جي ناسازي ٿي پيئي آهي. اسان جي مرضي هئي ته انهن خطن جو جواب اسين گهر کان ٻري ڪنهن ٻي ۽ جاءِ تان ڏيون. آن موجب، ٻنهي جي قاصدن کي ساڻ آندو اٿون، هتان جواب لکي آنهن کي روانو ڪنداسون. امير صاحب، اوهين ڀيو انتظار نه ڪريو، خاطري ڪريو، اسان جي ڪم ۾ اوهان کان جيڪا ڇگي صلاح ٻچي سگهي، سا ڀلائي ڪري ڏجو.

روبيل: بيشڪ، حضور، ڀلي آيؤ، جي آيؤ.... اڇو.
(لکري وڃن ٿا)

## پردو پيو

### امير ”روبيل“ جي محلات جي اڳيان ميدان

(”زابلون“ ۽ ”شمشاد“ آمهون سامهون اچي ملن ٿا.)

شمشاد: ادا، تون هن گهر جي ماڻهن مان آهين؟
زابلون: هائو.
شمشاد: اسين هنهنجا گهوڙا ڪٿي ٻڌون؟
زابلون: ڪٿ ۾.
شمشاد: پائو، پلاڻي ڪري ٻڌاءِ!
زابلون: آءٌ توسان پلاڻي ڪرڻ نٿو گهران!
شمشاد: چڱو، ته تنهنجي به مون کي پرواهه ڪانهي.
زابلون: جي ڪاٺ ۾ وجهايئين ته پائيهي جيڪر منهنجي پرواهه رهنئي!
شمشاد: خبر ناهي ڇو ٿو مون سان اهڙو شوخ ٿين — آءٌ ته توکي نٿو سڃاڻان؟
زابلون: آءٌ ته توکي سڃاڻان ٿو!
شمشاد: آءٌ ڪير آهيان؟

(زابلون ڳائي ٿو)

تون ڙي پادر ڪاٺن وارو، *
آهين بيشڪ ڪتو ڪارو!

---

*طرز: ”ايسي دوکا ديني والي“

تون ڙي احمق لچ ڪمينو،
هرڪنهن ساڻ رکين تون ڪينو،
مڙي حسد کان تنهنجو سينو،
ڪونهي تو ۾ قرب قرينو.
تون ڙي ڀادر...
تون گهٽيون ڪوچا گهمين لٽا،
کائين ٿاپا ٿو، کائين ڌڪا،
ڏسي توکي وجهي ميرون لکا،
ٿين چٽڪا ۽ ٿين ڦڪا.
ڀاسي پاسي ٿي گدا گيدي،
آهين لچو لوفر گيدي،
جڳ ٿو ڄاڻي توکي گيدي،
مور نه آءُ مون آڏو گيدي.
تون ڙي ڀادر...
تون ڙي ڏچٽا ڀنٽا نيچ نياڳا،
آهين سچ حرامي منهن ڪارا،
هرڪنهن هنڌ ڪرين بدمعاشيون،
آهين رهزن هٽين اڙاشيون،
پاسي پاسي ٿي ڪٽتا پاسي،
پنچ ڪتني جا، ٿي تون گاسي،
اڪ چڏي ٿي هل خلاصي،
شهر سجو ٿو تو مان ٿاسي،
منهن پنهنجو ڪارو پيو ڪر،
احمد جلد اکين کان تون ٽر،

جهنم ۾ وڃين تون مڙ مر،
آهين سچ ڪٿي جو ڪوڙ :
اڙي وڃ وڃ نڪر لڪر،
تنهنجو نسل سچائن مارو -

تون ڙي بادر...

شمشاد : تون ڪو مغز ڦريل ماڻهو ٿو ڏسجين، جو چاڻ سچائن کان سواءِ ماڻهن کي گاريون ڏيندو وتين!

زابلون : تون ڪو بيشرم بيحيا ٿو ڏسجين، جو مون کي سچائن کان انڪار ڪرين ٿو! پر ڏينهن به ڪين ٿيندا، جو بادشاهه سلامت جي روبرو تو کي ڦيڙتي هٽي ڪيرايو هوم، ۽ موچڙا هنيا هئاسين - چو، وسري ويا اٿئي چا؟ (آرار ڪيدي) ڪڏ پنهنجي ترار، چور بدمعاش، بچاءِ پاڻ کي - رات آهي ته حرڪت ڪانهي، چانڊوڪي جهجهي آهي - ڪڍ ته خبر پوئيي!

شمشاد : وڃ وڃ، منهنجو توسان ڪو به ڪم ڪونهي.

زابلون : منهنجو توسان ڪم آهي. تون اسان جي بادشاهه جي برخلاف خط کڻي ٿو اچين. تون ڙي ڪمينا، آهين ڪير جو بادشاهن سان ٿو اهڙي ادنگي هلت ڪرين؟ ڪڍ ترار گولاڙا، نه ته انهيءَ گهڙيءَ ڪتيرا ڪتيرا ڪري ٿو ڇڏيئين! ڪڍ، حرامي، آ...

شمشاد : گهوڙاڙي، خون ڙي!

زابلون: (ڏک هڻيس ٿو) ٻيهه، ڪودڙا... ٻيهه، گولاڙا، خبر ته ڏيائين!
شمشاد: گهوڙا ڙي! خون ڙي، ... خون ڙي!
(شمعون، ڪالاب، زلفا ۽ روبيل اندر لنگهي اچن ٿا.)
شمعون: ڇاهي، ڙي، ڇاهي - خير ته آهي؟... ڇڏيو!
(هنن کي ڇڏائي ٿو)
زابلون: آ، سائين، تون ته...تون ئي ٺهي... آ، جوان مڙس. هاڻ تنهنجو وارو آهي! (هن ڏي رخ رکي ٿو)
روبيل: هي ڇا، ترار يون. هٿيار!
ڪالاب: بس ڪريو، صبر ڪريو، نه ته خراب ٿيندؤ. جيڪو هيئنر ڏک هڻندو، تنهن جي ميسي نه هوندي!... ڇا تي جهيڙو لڳو آهي؟
زلفا: هي بابي ۽ اديءَ جا قاصد آهن.
ڪالاب! ٻڌايو ڙي، اوهين ڇا تي وڙهيا آهيو؟
شمشاد: سائين، آءٌ مران ٿو، مون کي ساهه ته کڻڻ ڏيو!
زابلون! مار... ڏادي ترار ماري اٿس! (هن کي) نامرد، توکي مڙس ڪير سڏيندو- اشاري سان ويهي رهيو آهين!
ڪالاب: چؤ، اوهان جو تڪرار ڪيئن شروع ٿيو؟
شمشاد: سائين، هن ڪراڙي چٽ، جنهن کي مون اڇي ڏاڙهي ڏسي ڇڏي ڏنو آهي، سو...
زابلون: تون، نڪما، حرامي، ڪمينا... (ڪالاب کي) سائين، جي اوهين موڪل ڏيو ته هن حرامخور جا هڏ گڏ ڀڃي، هن کي پيهي ڌ ز ڪري ڇڏيان!

(شمشاد کي) ڏچئا، تون ٿو اچي ڏاڙهي ڏسي، مون کي جيئدان ڏين!

ڪالاب: آءٌ چوان ٿو ته گهٽي بڪ بڪ نه ڪر، نيچ غلام، توکي ته ادب ڪونهي!

زابلون: سائين، آهي پر چڙ ۾ ماڻهو الاجي ڇا ٿو ڪري!

ڪالاب: ڇو توکي چڙ آئي؟

زابلون: انهيءَ تان، ته هھڙي بي ايمان کي ترار ٻڌي آهي! هھڙا خراب ماڻهو، مثنون جا اڇا ۽ اندر جا ڪارا، ڪوئن وانگي آهن، جي محبت جا رسا ٽڪيندا چنندا وتن، ۽ پنهنجن ڌڻين جي خوشامد ڪري، انهن کي وڏيڪ جهڙائين، عزيزن جي وچ ۾ جهيڙا وجهائين، ڳالهه مان ڳالهوڙو ڪرايو وجهن، چٽنگ مان پيڙ ٻاريو، پنهنجي ڌڻين جي خوش ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائين ۽ ڪوڙا قسم کڻن، پنهنجي ڪابه خبر ڪانه رکن، رڳو ڪتن وانگي پٺيان لش لش ڪندا وتن! (شمشاد کي) ٽڪ اٿي، ڪميٽا، حيف اٿئي انهيءَ حال سان... شل ڪا هڇا پوئي، شل خوار خراب ٿين! تون منهنجين ڳالهين تي کلين ٿو، ڇو ته آءٌ ڪو مسخرو يا جاهل آهيان! ڪتا، جي مڙسن جي ملڪ ۾ هجين ها، ته ڊوڙائي ڊوڙائي پار ڪيائين ها؟

ڪالاب: پٽيا، تون چريو ٿيو آهين ڇا؟

روبيل: پر ٻڌاءِ ته سهي ته وڙهيو ڇا تي؟

زابلون: بس منهنجي ۽ هن لڱ جي وچ ۾ ڪا

سياويڪ ضديت تي ڏسجي. هن کي تو ڏسان ته منهنجي رت ۾ جوش ٿو اچي!

ڪالاب: تون چاڪاڻ هن کي ٺڳ ٿو سڏين. هن ڪهڙو قصور ڪيو آهي؟

زابلون: بس، هن جي شڪل مون کي نٿي وڻي.

ڪالاب: تڏهن شايد ڪا منهنجي ٿي وڻيئي، نڪا هين جي، نڪا هنن ٻنهي جي(رو بيل ۽ زلفا ڏي هٿ ڪٿي).

زابلون: سائين، آءٌ سچ چوڻ وارو آهيان، ڪنهن کي چڙ لڳي ته ڀلي لڳي: جيڪي مهاندا آءٌ هن گهڙيءَ ڏسان ٿو، تن کان بهتر، مون هن پنهنجي عمر ۾ ڏٺا آهن.

ڪالاب: هي ته ڪو آتوري ٿو ڏسجي! هن جي ٿلهي ڳالهائڻ جي ڪنهن تعريف ڪئي آهي، سو هاڻ ڍونگ ڪري اجائي ٻڪ ٻڪ ڪري. هي خوشامد ڪين ڪندو، صاف سچ چوندو، جو ايمان وارو ماڻهو آهي. جي ته سيڪو سندس ڳالهه تي پت ڪندو، هن قسم جي آتورين جو آءٌ واقف آهيان: ظاهري سچائيءَ جو لباس ڪري، اندر ۾ ٺڳي رکندا آهن، ۽ ايت جا ڪوڙا ٿيندا آهن، وڌيڪ خوشامدڙين کان، ڀهڙا ماڻهو وڌيڪ خرابي ڪندا آهن.

زابلون: حضور فيض گنجور، آءٌ قسم کڻي ايمان جي ڳالهه ٿو ڪريان، ته حضور جي نُرض جو ستارو، جو سج جي روشنائيءَ کان ٻه زياده جهان تي چمڪندڙ آهي، تنهن جي آسري تي...

ڪالاب: هيءَ ڪهڙي ڳالهه لاءِ آهي؟

زابلون: بس سائين، منهنجو ٿلهو ساد و ڳالهائڻ اوهان کي پسند نٿو اچي، تڏهن لاچار پنهنجي مرضيءَ ۽ طبعيت جي برخلاف اها پولي ٿو ڳالهايان- مون کي خبر آهي ته آءٌ خوشامد ڪرڻ وارو نه هيان. جنهن اوهان کي صفا ڳالهائڻ سان ٺڳيو هو ۽ گمراهه ڪيو هو، سو صفا ٺڳ هو. آءٌ مري پوندس، ته به اهڙو نه ٿيندس- پوءِ ڀلي انهيءَ بابت اوهان جي ڳالهه نه مڃڻ ڪري اوهان کي چڙ لڳي.

ڪالاب: (شمشاد کي) ڪهڙي ڳالهه تي تو هن کي چڙ ڏياري؟

شمشاد: مون ڪا به چڙ ڏيارڻ جهڙي ڳالهه هن سان نه ڪئي. ٻه-ٽي ڏينهن ٿيندا جو بادشاهه هن جي ڏٺيءَ، بي سبب مون کي ڌڪ هنيو، ۽ هن سندس خوشامد ڪري مون کي ڦيڙتي هٿي ڪيرائي وڌو، ۽ گهڻ وڏ ڳالهايو، ۽ مون کي بي آبرو ڪيائين، مون منهن ڪوڙو ڪري پنهنجو نفس ماري، ماٺ ڪري گذاري، پر بادشاهه هن جي بهادريءَ ۽ لياقت جي ڏاڍي تعريف ڪئي، ۽ هن کي آفرين ڏني، ڄڻ ته ڪو وڏو پهلوان ساماٺو آهي- انهيءَ جي هشيءَ تي، وري اچ هتي مون تي ترار ڪڍي آيو!

زابلون: ههڙا نامرد مچُو، ڪنهن کي به پاڻ جهڙو ڪين سمجهندا آهن.

ڪالاب: (نوڪرن کي) اي، وجي ڪاٺ ڪٺي اچو.

زابلون کي ڏسو، ڪهڙا ڪارا لڱ پيدا ٿيا اٿس، ڏس ته توکي ڪهڙو نه سبق ٿو سيکاريان!

زابلون: سائين، منهنجي عمر سبق سکڻ کان مٿي آهي، منهنجي لاءِ ڪاٺ نه گهرايو. آءٌ بادشاهه سلامت جو نوڪر آهيان. انهيءَ مون کي پيغام سان اوهان ڏي موڪليو آهي. هن جي قاصد کي ڪاٺ ۾ وجهندؤ، ته اها هن جي بي آبروئي آهي. ائين ڪرڻ ڪري اوهين منهنجي ڌڻيءَ کي رنج ڪندؤ، ۽ پنهنجي نفرت هن ڏي ظاهر ڪندؤ.

ڪالاب: جلدي ڪٺي اچو ڪاٺ... اڄ ضرور هن کي پنڇهرڻ تائين ڪاٺ ۾ رهڻو ٿيندو!

زلفا: پنڇهرڻ تائين؟ — رات تائين ڇو — سڄي رات به اتي!

زابلون: سوچيو، رائي صاحب، آءٌ تنهنجي پيءُ جو ڪتو هجان، ته به توکي مون سان اهڙي هلت ڪرڻ مناسب ناهي.

زلفا: تون سندس ڪتو ناهين، ته سندس گولاڙو آهين، تنهنڪري تو سان ضرور اها جٽ ڪبي!

ڪالاب: هيءُ ڪميڻو به انهن ماڻهن مان ٿو ڏسجي، جنهن بابت تنهنجيءَ پيءُ خط ۾ لکيو آهي. آڻيو ڪاٺ... هتي رکو.

(ڪاٺ آڻي رکن ٿا)

روبيل: حضور، هي پاڻهو عرض ٿو ڪري ته هن پيرمرد کي معافي ڏيو. هن برابر وڏو قصور ڪيو آهي،

۾ بادشاهه، هن جو ڏٺي، ڀائيهي هن کي فهمائش ڪندو. حضور جيڪا سزا هن کي ڏيڻ گهري ٿو، سا ڪميڻن ماڻهن جي لاءِ آهي، ۽ چورن ۽ دخل ڪندڙن جي لائق آهي: متان بادشاهه دل ۾ ڪري ته منهنجي نوڪر ۽ قاصد کي بي آبرو ڪيو اٿن، ۽ بند ۾ وڌو اٿن!

ڪالاب: انهيءَ جو آءٌ ڀائيهي جواب ڪندس.

زلفا: منهنجي ڀيڻ جي نوڪر کي جو مار ملي ۽ گاريون مليون، تنهن جي لاءِ جي اٿين نه ڪبو، ته هوءَ پاڻ زياده دل ۾ ڪندي ۽ رنج ٿيندي. وجهوس ٽنگون ڪاٺ ۾! (نوڪر زابلون جون ٽنگون ڪاٺ ۾ وجهن ٿا.) هاڻ ٺهيو، اچو ته هلون.

(ڪالاب، زلفا، ۽ نوڪر نڪري وڃن ٿا.)

روبيل: يار، تنهنجو مون کي گهڻو ارمان آهي. ٻيو، اسان جي بادشاهه جي اچي اها مرضي ٿي آهي. جهان کي خبر آهي ته هو اهڙو ضدي آهي، جو جنهن ڳالهه تي چڙهندو آهي، ته وري لهندو ناهي. آءٌ وري به تنهنجي پاران وڃي ٿو منٿون آزيون ڪريان.

زابلون: ادا، گهڻي هلاڪي نه ڪر. مون گهڻو اوجاڳو ڪڍيو آهي ۽ پنڌ ڪيو آهي - پهرين ته سمهي ننڊ ڪندس، پوءِ جيڪو وقت بچيو سو سيٽيون وڄائي وقت گذاريندس. بعضي چڱن ماڻهن جو نصيب خراب به ٿيندو آهي، تنهن ۾ ڇا آهي. تون ڀلي وڃ ۽ الله واهي!

روبيل: اسان جي بادشاھہ برابر چڱي نہ ڪئي آھي. انھيءَ مان ضرور خرابي ٿيندي. (نڪري وڃي ٿو)
(ٿورو ساٽ ڪري، زابلون ويھي ڳائي ٿو.)

خاوند سائين، ڪر ڪا ستاري، وي.*
دردن ۾ ھن دنيا جي نت،
عمر ويئي منھنجي ساري، وي.....
دنيا آھي بندي خانو،
چارون طرف چوڪداري، وي......
ڏکن ستان ڏک اچن ٿا،
دل مصيبت ماري، وي......
قسمت منھنجي سڪو پوکي،
لابد آھي لاچاري، وي......
ڪنھن جي ڪانہ چلي ٿي اِت ڪا،
بات اھا آھي باري، وي......
حال ھجي ڀلي مر کھڙو ئي ھت،
واجب شڪرگذاري، وي......

(ٿورو بس ڪري، چوي ٿو.)

زابلون: ويچارو بادشاھہ! ڀانيھي ھاڻ خبر پوندس، جو پراون درن تي ڌڪا کائيندو. (کيسي مان خط ڪڍي) ڏينھن ٿي ويو آھي، سج آيري تہ ھي خط پڙھان. جڏھن انسان تي مصيبت اچي ٿي، تڏھن

---

* راڳ 'پھاڙي'.

طرز: "او دل جالي موري متوارا ري".

جيڪي عجائب غرائب هو ڏسي ٿو، سي ڪنهن نه ٻيءَ حالت ۾ نٿو ڏسي: مون کي پڪ آهي ته هي خط شاهزاديءَ صوفيا جو آهي. هن کي شايد خبر پئجي ويئي آهي ته آءٌ ويس بدلائي نڪتو آهيان. ضرور هوءَ، وجهه ڏسي، سختيءَ جي حالت ۾ مون کي ۽ بادشاهه کي مدد ڏيندي، ۽ جيڪي بيواجبي ٿي گذريو آهي، تنهن جو بدلو ڪندي. هاڻ ته سمهي ننڊ ڪريان- ٿڪجي پيو آهيان، ۽ اوجاڳي ڪان اکيون ٻي ٻورجيو ٿيون وڃن. پاڻ چڱو، هن اجاڳي گهڙ جي شڪل ته نه ڏسان. پلا، پئي لڄ خدا تي، من ستل نصيب وري جاڳي.

(سمهي رهي ٿو.)

## پردو ٽيون

### ميدان

(شمسون بيٺو ڳائي)

مون کي آهي نت دور زماني جي ستايو،*
دردن ٻـه اچي دونهون آهي دل ۾ دکايو!
هر وقت ۽ هـر جـا آهيان حيران پريشان،
ڪنهن کي نه غريبن تي ڪڏهن رحم ڪو آيو.

* راڳـ 'سورٺ'. طرز: "اي رشڪ قمر دل کا جلانا لهين اچا"

هي هي، آهيان بيوس، نه چلي چارو ڪو منهنجو،
افسوس، حياتيءَ جو وڃي وقت اجايو.

بهتر آهي هاڻ خاڪ وسايان وڃي پرديس،
ويرين ته ڪري ويرُ وطن آهي ڇڏايو.

قسمت ۾ لکيو جيڪي، پري سو، نه ٽري مور،
راضي آءٌ رهان تنهن تي جيڪو ربّ جو رايو.

(ٽورو بس ڪري، ڇوي ٿو.)

شمسون: منهنجي نالي اشتهار جاري ٿيو آهي، ۽ ڍنڍورو گهميو آهي، سو مون هاڻ ٻڌو. وڻ جي ٽڙ جي پور ۾ نه لڪي وڃان ها ته ضرور پڪڙجي پوان ها. سڀڪنهن ننڍ رستي، سڀڪنهن جاءِ تي، چاري پيا گهمن ۽ جاسوس پيا نهارين، ته مون کي هٿ ڪن. پڇڻ ۽ لڪڻ ڪري آءٌ پنهنجي جان بچائي سگهندس؛ انهيءَ ڪري منهنجي دل ۾ اچي ٿو ته ڪي ڦاٽا-ٽٽا ڪپڙا هٿ ڪري، فقيراڻو ويس ڪريان- اهڙو، جو سڀڪنهن کي ڏٺي ڪراهت اچي. منهن کي ڪٺي مٽي مليندس، ڪٺو ڪٺي گوڏ ٻڌندس، ۽ گودڙيون ڪلهي تي رکندس؛ وارن کي ڇڏيندس ته پلي ڪنڍا ڳوڙها ٿي پون؛ پيو ٻت سڄو اگهاڙو ڪري، سيءُ واءُ ۾ لڪري پوندس. ڪيترائي ڇريا فقير ملڪ ۾ گهمندا ڦرندا وتن، مون کي ٻه آلهن مان هڪڙو سمجهندا. جي "ملنگ فقير" يا "گودڙيو فقير" يا "گهرام فقير" يا "مستانو شاهه" سڏايم

تہ اچا کو بچاءَ ڏينديم، ۽ جي "شمسون" سڏايم تہ چاڻ تہ مٿس!

(نڪري وڃي ٿو.)

## پردو چوٿون

### امير "روبيل" جي محلات جو اڱڻ

(زابلون ڪاٺ ۾ پيو آهي، ويٺو ڳائي ٿو.)

قسمت ڏيکاري حيرت جهڙي هيءَ چالي، ڙي!
واه واه، سائين تنهنجا رنگ عجائب،
تون ئي ولهن جو والي، ڙي ..........
ڪڏهن مزي مان موجون مائيم،
هيٺن تي ٿي حڪم هلايم،
ڪڏهن تہ هڙي بحالي، ڙي ..........
خوب زمانو سبق سيکاري،
ڏور ڏکي ڏئي ڀريو ڏاري،
مهل تي ڏئي گوشمالي، ڙي ..........

(بس ڪري ٿو، تہ بادشاهہ "ايليا" ۽ مسخرو ۽ ٻيو هڪ سندس خاص نوڪر اچن ٿا. پهرين زابلون کي نٿا ڏسن.)

بادشاهہ: حيرت جي ڳالهہ آهي تہ هو مات مات ڪري گهر ڇڏي هليا وڃن، ۽ منهنجي قاصد کي جواب سان ڪا موٽائين!

نوڪر: حضور، ٻچا مان معلوم ٿو ٿئي ته ڪالهه ته هن ڪي ائين نڪري وڃڻ جو ارادو ٿي ڪيو هو- شايد اوچتو اهو خيال ڪيو اٿن.

زابلون: ڀلي آيو بادشاهه سلامت، ڀلي آيو بادشاهه سلامت!

بادشاهه: (اوچتو هن ڪي ڏسي) اڙي، هي ڇا، هھڙي بيعزتيءَ ۾ تون خوش ٿيو ويٺو آهين، ۽ ڪٿي ويٺو!

زابلون: بس حضور، لاچار آهي، وس ڪونهي.

مسخرو: (کلي) ها ها ها، واهه، موزا اهڙا ڏِکجن! گهوڙا سڀ ڪان ٻڌبا آهن، ڪتا ۽ رڇ ڳچيءَ ڪان، ٻولڙا چيلهه ڪان، ۽ ماڻهو ٽنگن ڪان: جڏهن ماڻهو ٿلهو ٿيندو آهي، ۽ ٽنگن تي زور رکندو آهي، تڏهن هن کي ڪاٺ جا موزا ڏکائيندا آهن!

بادشاهه: اي، اهو ڪهڙو مڙس آهي، جنهن تنهنجو درجو نه سڃاتي، توکي هن ٻڏري حال ۾ وجهاريو آهي؟

زابلون: آهو مڙس به آهي، زال به آهي- يعني تنهنجو نياٽو، ۽ تنهنجي نياٽي!

بادشاهه: ائين نه هوندو؟

زابلون: ائين آهي.

بادشاهه: چوان ٿو، ائين نه هوندو؟

زابلون: چوان ٿو، ائين آهي!

بادشاهه: نه نه، هو ائين ڪين ڪندا.

زابلون: هائو، هائو، هنن ائين ڪيو آهي.

بادشاهه: مون ڪي پڪ آهي ته اهڙا ناهن.

گھر ڪٽي ڏلو. حضور جو نياڻو ۽ نياڻي ٻئي آيا. منھنجي سزا اھا لائق سمجھيائون، جو ھن طرح ڪٽي ڪاٽ ۾ وڌائون.

مسخرو: بابا، اچا تماشا ٿيندا، اچا گھڻا رنگ ڏسنداسين. پيءُ سائو ته اولاد به صالح، ۽ جي پيءُ سڃو ته اولاد ناصالح. ٻئي واري جو نصيب زور آھي، ڪنگال ڪي ٻچي به ڪولا. پر توکي ڊپ ڪونھي، تون بک ڪين مرندين: تنھنجون ڌيئون تنھنجي لاءِ ايتريون سوڪ مانيون ڇڏائي رکنديون، جو ڪانئيندي حال اٿئي! تنھنجي بلڪل چڱي خدمت ڪنديون.

بادشاھ: ھاءِ ھاءِ، منھنجو ته جگر ٿو جلي، منھنجو ته ھياءُ ٿو سڙي! لاچار صبر ڪرڻ گھرجي. ڪٿي آھي منھنجي اھا ڌيءُ؟

زابلون: سائين، اندر، پنھنجي گھر واري سان گڏ.

بادشاھ: چڱو، اوھين منھنجي ٻيان نه اچو، اِتي ترسو. (ٻاھر وڃي ٿو)

نوڪر: بس، تو ٻيو ڪو به وڏيڪ قصور ڪونه ڪيو- رکو جيڪي چيئه سو ڪيئه؟

زابلون: ڪي به ڪين. بادشاھ ڇو ھيترن نورن ماڻھن سان آيو آھي؟

مسخرو: جي انھيءَ ڪري تون ڪاٺ پوين ھا، ته وري به چڱو ھو.

زابلون: سو ڪيئن؟

مسخرو: وڇي ماڪوڙين کان سبق سک ته سياري ۾ پورهيو نه ڪجي، اونهاري ۾ ڪمائجي، ته سياري ۾ ڪم اچي. انڌن کان سواءِ ٻيو جيڪو ماڻهو ٻانس تي هلندو، تنهن کي اکيون ضرور وٺي هلڻ لاءِ ڪم ايندڀون. جي ڪنهن وڏي چڪر کي ڇنبڙيل هجين، ۽ اهو مٿان نڪريءَ تان ڦرندو هيٺ اچي، ته توکي هٿ ڇڏي ڏيڻ کپن، نه ته ڪنڌ ڀڃندءِ. جڏهن توکي ڪو ڏاهو انهيءَ کان بهتر صلاح ڏئي، تڏهن اِها منهنجي صلاح موٽ کي موٽائي ڏجئين. مسخري جي صلاح تي هلڻ ب، مسخرن ۽ بيعقلن کي گهرجي، نه عقل وارن کي.

قول سچو ياد رک، پنهنجي سچي يار جو.*
آهي وڏو هي نشان، مطلبي مڪار جو،
مهل آئي ضرور ٿئي، ڪنهن نه ڪم ڪار جو.
تنهنجي خوشامد ڪري، سک ڏسي منسار جو،
ڏک ۾ ڀڄي ٿئي ٻري، واقف نه سو وار جو.
توڙي ڪٿي هو قسم، قادر ڪرتار جو،
عاشق تنهنجو نه آهي، عاشق ڪلدار جو.

زابلون: هيترو عقل ڪٿان پرايئه؟

مسخرو: ڪاٺ ۾ پوڻ مان ڪين پرايم، نه ته جيڪر تون به پرائين ها. (اني بادشاهہ ۽ روبيل اچن ٿا)

---

* راڳ 'آسا' (دادرا) طرز: "ڀاڳ لعل جگل"

بادشاھ : ڇا، مون سان ملي نٿا سگهن! ــ بيمار آهن، ٿڪجي آيا آهن، سڄي رات پنڌ ڪيو اٿن،... رڳو ڪوڙا بهانا ــ دل کوٽي، عذر گهڙا! وڃ سائين وڃ، مون کي اهڙا جواب نہ گهرجن، وڃ کو بهتر جواب وٺي اچ.

روبيل : حضور، آءٌ لاچار آهيان، اوهان کي خبر آهي تہ اسان جو بادشاھ ڪهڙو نہ طبع جو تکو ۽ چيڙاڪ آهي، ڪنهن ڳالهہ تي بيهندو آهي، تہ وري لهندو ئي لاهي.

بادشاھ : حيف اٿس! جهنم ۾ پوي! انهيءَ ڪان موت چڱو ــ ”طبعيت جو تکو آهي، چيڙاڪ آهي“! روبيل، روبيل، مون کي ضرور شاھ ڪالاب ۽ سندس زال کي ڏسڻو آهي، ۽ ساڻس ڳالهائڻو آهي!

روبيل : حضور، مون هنن کي ائين اطلاع ڏنو آهي.

بادشاھ : ”اطلاع ڏنو آهي“! چڱا مڙس، سمجهين ٿو تہ آءٌ ڇا ٿو چوان؟

روبيل : سائين، آءٌ سمجهان ٿو.

بادشاھ : ايليا بادشاھ، جيشان جي حاڪم سان ملندو، پيءُ پنهنجيءَ پياريءَ ڌيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندو: هن جو اهو حڪم آهي، جو هنن کي مڃڻ فرض آهي: انهيءَ بابت هن کي خبر ڏني ويئي آهي يا نہ؟ توبهہ، توبهہ ــ ”طبعيت جو تکو ۽ چيڙاڪ بادشاھ“ ــ پنهنجي انهيءَ تکي بادشاھ کي چؤ تہ...

(زابلون کي آزاد ڪن ٿا)

زلفا: بابا، اوھان کي ڏسي آءٌ گھڻي خوش ٿي آھيان.

بادشاھ: ھائو، زلفا، تون ڇو نہ خوش ٿيندينءَ؟ بيشڪ، تون خوش ٿيندينءَ - جي تون خوش نہ ٿين، تہ آءٌ جيڪر سمجھان تہ تنھنجي ماءُ توکي مون مان ڇنيو ڇني ناھي. (زابلون کي) اڙي، تون بند مان ڇٽين؟ چڱو ٿيو، وري ڪنھن بيءَ مھل انھيءَ بابت ذڪر ڪنداسين. پياري زلفا، تنھنجيءَ پيءُ مان ڪي ڪين ٿيو. او زلفا، ھن جي نامھرباني ڏسي، منھنجو جگر جلي ويو آھي - (دل تي ھٿ رکي) اجھو، ھتي چڪ پيا لڳنم، مون کي ڳالھائڻ جي طاقت ڪانھي! توکي ھت نہ ايندي تہ ڪيتري قدر ھن بيحيائي ڪئي آھي. او زلفا......

زلفا: بابا، ھاڻ لھي وڃو انھيءَ ڳالھ تان. آءٌ ڄاڻان ٿي تہ منھنجي پيءُ اھڙي بي ادب نہ ٿي آھي، شايد اوھان کي ھن جو قدر ڪونھي!

بادشاھ: بلاءِ، سو ڪيئن؟

زلفا: منھنجي خيال ۾ نٿو اچي تہ ڪو اديءَ پنھنجو فرض پوريءَ طرح ادا نہ ڪيو ھوندو. جي ھن اوھان جن نوڪرن جي جھيڙي فساد روڪڻ لاءِ ڪٿي ڪي ڇيو يا ڪيو ھوندو، تہ عجب ڪونھي، چڱائيءَ لاءِ ڪي بہ ڪرڻ ۾ مٿس ڪو عتاب اچي نٿو سگھي.

بادشاھ: آءٌ تہ پيٺيانس ٿو، ھاراتا ٿو ڏيانس!

زلفا: بابا، تون ڪراڙا ٿيا آهيو، اوهان جي پوئين وهي آهي، اوهان کي پنهنجي چڱائيءَ جي هينئر گهٽي خبر نٿي پوي، تنهنڪري جيڪو اوهان جي سنڀال ڪري، تنهن جو اوهان کي چيو مڃڻ گهرجي. ڀلائي ڪري، هاڻ موٽي اوهين اديءَ ڏي وڃو، ۽ چئوس ته تون رنج نه ٿيءُ، منهنجي ڳالهه دل ۾ نه ڪر.

بادشاهه: وڃي معافي گهرانس!... آڪهه، ئي سڀ هڪڙي آهي! (گوڏن ڀر ويهي) هائو، وڃي چوانس "بابا، ڏيءَ، آءٌ برابر ڪراڙو بيعقل آهيان، مون کي لاچار آهي، آءٌ گوڏن ڀر ويهي عرض ٿو ڪريان ته ڀلائي ڪري مون کي ٽڪرمانيءَ جو، ڪپڙو ۽ هنڌ ڏي!

زلفا: بابا سائين، ڏاڍا زور وارا آهيو. هاڻ معاف ڪريو، اهڙيون اجايون ڳالهيون نه ڪريو. موٽي منهنجيءَ ڀيڻ ڏي وڃو.

بادشاهه: (اٿي) توبهه! زلفا، ڪڏهن نه، مرسان مرسان، پر ڏيپ نه چرسان! هن منهنجن سوارن جي ٽوليءَ جو اڌ ڪڍي ڇڏيو، مون تي اکيون آڀٽيون ڪيون آئي، ۽ نانگ وانگي زبان سان مون کي اهڙو ڏنگيو اٿس، جو اڃا زخم دل تي بيٺا اٿم، شل انهيءَ بيشڪريءَ کي خدا خراب ڪندس، متس مصيبتون نازل ڪندو! شل جوانيءَ ۾ سنڌ پڇندس، ۽ سنڌي ٽنڍي تي ويهي رهندي!

ڪالاب: هي ڇا، سائين، هي ڇا، ائين ته ڇڏيو!

بادشاهه: شل آسمان مان وڄ ڪِرِي سندس اکيون انڌيون ڪندي، شل مرض وڪوڙي ويندس، ۽ ڪيٻي ڪوجهي ڪندس، جنهنڪري سندس مغز مان مغروري نڪري ويندي!

زلفا: جڏهن اوهان کي چڙ ايندي، تڏهن مون کي بہ ائين بخشيندؤ؟

بادشاهه: زلفا، نہ، توکي آءٌ ڪڏهن نہ ٿيندس، تنهنجي طبعيت چڱي ۽ نرم آهي، تون هن جهڙي شوخ ۽ بيحيا نہ آهين، هن جي اکين مان چٽگون پيئون نڪرن، پر تنهنجي اکين ڏئي دل کي تسلي ٿئي اچي تہ تون منهنجي خوش گذران تي ڪرڪڻ واري ناهين، نڪي منهنجن نوڪرن چاڪرن جي تعداد گهٽائڻ جهڙي آهين، نڪي مون سان مهاڏي اٽڪائڻ جهڙي آهين، نڪي منهنجو مقرر ڪيل خرچ گهٽائڻ واري آهين ۽ نڪي در ٻوري مون کي اندر اچڻ کان روڪڻ واري آهين، تو ۾ ادب ۽ اخلاق وڌيڪ آهي، مائٽ ۽ اولاد جي حقن جي توکي چڱي خبر آهي، مروت ۽ احسانمندي جو قدر توکي گهڻو آهي، ملڪ جو اڌ جيڪو توکي بخش ڏنو هوم، سو هن وانگي تو اڃا نہ وساريو آهي.

زلفا: بابا سائين، ٻيون ڳالهيون ڇڏيو، مطلب جي ڳالهہ تي اچو.

بادشاهه: منهنجي ماڻهوءَ کي ڪاٺ ۾ ڪنهن وڌو هو؟

(ٻاهران ترٽائن جو آواز اچي ٿو.)

ڪالاب: هي ڪهڙو آواز آهي؟

آهين، جنهن کي لاچار آءٌ پنهنجو سڏ ينداس- جڻ تہ تون ڪيئي اڳر آهين، يا رت- ڳڙ آهين، يا ڦرڙي آهين، يا ڪو لاعلاج ڦٽ آهين، جو رت جي ڪرڻ ڪري پيدا ٿئي ٿو. پر خير، آءٌ توکي وڏيڪ نہ چوندس. پاڻيهي ڪنهن مهل لڄ ايندي، پاڻهي شرمندي ٿيندي. آءٌ توکي نڪي هينئر پڻيان ٿو، نڪي پاراتو ٿو ڏيان. جهڙي نيت، تهڙي مراد- پاڻيهي اک پٽبي، پاڻيهي سمجهه ايندي- آءٌ ڪٿي صبر ڪندس. آءٌ ڪٿي زلفا وٽ رهندس، پنهنجن سؤ سوارن سميت.

زلفا: ايترن سان تہ نہ. پر سائين، اجا اوهان جو مون وٽ اچڻ جو وارو نہ هو، تنهنڪري آءٌ اوهان جي مهمانداريءَ جي لاءِ پوري تيار ناهيان. بابا، بهتر آهي تہ جيڪي ادي چوي ٿي، سو مڃو. هوءَ اوهان کي پيرمرد ڄاڻي، اوهان جي ڪاوڙ ڏي نٿي ڏسي، مٺڙو وچي، ۽ اوهان جي خيرخواهي ٿي ڪري. انهيءَ ۾ اوهان جي چڱائي آهي.

بادشاهہ: پالشيءَ ٿي تہ ائين چوڻ مناسب آهي؟

زلفا: آءٌ تہ ائين پانيان ٿي. ڀلا، سچا پنجاهہ سوار- انهن ڪان گهڻن جي اوهان کي ڪهڙي گهرج آهي؟ پر ايترن جو بہ ڪهڙو ضرور آهي- هڪڙو خرچ گهڻو ۽ اجايو، ٻيو انهن مان خوف! ڀلا، هڪڙي گهر ۾ ايترو لشڪر، ٻن ماڻهن جي حڪم هيٺ ڪيئن هلي سگهندو، ۽ ڪيئن آنهن جي وچ ۾ صلح

رهي سگهندو؟ - بلڪل مشڪل آهي، ٿيئي ناهي!

ملڪا: پر، بابا، اوهين آديءَ جي نوڪرن کان يا منهنجن نوڪرن کان ڇو نٿا پنهنجو ڪم ڪار ڪرايو؟ هو سڀ اوهان جي خدمت ڪندا، ٻين جي رکڻ جو ڪهڙو ضرور؟

زلفا: ٻيو ڇا! پوءِ جي هنن ڪٿي ڪا غفلت يا ڊرائي ڪئي، ته اسين هنن کي ڦهمائش ڏيئي سگهندا يونسين. هاڻ مون کي ٻه خوف ٿو ٿئي، سو جڏهن مون وٽ اچو، تڏهن پنجويهن کان وڌيڪ ماڻهو پاڻ سان نه آڻجو؛ وڌيڪ هوندا، ته آءٌ انهن کي پنهنجي گهر ۾ جاءِ ڪانه ڏيندس!

بادشاهه: مون وٽ جيڪي هو، سو سڀ اوهان کي ڏيئي ڇڏيم!

زلفا: چڱو ڪيوَ.

بادشاهه: اوهان وٽ امانت رکيم، انهيءَ لاءِ ته اوهين منهنجي سنڀال ڪندؤ؛ پر شرط اهو ڪيو هوم ته هيترا ماڻهو آءٌ پاڻ سان رکندس. هي ڇا، زلفا، آءٌ فقط پنجويهن ماڻهن سان تو وٽ اچان! تو ائين چيو ڇا؟

زلفا: هائو بابا. آءٌ وري ٻه ٿي چوان، انهن کان وڌيڪ متان آڻيو.

بادشاهه: جڏهن تمام خراب شئي ڏسبي آهي، تڏهن موچاريءَ شئي جو قدر پوندو آهي. خراب ماڻهو پسند نه ايندا آهن، پر جڏهن وڌيڪ خراب ماڻهو ڏسبا آهن، تڏهن هو اڳيان چڱا پيا لڳندا

آهن. (ملڪا کي) آءٌ تو سان ھلندس! تنھنجا پنجاھ
وري ٻه پنجويھن کان پيٽا آهن: وري ٻه ڇٽيو تہ
تنھنجي محبت ھن کان پيٽي آھي!

ملڪا: بابا، سچ پڇو تہ اوھان کي ڪھڙي
پنجويھن نوڪرن جي گهرج آهي، ڪھڙي ڏهن جي،
ڪھڙي پنجن جي؟ اسان جي گهر ۾ جڏھن انھن کان
پيٽن کي اوهان جي خدمت ڪرڻ جو حڪم آهي،
تڏھن اوهان کي ھن جي ڪھڙي گهرج آهي؟

زلفا: ھڪڙي جي بہ ڪھڙي گهرج آهي؟

بادشاھ: گهرج جي ڪھڙي ڳالھ آهي - تمام
ڪنگال فقير آهن، تن کي بہ جيڪي وٽن آهي،
تنھن جي گهرج آهي. جي رڳو ضروري گهرج ڏي
ڏسبو، تہ ماڻھوءَ جو گذران اھڙو سولو ٿيندو، جھڙو
جانور جو. تون وڏ گهرائي زال آھين: بت کي
ڪوسي رکڻ لاءِ ھي جيڪي ڪپڙا ڍڪيو ويٺي
آھين، تن جو ڪھڙو ضرور آهي، توکي گرم رکڻ
لاءِ، انھن جي ڪھڙي گهرج آهي؟ ھر، شل ماڻھوءَ
کي سچي گهرج ھجي! ياخدا، مون کي آھا شئي
ڏي، جنھن جي مون کي سچي گهرج آهي! مون کي
صبر ۽ تحمل ڏي، انھيءَ جي مون کي گهرج آهي.
آءٌ ھڪڙو غريب، مسڪين، ڏکايل پيرمرد آهيان،
جي تقدير ۾ ائين آھي تہ ھي ڌيون پنھنجي پيءُ جي
بي ادبي ڪن ۽ ان کي عذاب ڏين، تہ مون کي
اھڙو بي ھمت نہ ڪر، جو ھنن جي بي حيائي ماٺ

ڪري سهان، مون کي دل جي قوت ڏي ته هنن جي ڪابه پرواهه نه رکان، ۽ هنن جا ڏک ڏسي رنن والگي وبهي نه روئان! اوهين بيشرم ڏائڻيون دلجاءِ ڪريو، ڏسو ته اوهان پنهي سان آءٌ ڪهڙيون جٺيون ٿو ڪريان! اهڙا اوهان کي ڏجها ڏيندس، جو جهان پڌي ڏڪي ويندو! اوهين پائيو ٿيون ته روئي ڏيندس؟ - منهنجي بلا ٿي روئي! ... اوهان برابر مون کي روئڻهارڪو ڪيو آهي، پر پهرين هيءَ دل پچي پرزا پرزا ٿيندي، پوءِ رنڊو نه روئندس! گهوڙا گهوڙا، آءٌ چريو ٿي پوندس، آءٌ ديوانو ٿي پوندس...!

(بادشاهه، زابلون، روبيل ۽ مسخرو ٻاهر نڪري وڃن ٿا. پري ڪان واچ ۽ مينهن جو آواز پيو اچي.)

ڪالاب: هلو ته هلون. پانجي ٿو ته طوفان ٿو اچي.

زلفا: اسان جو گهر نڊيڙو آهي، هي پڌو ۽ سندس لشڪر ته هن ۾ پورا پنجي ڪين سگهندا؟

ملڪا: ادي، اسين ڇا ڪريون، سندس ڏوهه آهي. پاڻيهي پنهنجو سک ڦٽايو اٿس، پاڻيهي پاڻ سان ڪئي اٿس، هاڻ پلي پيو ڏکيو ٿئي.

زلفا: سندس جند کي آءٌ گهڻي خوشيءَ سان پاڻ وٽ سکيو رکنديس، پر سندس ماڻهن مان هڪڙي کي به اچڻ نه ڏينديس.

ملڪا: مون به اهو پڪو نهراءُ ڪيو آهي. امير روبيل ڪٿي آهي؟

ڪالاب: ٻيڙي جي ٻيڙيان لڳو ويو. هو ٻيو اچي.
(روبيل موٽي اچي ٿو.)
روبيل: بادشاهه تمام ڏاڍو ڪاوڙيو آهي.
ڪالاب: ڪيڏي رخ رکيو اٿس؟
روبيل: گهوڙا گهرايا اٿس، آلاجي ڪيڏي ٿو وڃي!
ڪالاب: ڇڏ جيئن تيئن جيئن وڻيس تيئن ڪري. پنهنجيءَ تسي جو چڙهيو آهي، سو ٻئي جي ڪا ڳالهه مڃيندو!
ملڪا: هن کي رهڻ لاءِ منت ئي نه ڪريو.
روبيل: ارمان ٿو ٿئي ته رات ٿي پوي ۽ طوفان ڪارڻهن ڪيو ٿو اچي- ڪوهن ۾ ڪنڌ لڪائڻ لاءِ ٻوڙوئي ڪونه ٿو سجهي!
زلفا: هوڏي ۽ بي چيا ماڻهو پاڻيهي پاڻ کي تڪليفن ۾ وجهي، ان مان سبق سکندا آهن. اوهين پنهنجا در بند ڪري ڇڏيو. هن سان مٿي ڏاڍيل خوفناڪ ماڻهو آهن، الاجي هن کي چوري ڪهڙي خرابي ڪري وجهن- انهيءَ جو ضرور ڊپ رکڻ گهرجي.
ڪالاب: چڱو، در بند ڪري ڇڏيو، زلفا سچ ٿي چوي. رات به قهر جي ٿي ڏسجي. هلو ته واچ مينهن کان بچون.
(نڪري وڃن ٿا.)

# باب ٽيون

## پردو پهريون

<u>ميدان. هيٺان اونداهي، مٿان گوڙ ۽ ڪوڪ آهي.</u>

(زابلون ڳائي ٿو ڳائي)

الاهي، هر حال ۾ ڪرين واهر!
ڪارا ڪڪر، ڏين ڇڪر، سنهن سنوان، نت نوان،
ٽيا روان، ڇا ڇوان، هٿ پوان،
ڪرم ڪر ڪلتار قادر هر حال،...
گوڙ جي ڌم ڌما ٿئي، ڌم ڌما ٿئي،
ڪڙڪا، رڙڪا، دڙڪا، ۽ مينهن پوي،
رات ڪاري، بجلي هر هر چمڪي، گپ ٿئي،
من اندر ڏپ ڏاڍ ٿئي، ساهه سيني ۾ سڪي،
خوف کان ٿوسر ڦري، دل ڌماڌم ٿڙڪي ڏڪي،
ٿئي هوش گم ٿو سربسر هرحال،...

(بس ڪري ٿو، ته شاهه ايليا جو هڪڙو نوڪر اچي لڪي ٿو.)

زابلون: ڪير آهي هڙي طوفان ۾؟

---

* طرز: خدا کو دن رات جپتے رهو"۔

نوڪر: آهو، جنهن جي دل ۾ اڃا ئي اهڙو طوفان آهي.

زابلون: بس، مون توکي سڃاتو آهي. بادشاهہ سلامت ڪٿي آهي؟

نوڪر: ٻاهر کُلئي ميدان ۾ – رڙيون ڪيو ٿو آسمان کي چوي ٿو تہ اهڙو زور وارو طوفان آڻ، جو زمين کي اُڏائي اُٿي سمنڊ ۾ وجهي، يا سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ اهڙو جوش وجهہ، جو اُلٽي زمين کي ٻوڙي ڇڏي تہ دنيا جو ڪارخانو بند ٿئي، يا ڦري ٻي ڪا صورت وٺي: پنهنجا اڇا وار پيو پٽي، جن جا ٻُنج اوندهيءَ ۾ هوا آڏايو ڪنيو وڃي! پنهنجي مرواج ميڻهن سان جهيڙو لايو بيٺو آهي، پرواهہ بہ ڪانہ اٿس. ههڙيءَ رات ۾ ٻُڪيو شينهن ۽ بگهڙ بہ ٻاهر نڪري پنهنجي کل نہ پُسائيندو هوندو، ۽ ٻچن ڏارائن واري ماڌي رڇ بہ خالي پيٽ ساں لڪي ڇپي ويٺي هوندي، تہ بہ بادشاهہ مٿي اگهاڙو، هيڏي هوڏي پيو ڊوڙي، ۽ ڪنهن بہ تڪليف جو خيال ڪونہ اٿس.

زابلون: پيو ڪو ماڻهو ساڻس آهي؟

نوڪر: رکو مسخرو آهي، جو ساڻس چرچا ڪهڻا ڪيو دل پيو وندرائيس.

زابلون: ادا، آءٌ توکي سڃاڻان ٿو، تنهنجي ايمانداريءَ تي ڀروسو رکي، آءٌ توکي هڪڙو ڪم ٿو چوان، جو توکي ڪرڻ فرض آهي. جيئشان ۽ جاجال جي بادشاهن جي وچ ۾ جهيڙي ۽ جنگ جو خيال آهي–

تيلهي ڪٿي وڃ - جيترو دل چويئي، اوترو منجهانئس وڃي خرچ ڪر. توکي شهزادي صوفيا ضرور ملندي، جي ملندئي ته. انهيءَ کي هيءَ منڊي ڏيکارج (منڊي ڏيس ٿو) - ڀانيهي آهه توکي ڀڏائيندي ته. آءٌ ڪير آهيان، جنهن کي تون نٿو سڃاڻين. توبهه، طوفان ته ڏس، کهڙو نه هلاڪ ٿو ڪري! آءٌ وڃي ٿو بادشاهه کي ڳولي هٿ ڪريان.

نوڪر: چڱو، هٿ ڏي ته. موڪلايون. ٻيو ته وڏيڪ چوڻو نه اٿئي؟

زابلون: هائو، ٻه ٽي تمام ضروري لفظ آهن. آهي هيءَ ته تون انهيءَ پاسي ٿو وڃين، ۽ آءٌ هين پاسي ٿو وڃان - جنهن کي بادشاهه ملي وڃي، سو هڪل ڪري ٻئي کي سڏي. (هڪڙو هڪڙي پاسي، ٻيو ٻئي پاسي نڪري وڃن ٿا.)

## ٻرڊو پيو

ميدان جو ٻيو پاسو: طوفان پيو لڳي.

---

(بادشاهه ايليا ۽ مسخرو اچن ٿا.)

بادشاهه: لڳ، هوا لڳ... چڙهه، پاڻي چڙهه - ايترو گهمسان مچايو، جو نوح وارو طوفان نظر اچي؛ ايترو پاڻي ڪريو، جو شهر جون وڏيون وڏيون عمارتون ٻڏي وڃن! او وڄ، تون پنهنجي تيز ۽ درختن چيرڻ واريءَ باهه سان منهنجو آڇو متو جلائي

۽ پشيمان ٿيندو، ڪهڙي بہ سهڻي زال هوندي، تہ بہ، ڪڏهن نہ ڪڏهن آرسيءَ ۾ نهارڻ مهل ضرور منهن چٽيو ڪيو هوندائين!

بادشاهہ: بس مون کي بيو ڪي بہ ڪجهہ نہ کپي. ڏس تہ آءٌ ڪهڙو نہ صبر ۽ تحمل ٿو ڪريان!

(اتي زابلون اچي ٿو.)

زابلون: اهو ڪير آهي؟

مسخرو: هڪڙو ڏاهو، ٻيو بيعقل!

زابلون: افسوس، سائين، اوهين هتي آيا آهيو ڇا! جيڪي ماڻهو يا جانور رات کي پسند ڪندا آهن، سي بہ ههڙيءَ رات کان امان پيا گهرن! ههڙي گهمسان ۾ رات جي گهمڻ وارن جو بہ ساهہ ئي مڪي ٿو وڃي ۽ وڃيو پنهنجن غارن ۾ لڪن. مون پنهنجيءَ عمر ۾ ههڙي واچ ۽ مينهن، کوڙ ۽ کوڙ، ڪا ڏٺي ڪا ٻڌي. ماڻهوءَ کي هن تڪليف يا ڏپ سهڻ جي ڪهڙي طاقت آهي؟

بادشاهہ: اهي خوفناڪ ڪڪر جي اسان جي مٿان آهن، سي خدا تعاليٰ جي هٿ ۾ گنهگارن کي سزا ڏيڻ جا اوزار آهن. پلي تہ هو هاڻ پنهنجن دشمنن کي ڳولي انهن کي سيکت ڏيئي... هيستائين مذاقون پئي ڦيرون اٿن! لڪو لڪو، اوهين ناحق خون ڪرڻ وارا، ڪوڙن قسم کڻڻ وارا، ايڪيءَ جي ڏيک ڪرڻ وارا، ۽ حرام ڪرڻ وارا! جن ڊونگ ۽ بہ-چاپلوسي ڪري ماڻهن کي پئي لڪيو آهي، سي ٻاهر ڏڪي ڀرزا ڀرزا

ڪُينڊا: جن لڪي ڇپي گناھ ٿي ڪيا آھن، تن جا ھٿڙيون ھاڻ پردا ڦاٽندا، ۽ توبھ ۽ زاريون ڪندا. آءٌ بہ انسان آھيان، پر جيترو ظالم آھيان، تنھن کان وڌيڪ مظلوم آھيان؛ جيترو مون پاڻ گناھ ڪيو آھي، تنھن کان وڌيڪ ٻين مون سان گناھ جھڙي ھلت ڪئي آھي.

زابلون: ھاءِ ھاءِ، مٿو بہ اگھاڙو اٿس! منھنجا سردار، منھنجا بادشاھ، ھتي نزديڪ ئي ھڪڙي پڪنگي آھي، انھي ۾ ھلي واچ مينھن کان پناھ وٺو، ۽ آرام ڪريو، تيستري ۾ آءٌ ھن نياڻي ندوري گھر ۾ وڃي، ان جي سنگدل مالڪن کان منٿون ڪري جاءِ وٺان- جيتوڻيڪ اڃا اڳھين اوھان جو پڇندو اتي ويس، تہ مون کي اندر لنگھڻ ئي نٿي ڏنائون.

بادشاھ: منھنجو ھوش جاءِ تہ آھي، منھنجو عقل خطا تہ نٿي! آءٌ، ڇوڪرا آءٌ... ڪيئن تہ پاڻئين؟ سيءُ تہ پوي ٿي؟ آءٌ پاڻ سيءُ ۾ پيو ڏڪان! چڱو، اھا پڪنگي ڪٿي آھي؟ گھرج ۽ لاچاري ڪھڙي نہ ٻڙري شئي آھي- ڪين جھڙي شئي بہ قيمتي ٿيو پوي! آءٌ... ڪٿي آھي تنھنجي پڪنگي؟ ويچارو مسخرو؟ ٻيلي، اڃا منھنجي دل جي ھڪڙي ڪنڊ ٻچي پئي آھي، جنھن ۾ تنھنجي لاءِ گھڻو ارمان آھي!

مسخرو:

ھوڏي واچ ۽ ھوڏي مينھن،<br>
آئي رات، پري ٿيو ڏينھن!

جنهن کي کواهي اندر ۾ قاضي،
قسمت پنهنجيءَ تي ٿي راضي.

بادشاهه: سچ ٿو چوين، ڇوڪرا. هل، وٺي هل انهيءَ پيشنگيءَ ۾.

(بادشاهه ۽ زابلون نکري وڃن ٿا.)

مسخرو، آءٌ وڃڻ کان اڳي هڪڙي پيشنگوئي ڪري ٿو ڇڏيان. (ڳائي ٿو)

آهو وقت آيو چاڻ، ڪيو پنڊ پيرن ساڻ.
نڪي ڪندا خلق سان پير ۽ فقير،
ڏوڏي وجهندا ڦهر جو ٻاٽي منجهه، ڪير- آهو وقت...
سکر ٽيندا پوشاڪي، درزي ڏيندا ڏور
پاپي ويندا چاڙهي، جهلبا رنن سندا چور- آهو وقت...
حاڪم ڪندا جتي ڪٿي عدل ۽ انصاف،
قرض کٽندو ڪونه ڪڏهن سکر ۽ اشراف- آهو وقت...
گلا غيبت، ڪوڙ ڪپت، خلق ڏيندي ڇڏي،
ڳنڍي ڇوڙ ملڪ منجهان ويندا سڀ لڏي- آهو وقت...
ٻر پٽ ۾ رکي ويهندا رپيا شاهوڪار،
ڪچريون ڪچر جوڙائيندا مسجدون هزار- آهو وقت...
پوندو ڪاهي ملڪ ۾ وڏو پوءِ ڏڪير،
ڏسندو ويٺو رنگ سڀ، جيئرو هوندو ڪير- آهو وقت...
(نکري وڃي ٿو.)

---

راڳ 'پيلو'.

طرز: "ساڏے تين پيسے ايک ٻچلي لا پچونکي".

# پردو ٽيون

## امير روبيل جي محلات جو هڪڙو ڪمرو.

(روبيل ۽ شمعون اندر اچن ٿا.)

روبيل: افسوس جي ڳالهہ آهي، شمعون، انهيءَ کي حد کان وڌيڪ ظلم چئبو: جڏهن مون هنن کان موڪل گهري تہ مون کي ڇڏيو تہ آءٌ ٻڍي بادشاهہ تي ڪو رحم ڪريان، تڏهن هنن مون کان منهنجو پنهنجو گهرئي ڪم جي بهاني ڪٽي ورتو، ۽ مون کي منع ڪري ڇڏيائون تہ اڪي هن سان ڳالهاءِ، نڪي هن جي ٻاران امان کي ڇؤ، ۽ نڪا هن سان ڪا مروت ڪر-جي ڪندين، تہ اسين رنج ٿيندا سين - هيءَ تہ انسانيت کان ٻري ڳالهہ آهي!

شمعون: بيشڪ، هي حد کان وڌيڪ ظلم آهي، انسانيت کان ٻري آهي.

روبيل: افسوس، ڳالهہ ئي نہ ٻڇ. جيشان ۽ جلجال جي بادشاهن جي وچ ۾ تڪرار شروع ٿيو آهي، تنهن کان بہ ٻي خراب ڳالهہ آهي، جنهن بابت مون کي اڄ رات خط آيو آهي-انهيءَ بابت ذڪر ڪرڻ ئي خوف ٿيو ٿئي! اهو خط مون پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ لڪائي رکي ڇڏيو آهي. ويچاري ٻڍي بادشاهہ سان جو هيتريون جٺيون ٿيون آهن، تنهن جي ويرر وارا سنبريا آهن. ٿورو گهڻو لشڪر تہ اڳي ئي اچي هن ملڪ ۾ لٿو آهي. اسان کي ضرور

انهيءَ بادشاهه جو ٻاسو وٺڻ گهرجي. آءٌ ڀولي وڃي ٿو هٿ ڪريانس، ۽ جيڪا تلافي مون کان ٿي سگهي، سا لکچوريءَ ڪندو سانس. تون وڃ، وڃي شاهه ڪالاب کي ڀاڻهين ٻولهين سان ريجهاءِ، ته هن خير جي ڪم جي ڪيس خبر نه پوي. جي هو منهنجو ٻچي، ته چشمجنس ته بيمار ۽ بسترنشين آهي، ٻاهر نڪرڻ جهڙو ناهي. انهيءَ لاءِ جي ڪٿي سون کي مارياڻون- جيئن دڙڪا ڏنا اٿن- ته ٻ حرڪت ناهي، اسان جو پير مرد بادشاهه ته تڪليفن کان ڇٽي! شمعون، ملڪ ۾ ڏاڍي خرابيءَ جو خوف آهي، خدا شل خير ڪري- تمام گهڻي خبرداري ڪندو رهج! (نڪري وڃي ٿو)

شمعون: شاهه ڪالاب بابي کي اهڙي مهرباني ڏيکارڻ کان سخت منع ڪئي آهي، تنهنڪري اها خبر ضرور هن جي ڪنن تي رسائجي، ۽ اهو خط ٻ ڏيکارجي. اهو ڏاڍو چڱو وجهه مليو آهي! ان جي ڪري بابو جيڪي ڪسائيندو، سو مون کي ملندو! دستور ٻ آهي ته جڏهن وڏا ڪرندا آهن، تڏهن ننڍا چڙهندا آهن. (ڳائي ٿو)

* ڪريم ڪو ڪرم ڪيو، ڪريم ڪو ڪرم ڪيو،
بخت ٿيو سوايو!
غم ۽ وهم جي لنگهي وئي رات، ڏينهن خوشيءَ جو آيو...

---

* راڳ 'ڪالنگرو'. طرز: "بدل کيو جاني رے".

آئـي بهاري وئـي خزالـي، لاتـي جهڙ جهڪور،
بادل مينهن وسايو...
لٽو ڏولائـو، ويـو وڇـوڙو، سرهـو ٿـيـو ساهہ،
مـولا محب ملايو...

(لڪري وڃي ٿـو.)

## پردو چوٿون

ميدان ۾ هڪ پڙونڪـي. طوفان پيو لـڳي.

(بادشاهہ ايليا، زابلون ۽ مسخرو اچن ٿا.)

زابلون: سائين، اجها هيءَ پڙولڪي آهـي، هلي اندر ويهو. رات جو واچ-مينهن جي سختي، ماڻهوءَ جي سهپ کان باهر آهي.

بادشاهہ: ڇڏ، مون کي ڇڏ!

زابلون: اندر لنگهو، سائين، اندر لنگهو.

بادشاهہ: تون منهنجي دل ٽڪرا ڪندين ڪيئن؟

زابلون: قربان ٿيان، تنهن کان پنهنجي دل چور ٽڪرا ڪريان! حضور، اندر لنگهو...

بادشاهہ: تون ڀانئين ٿو تہ هن طوفان جي ڪري اسان جي بت کي تڪليف ٿي رسي؟ توکي رسندي هوندي، پر مون کي ذرا جتي وڏا عذاب ڪـلا ڪوڙيو پيا هوندا، آتي ننڍڙين تڪليفن جي خبر ئي ڪانہ پوندي. تون جهنگلي رڇ کان برابر ڀڄندين، پر جي وري انهيءَ پاسي سمنڊ آڏندو ڪجندو ايندو هولدو، تہ

خوشيءَ سان موليءَ رچ جي منهن ۾ ويندا ڀن. جڏهن دل خوش آهي، تڏهن بدن به خوش آهي، ۽ حواس به سڀ تيز رهن ٿا، پر منهنجي دل ۾ دردن اهڙو طوفان مچايو آهي، جو سڀ حواس بند آهن ـ رکو دل جي ڌڙڪ-ڌڙڪ پئي پوي. شل اولاد ناصالح ۽ بي شڪر نه ٿئي ـ اهو اهڙو آهي، جهڙو هـت ڪاڏو ڪٽي وات کي پهچائڻ وڃي، ۽ وات هت کي چڪ هڻي ڇني رکي... پر آءٌ پاڻيهي انهيءَ جو وير وٺندس! ها، ها، آءٌ روئندس ڪين. ههڙيءَ رات ۾، در پوري، مون کي ڪڍي ڇڏيـن ڙ وس، وس، پلي وس ـ آءٌ پيو سهندس. ههڙيءَ رات ۾... او زلفا، او ملڪا، اوهـان جي ڪراڙي مهربان پيءُ جو ههڙو حال، جنهن پنهنجي صافدليءَ سان سڀڪجهه اوهان کي ڏيئي ڇڏيو!... وري اچيو ٿو چريائيءَ جي ڪِالهه، تي پوان ـ ڇڏ الهيءَ کي، وري انهيءَ جو ذڪر ئي نه ڪرا

زابلون: حضور، اندر اچو.

بادشاه: بابا، تون ئي الدر وڃ، تون ئي وڃي سکيو ٿيءُ. پر، هيءُ طوفان مون کي پنهنجي اندر جا سور اورڻ نه ڏيندو ـ چڱو، الدر وڃان ٿو. ڇوڪرا، پهرين تون لنگهه، آءٌ خدا کي ياد ڪري، پوءِ سمهي رهندس. (مسخرو پونگيءَ ۾ گهڙي ٿو) ويچارا غريب،... ههڙي ڦهر جـي طوفان ۾، گهر گهاٽ ۽

ڪاڏي ڪان سواءِ ڪيتن گذاريندا هوندا - انهيءَ ڳالهه تي مون اڃا پورو ويچار ئي نه ڪيو آهي. دولتمندن کي گهرجي ته گرمي - سردي ڏسن، ته مسڪينن جي حالت جو قدر پوين؛ ۽ جيڪي وڌن گهرج کان واڌو هجي، سو هنن کي ڏين، جو اها وڏيڪ انصاف جي ڳالهه آهي.

زابلون: (پوڳيءَ مان ڳالهائي ٿو) ڏيڊ پٽرهه!... ملنگ، ملنگ! - (مسخرو ڊپ کان پوڳيءَ مان نڪري اچي ٿو.)

مسخرو: چاچا، متان اندر لنگهيو آهين - اتي جن ويٺو آهي! هاءِ ڙي، کهوڙا ڙي...

زابلون: مون کي پنهنجو هٿ ڏي. اندر ڪير آهي؟

مسخرو: جن آهي، جن! چوي ٿو ته نالو اٿم "ملنگ"!

زابلون: اڙي، تون ڪير آهين جو اندر پوڙنيءَ ۾ پيو ڪُرڪين... نڪري آ ٻاهر!

(شمسون چرين جي ويس ۾ نڪري اچي ٿو)

شمسون: هري، هري، شيطان منهنجي پٺيان لڳو اچيو! واءَ جو گهوگهٽ پيو پوي، وڃي ٿڌي هنڌ ۾ ٻاڻ کي ڪوسو ڪريو!

بادشاهه: اڙي، متان تو به پنهنجا نِپڙ نآڙي سڀ پنهنجين ڌيئن کي ڏيئي ڇڏيا آهن، متان تڏهن تنهنجو حال ههڙو ٿيو آهي؟

شمعون: ويچاري ملنگ کي ڪير ٿو ڏئي، جنهن کي شيطان ٻاهه منجهان، ٻالڊن منجهان، ٻاٽيءَ منجهان، ڪنن منجهان، ڪوڙ ۽ چڪن منجهان ڪڍيو ٿي آيو آهي! هن پنهنجي هنڌ جي هيٺان ڀاڪيون رکيون آهن، ۽ وهاڻي جي هيٺان ڦاهيون، پنهنجي ڪاڌي ۾ هن زهر وجهي ڇڏيو آهي - اصل ساهه ڪان بيزار ٿيو ويٺو آهي! مٿي ڦريل وري اهڙو، جو سوٽ چهڙين جاين ۽ سنهڙيسن پلين تان گهوڙا ڊوڙائيندو وتي، ۽ پنهنجي پاڇولي کي دشمن سمجهي، ان جي پٺيان ڪاهيو پيو پوي! شل تنهنجا پنج ئي حواس جاءِ هجن! ملنگ سيءَ ٿو مري (ڏند ڪرڪائي ٿو)، شل مرضن ۽ آفتن کان بچين، ويچاري ملنگ تي ڪو قياس ڪر، هن کي شيطان ستائي ٿو!.... اجهو هتي - وري هتي، وري هتي! (طوفان پيو لڳي)

بادشاهه: ڇا، هن جي ڏيئن هن جو اهڙو حال ڪيو آهي؟ اڙي، پنهنجي لاءِ ڪي ۽ ڪين رکيئين سڀ ڏيئي ڇڏيئين؟

مسخرو: نه نه، رلي پنهنجي لاءِ رکي اٿس، نه ته جيڪر اسين سڀ شرمندا ٿيون ها!

بادشاهه: شل دنيا جون سڀ مصيبتون ۽ آفتون تنهنجين ڌيئن جي مٿان اچي ڪڙڪن!

ڪاهلون: سائين، هن کي ڌيئون ڪين آهن.

بادشاهه: ڪوڙو، دغاباز! خراب ڌيئن کان سواءِ، دنيا ۾ ٻي ڪابه شئي ماڻهوءَ کي اهڙو خانو خراب ڪنهن جو نه ڪندي.

پانهنجي ٿو ته هن زماني ۾ جتي ڪٿي گهر جا ڏکيا هي پنهنجي اولاد تي ڏاڍ ڪريندا وتن... چڱي مزا اٿن - چوٿي اهڙيون ڏاٽيون ڏيون چٽيائون؟

شمسون: "ڏاٽي ويٺي چراخ تي، هل هل" ! (ڳنڪاري ٿو)

مسخرو: اڄ رات جو سردي، شڪ ناهي ته اسان سڀني کي يا چريو ڪري رکي يا بيعقل!

شمسون: شيطان کان پاسو ڪجي، پيءُ-ماءُ جي ڳالهه مڃجي، انجام تي پورو رهجي، ٿوري گهڻي ڳالهه تي قسم نه کڻجي، حرام نه ڪجي... ويچارو ملنگ سيءُ ٿو مري!

بادشاهه: ڪهڙي ڪرت ڪندو هوئين؟

شمسون: نوڪري. هوس نوڪر، پر ڏاڍو مغرور ۽ مٿي ڦريل هوس؛ ٿنڊ-ٿو هي تمام گهڻي ڪندو هوس، عيش عشرت مون ڪان وڌيڪ ڪنهن ڪانه ڪئي، قسم بيشمار کڻندو هوس، ۽ پڇندو به جهٽ ۾ هوس، شراب تي ته ساهه ڏيندو هوس، جوا ۾ رات ڏينهن غرق هوس، زناڪاري جام ڪندو هوس، دل جو کوڙو، ڪنن جو سرلو، هٿن جو پاپي، سستيءَ ۾ سوئر جهڙو، لڪيءَ ۾ لومڙ جهڙو، هيچ ۾ بگهڙ جهڙو، چرڙ ۾ ڪتي جهڙو، ڦرمار ۾ شينهن جهڙو! متان ڪنهن رن جي اکيان چيچاٽ واري جتي ڍڪي اٿي، يا ريشمي ڪپڙا کڙڪايا اٿي، ته تنهنجي محبت جو شڪ نه ويس، لڪي خراب جاين ڏي وڃ، ۽ لڪي آذارو

وڃهندو آهي، ۽ ويچارن ڳڳدامن کي به اهوڏ گوئيندو آهي... يا خدا بچائجئين، يا خدا پناه، ڏجئين!

زابلون: (بادشاهہ کي) سائين، اوهان جو ڪهڙو حال آهي؟

(اتي امير روبيل مشعل هٿ ۾ ڪٽي اچي ٿو.)

بادشاهہ: هي ڪير آهي؟

زابلون: اهو ڪير ٿو اچي؟ اي، ڇا ٿو ڳولين؟

روبيل: اوهين ڪير آهيو؟ اوهان جا نالا ڇا آهن؟

شمسون: ويچارو "ملنگ"، جو رڳو ڏيڏريون ۽ سالڊنٽون کائي، ۽ پاڻي پيئي! جڏهن دل ۾ جوش اچيس ۽ مغز ۾ جنّ پويس، تڏهن ڇيڻي کي حلوي وانگر کايو وڃي، ۽ مئل ڳوهون، ڪتا، ڪتا ۽ ٻلا ڳڙڪايو وڃي، ۽ ڪڏ جو سنواريل پاڻي پيو وڃي! پيو وري ويچاري کي مٿان ڇهڪ جو پيو سٽڪو پوي، ۽ در در تي ڌڪا کائيندو وتي، وري وڃي ڪاٺ ۾ وجهنس، ۽ بند ڪنس، ۽ سزا ڏينس: هن کي ڇهہ پهراڻ ۽ ٽي سٽٿون ڍڪڻ لاءِ آهن، ۽ گهوڙو چڙهڻ لاءِ ۽ هٿيار ٻڌڻ لاءِ اسپيال، جنڙال، سنڀال... ٻيهہ فقير... ٻيهہ!

روبيل: (بادشاهہ کي) ڇا، پيو ڪو، آبرو جهڙو ماڻهو حضور سان ڪونهي؟

شمسون: حضرت شيطان ڪو ننڍڙو مڙس آهي ڇا؟ "اهرمن" به چونس، ۽ "ابليس" به، سندس لقب آهي!

روبيل: بس، حضور، اسان جو رت ۽ اسان جو ماس اهڙو ڪري پيو آهي، جو جيڪي ڄڻن تن کي ڌڪارين!

شمسون: ويچارو ملنگ سيءُ ٿو مري!

روبيل: حضور، مون سان گڏجي گهر هلو. سڀڪنهن ڳالهه ۾ مون کي حضور جي ڏيڻ جو حڪم مڃڻ ضرور ناهي؛ آءٌ پنهنجو فرض ڪنهن ٻي طرح پورو ڪندس، پنهنجو حق ضرور ادا ڪندس. هن مون کي تاڪيد ڪيو آهي ته پنهنجي گهر جو در بند ڪري ڇڏيان، ته او هين پلي آونداهيءَ رات جو سيءَ - واءَ ۾ رلندا وتو، ۽ تڪليف سهو، پر مون انهن جي ڪابه پرواهه نه رکي، ۽ اوهان کي اچي ڳولي هٿ ڪيو آهي. هاڻ هلو، هلي منهنجيءَ جاءِ تي سڪيا ٿيو. آني باهه ٻه موجود آهي ۽ ڪاڌو ٻه - سڀڪجهه حاضر آهي.

بادشاهه: چڏ ته پهرين هن حڪيم سان ڳالهيون ٻولهيون ڪريان. ڀلا، سائين، هيءَ جا گوڙ ٿي ٿئي، تنهن جو ڪهڙو سبب آهي؟

زابلون: حضور، ڀلائي ڪري، جيئن هي ڀلو ماڻهو ٿو چوي، تيئن ڪريو - هلي سندس گهر ۾ آسودا ٿيو.

بادشاهه: هن فيلسوف سان من هڪڙو لفظ ڳالهايان! سائين، اوهين ڪهڙي خاص مضمون جا ڪتاب پڙهندا آهيو؟

شمسون: ڪيئن هن ڀوت کي پليان، ۽ ڪيئن سندس ڪاچ لاءِ ننڍڙا جانور ماريان؟

بادشاهه: ڀلا، سائين، توکان هڪڙي ڳالهه ڪن ۾ تو پڇان...؟

زابلون : (روبيل کي) مائين، هن کي وري به زور ڪري وٺي وڃو، هن جو هوش برابر ناهي!

روبيل : هن ويچاري جو ڪو ڏوهه آهي؟- هن جون ڏيئون هن جي مارڻ جي پٺيان آهن! افسوس، امير زابلون کهڙو نه اشراف ۽ نمڪحلال هو- هن اڳي ئي چيو ٿي ته هي حال ٿيندو- ويچاري کي شهر- نيڪالي ڏنائون! تون چوين ٿو بادشاهه ديوانو ٿيندو وڃي. ادا، سچي پڇين ته آءٌ ماڻ چريائپ کي ويجهو ئي ٻو آهيان. منهنجو هڪڙو پٽ هو، جنهن کي مون لادعوا ڪري ڪڍي ڇڏيو آهي، سو منهنجي مارڻ جي پٺيان هو- ٻه ٽي ڏينهن مس گذريا آهن. يار، آءٌ ڪيترو نه پائيندو هوساس- مون کي اٿو سجهي ته ڪو پيو اي منهنجي پٽ کي ايترو گهرندو هوندو. سچي پڇين، ته انهيءَ ڏک ۽ ارمان منهنجو هوش گم ڪري ڇڏيو آهي. (طوفان کهوگهوٽ ڪري ٿو.) ڪهڙي ا، خراب رات پيئي آهي! (بادشاهه کي) حضور، آءٌ منٿ ٿو ڪريان، پلاڻي ڪري هلو.

بادشاهه : بابا، شل خدا ڀلو ڪريئي. حڪيم صاحب تون ٻه اسان سان هل.

شمسون : ملنگ سيءُ ٿو مري!

روبيل : اندر فقير، اندر. تون وڃي پونگيءَ ۾ ڪوسو ٿيءُ.

بادشاهه: هلو ته پاڻ به سڀ اندر هلون.
زابلون: هن پاسي، سائين، هن پاسي.
بادشاهه: جيڏي هي آهي، تيڏي آءٌ... هن فيلسوف کي ته نه ڇڏيان!
زابلون: (روبيل کي) سائين، هن کي دڙ دلاسو ڏيئي وٺي هلو. ڀلي ڀي فقير به ساڻس هلي.
روبيل: چڱو، تڏهن تون پاڻهن ڪان وٺي هلينس.
زابلون: (شمسون کي) آءٌ فقير، آءٌ اسان سان گڏجي هل.
بادشاهه: آ، حڪيم سائين، آ.
روبيل: بس بس، هاڻي ڳالهايو نه؛ چپ ڪري هلو، ته ٻيو ڪو ٻڌي نه.
شمسون: جڏهن ديوُ قلعي ۾ آيو، تڏهن "آدم ٻوُ- آدم ٻوُ" ڪندو آيو؟
(اڪري وڃن ٿا.)

## پردو پنجون

امير روبيل جي محلات جو هڪڙو ڪمرو.

(شاهه ڪالاب ۽ شمعون اچن ٿا.)

ڪالاب: آءٌ سندس هن گهر ڪان روانو ٿيندس، تنهن ڪان اڳي ضرور ڪانئس وير وٺندس!
شمعون: حضور، مون کي ته اهو فڪر آهي ته ماڻهو منهنجي بابت ڇا چوندا. مون کي ته لاچار هو،

پنهنجي بادشاهه سان امڪحلاليءَ ڪري پنهنجي مائٽي وسارڻ.

ڪالاب: هاڻ مون کي پڪ ٿي ٿئي ته رگو تنهنجي پاءُ شمسون جو ٻه ڏوهه ڪين هو، جو هن کي مارڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين؛ اصلي هن جي جند جي حرڪت ۽ بدنيتي هئي - هي اصل خراب ماڻهو آهي!

شمعون: آءٌ ڪهڙو نه ڪمبخت آهيان جو چڱو ڪم ڪري، پوءِ پيو پڇتايان! (خط ڪڍي ڏئي ٿو،) اجهو هي خط آهي، جنهن جو بابي اشارو ڏنو هو. هن مان صاف ظاهر آهي ته هو آرميه جي بادشاهه سان مليل آهي، ۽ هن کي هتي جي خبرچار پيو پهچائي. يا خدا، ڪهڙي نه چڱي ڳالهه ٿئي ها، جو بابو ههڙو دغابازيءَ جو ڪم نه ڪري ها، يا آءٌ انهيءَ منصوبي کي ڪوني ظاهر ڪرڻ وارو نه ٿيان ها!

ڪالاب: مون سان گڏجي، راڻيءَ ڏي هل.

شمعون: جي هن خط جو مضمون سچو آهي، ته حضور کي وڏي مهم درپيش آهي.

ڪالاب: سچو يا ڪوڙو، توکي اِنءُ جي جاءِ ملي چڪي. هاڻ وچي ڳولي هٿ ڪرينس، ته اسان جا ماڻهو قيد ڪنس!

شمعون: (منهن پاسي ڪري) جي ڪٿي بابي کي پڌي بادشاهه جي تلافي ڪندو ڏسان، ته انهيءَ ڪري هن جو شڪ پاڻ مضبوط ٿيندو. مون کي

هينئر ضرور پنهنجي حاڪم سان سچو رهڻ گهرجي-
اگرچ انهيءَ ڪري رت جي قرابت ۾ سو رولو پولڊو،
۽ آءٌ ناصالح اولاد سمجهڻ ۾ ايندس.

ڪالاب: منهنجو توتي پورو ڀروسو آهي. ٻيءَ
توکان ويو تہ ڇا آهي، آءٌ توکي ٻيءَ کان ۽ گهڻو
پيار ڪندس! (نڪري وڃن ٿا.)

## پردو ڇهون

### محلات جي پرسان ڪيٽيءَ ۾ هڪڙي لانڍي.

(روبيل، شاهه ايليا، زابلون، مسخرو ۽ شمسون اچن ٿا.)

روبيل: هيءَ جاءِ وري بہ ڪلٿي ميدان کان
بهتر آهي، خوش ٿي ويهو. جيترو مون کان ٿي سگهيو،
اوترو اوهان کي آسودو ڪندس. آءٌ وڃان ٿو،
اجهو وري ٿو اچان.

زابلون: خدا توکي هن چڱائيءَ جو اجر ڏيندو.
هن ويچاري جو تہ هوش هليو ويو آهي، هينئر رکي
بي‌آرامي اٿس.

(روبيل نڪري وڃي ٿو. روبيل جي نڪري وڃڻ
کان پوءِ، زابلون ڳائي ٿو.)

هوئي لطفِ خدا تو مٿي، اي يار، سلامت!*
دائم رهين دنيا ۾، اي دلدار، سلامت!
بندو جو ڪري مهر سان بندن سان ڀلايون،
سڀڪو چوي تنهن مرد کي سؤ وار "سلامت".

* طرز: "پيارے، تيرا ثاني لهين ڪوئي ٻي جهان مين"

شڪرانو خدا جو، مليي مشڪل ۾ مدد جلد،
شل رهن سي مشڪل جا مددگار، سلامت!
خاوند، مون مسڪين جون تون سڻج صدائون،
هوءَ شاهه جو سايو، مٿي سنسار، سلامت!
هن پير ڪي هن مير ڪٿي مهل تي واهر،
هي ڏار سلامت رهي، هو ڏار سلامت!

شمسون: دودو جين مون کي پيو سڏي، ۽
۽ چوي ٿو ته "وڏو ديو جهنم ۾ شڪار پيو ڪري"!
بابا، توبهه ڪر، خدا کان پناهه گهر، ته شيطان کان
جند ڇڏائي!

مسخرو: چاچا، مون کي ته ٻڌاءِ ته ڇريو ماڻهو
امير آهي، يا ڪوڻن جو ٻنيل آهي؟

بادشاهه: نه ڙي نه، بادشاهه آهي بادشاهه!

مسخرو: نه نه، هو ٻاڻ ٻنيل آهي، پر سندس
پٽ امير آهي؛ ڇالاءِ جو جنهن ٻنيل جو پٽ ڪانئس
اڳي چڙهي وڃي امير ٿئي، تنهن کي ڇريو سمجهڻ گهرجي.

بادشاهه: ٻلي ته هزارين ماڻهو، لوهه جو شيخون
تپائي ڳاڙهيون ڪري، وڃي هنن کي ڏيين!

شمسون: اڙي، شيطان پيو مون کي ٻٽن ۾
چڪ هڻي!

مسخرو: جيڪو ٻگهڙ جي غريبت، گهوڙي جي
تندرستيءَ، ڇوڪريءَ جي محبت، ۽ گنديءَ رن جي
قسم تي اعتبار ڪري، تنهن جهڙو ڇريو ٻيو ڪوبه ڪونهي.

باد شاهه: ضرور ائين ڪبو... آءٌ هڪدم هنن کي گرفتار ڪري رجوع ٿو ڪريان! (شمسون کي) اچو، منصف صاحب، اوهين هتي ويهو، (مسخري کي) ۽ اوهين، مشير صاحب، هتي ويهو. هاڻ لومڙيون، اوهان جو وارو!

شمسون: ڏس او اجهو، هتي بيٺو اکيون ٽمڪائي!
واه مائي، واه، تون هن کي اکيون ڇو پيئي ڇڪين!
'لنڌي لهرن وچ مان، تون لالڻ لنگهي آءُ'!

مسخرو:
تنهنجي سوز سڪ ۾ سڙورن ڏلس ساءُ،
هڪ ٻيڙيءَ ٽٽڻ تري ۾، ٻيو واڪا ڪري واءُ،
ٽيو تڪ ڏيکاري تاءُ، تو وٽ لالڻ ڪيئن اچي؟

شمسون: شيطان ته ملنگ فقير کي بلبل واريون ٻوليون ٿو ٻڌائي، ملنگ جي پيٽ ۾ وري ڪرڙو جن، ٻن ڪڙڙين لاءِ پيو واڪا ڪري... بيلي، دانهون نه ڪر، مون وٽ ته کي به ڪينهي جو توکي کارايان!

زابلون: حضور، ڪيئن ٿا ڀانيو؟ ڇو ٿا ايترو مونجهاري ۾ پئو، هند تي ليٽي پئو، ۽ ٿورو آرام ڪريو.

باد شاهه: پهرين ته هنن جو مقدمو هلندو ڏسان! آئيو شاهد گواهه... (شمسون ۽ مسخري کي) اوهين، منصف صاحب ۽ مفتي صاحب، پنهنجون جايون وٺي

ويهو. (زابلون کي) تون بہ اسين آهين، تون ہ ويهي رهہ.

شمسون: اسين کي پورو انصاف ڪرڻ گهرجي.
ادا ڙي ٻڪرار، ٻکريون پيون پوک ۾،
تون سمهي پيو ننڊون ڪرين، سکهو تي بيدار،
هڪل ڏي هيڪار، تہ ڏڻ چٽڻي چيهي ڪنان!
- هُش، ٻلي تہ اچي آهي!

بادشاهہ: پهرين هن رنکي ٻڪڙيو- 'ملڪا' نالو اٿس! آءٌ خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي سچ ٿو چوان تہ هن پنهنجي پيءُ، ويچاري بادشاهہ کي ڏڪ هنيا آهن!

مسخرو: (هڪڙي ڪرسيءَ تي هٿ رکي) مائي، سنئين ٿي ٻيهہ! تنهنجو نالو ملڪا آهي ڇا؟

بادشاهہ: مجال اٿس جو نہ چوي!

مسخرو: مائي، معاف ڪجئين، مون ڀانيو تہ تون ڪرسي آهين!

بادشاهہ: اجها هيءَ ٻي! اکين ۾ گهٽنڊ پيو اٿس، انهي مان ڪٿي سمجهو تہ دل ڪهڙي نہ سخت هونديس! ٻڪڙيوس، ٻڪڙيوس...... بندوق، ... ترار هٿوس، ولوس... واه جو ٿو انصاف ٿئي! واه ڙي منصف واه، ڇو تو هن کي ڇڏي ڏنو آهي تہ ڀڄي وڃي؟

شمسون: شل تنهنجا حواس جاءِ هجن!

زابلون: افسوس، سائين، اوهان صبر ۽ تحمل جي ٻناڪ ٿي هئي، هاڻي ڪٿي آهي اهو صبر ۽ تحمل؟

شمسون: (پاسي تي، پنهنجي منهن) مون کي ته هن جو حال ڏسي روئڻ ٿو اچي- هاڻ ته منهنجو ڪجهه ظاهر ٿي پوندو!

بادشاهه: ڏس، سڀ ڪتا مون تي ڀوڪن ٿا- ڪهاڙو، جنبورو، ڏينپو، راڳو- سڀ!

شمسون: ملنگ انهن تي ڪاهي ٿو وڃي، پاڻيهي سڀني کي ٿو ڀڄائي... نڪرو، ڪتا، نڪرو!

ڀَڄي ڀؤنڪي آئيا، ڪاهي سڀ ڪتا،
تازي شڪاري ڪيترا، بازاري پستا،
اڇا ڪارا آبلق ڏاڙهڻ مهل چِتا،
ڀڳي ان ڀڄيان، ”ملنگ“ ڀڄايو تن کي!

ڪُور ڪنُور... اک ڙي اک... متان ويندا آهيو!

بادشاهه: تڏهن زلفا تي بحين- ڀلي ته وٺنس، ڏاڙهينس! دل ته ڏسينس ته ڪهڙي نه پليد آهي- خبر نه آهي ماڻهن جون دليون ڪهڙي سبب ڪري ڪهڙيون سخت ٿيو پون! (شمسون کي) تون مانئين، اڄتي مون سان رهه، پنهنجن سؤ سوارن مان هڪڙو توکي مقرر ڪيو اٿم! هونءَ ڀيو چڱو آهين، رڳو تنهنجن ڪپڙن جو ڍول مون کي اڻو وڻي: تون ته ڪهڙو ٿي چوندين ته هيءُ شاهي خلعت آهي، پر ضرور بدلائي ڇڏ!

زابلون: هائي، حضور ڀلائي ڪري اوهين هن هند تي ليٽي پئو، ۽ ذرو آرام ڪريو. (بادشاهه کي هند تي ليٽائي ٿو.)

بادشاھ: گوڙ نہ ڪر، گوڙ نہ ڪر، ھاڻ در ورائي ڇڏ، وري صبوح جو آئي ليرن ڪنداسين.

مسخرو: ۽ آءٌ بہ ڏرتيءَ جو وچي سمھي رھندس.

(روبيل وري اندر اچي ٿو.)

روبيل: ادا، ھيڏي آ. بادشاھ سلامت ڪٿي آھي؟

زابلون: اجھو ھتي، پر ھن کي ڇوڙيو نہ، ھن جو ھوش جاءِ ناھي.

روبيل: تڏھن يار ڀلائي ڪري، ھن کي جھوليءَ ۾ کڻي ھل. مون کي ڪنڌڪ پيئي آھي تہ ھن جي مارڻ جو منصوبو ڪڙو ٿيو آھي! ھڪڙي ڏولي تيار رکي آھي، ھلي انھيءَ ۾ ھن کي رکو، ۽ پوءِ جلدي ڪٽائي شاھي بندر روڻ ھلوس. اتي اوھان کي گھڻا خيرخواھ ملندا ۽ اوھان کي پناھ ڏيندا. شابس، ھمت ڪر، اٿي پنھنجي ڏڻيءَ کي کڻ، جي گھڙي دير ڪيئہ تہ ھن جي جان گنوائيندين، ۽ پنھنجي بہ، ۽ جن ھن جي جان بچائڻ جو ذمو کنيو آھي، تن کي بہ نقصان پھچندو. کڻ کڻ، دير نہ ڪر. منھنجي پٺيان لڳو اچ تہ آءٌ جلدئي توکي ڪيڏي ھلان.

زابلون: ويچاري ظلم جي ماريئي کي ننڊ اچي ويئي آھي: جي وڏيڪ سک جي اميد نہ ھجي، تہ جيڪر ھن کي ڇڏي ڏجي تہ ڀلي مغز جاءِ اچيس، ۽ حواس جمع ٿينس. (مسخري کي) اچ، اچي مدد ڪر تہ پنھنجي ڏڻي کي کڻون، تون بہ ھل، پٺتي نہ رھج.

روبيل: اچو اچو، دير نہ ڪريو. (زابلون، روبيل ۽ مسخرو، گڏجي بادشاھ کي ڪٺي، نڪري وڃن ٿا.)

شمعون: (ٿورو مات ڪري، ڳائي ٿو.)

ڏکن ۾ جڳا جڏھن ھاڻون پسون ٿا*

تڏھن پنھنجا ڏک سمجھي سک، سڀ سھون ٿا.

آکيلو ڏکن ۾ ٿئي دل دوپاره،

تماشن خوشين ۾ نہ لذت وٺون ٿا.

مگر آھي جي کو مصيبت ۾ ساٿي،

سنگت ۾ تنھن جي ڇيھي کان ڇٽون ٿا.

سيڻي درد غم پنھنجا وسري وڃن ٿا،

جڏھن مرد دردن ۾ بھتر ڏسون ٿا.

(ٿورو مات ڪري ٿو، تہ پري کان ھل پڌجي ٿو.)

ھان، ھي ڇا جو ھل آھي؟ ھاڻ سون کي ضرور ظاھر ٿيڻ کھرجي، جڏھن سچ ـ ڪوڙ پڌرو ٿيندو، تڏھن واٿيھي منھنجو انصاف ٿيندو، ۽ شھر ـ نيڪالي مون تان معاف ٿيندي. رات جو ڇيڪي ۽ ٿي گذري، تہ پلي ٿي گذري، پر شل ويچارو بادشاھ صحيح سلامت لڪري وڃي! ليڪ، ملنگ لڪ! (نڪري وڃي ٿو.)

---

*راڳ 'ڪالرو'

طرز: "خط ھمنے واللہ يہ تمکو لکا ھے".

## پردو ستون

### امير روبيل جي محلات ۾ هڪڙو ڪمرو

(شاهہ ڪالاب، زلفا، ملڪا، شمعون ۽ نوڪر اچن ٿا.)

ڪالاب: (ملڪا کي) ادي، تون سگهي پنهنجي ملڪ ڏي رواني ٿيءُ. هيءُ خط پنهنجي بادشاهہ کي ڏيڪارج. آرميہ جي بادشاهہ جو لشڪر اڳي ئي اچي لٿو آهي. (نوڪرن کي) اوهين وڃي هن دغاز روبيل کي ڳولي وٺي اچو! (ڪي نوڪر نڪري وڃن ٿا.)

زلفا: هڪدم ڪٽي ڦاسي ڏيوس!

ملڪا: اکيون ڪڍي ڇڏيوس!

ڪالاب: آءٌ پاڻهي جنهن جٽ جو لائق آهي سا ٿو ڪريانس. (شمعون کي) شمعون، تون اديءَ ملڪا سان گڏيو وڃ، وڃي آماڻي اچينس. تنهنجي دغاباز پيءُ کي جيڪا سزا ملڻي آهي، سا جيئن تون نہ ڏسين، تيئن چڱو. شاهہ منسا کي صلاح ڏج تہ ترت لڙائيءَ جي لاءِ تياري ڪري. اسين بہ جنگ جي لاءِ سانباهو پيا ڪريون. اسين هڪٻئي کي جلد جلد، قاصد موڪليو، خبرچار پيا ڏينداسين. ادي ملڪا، خدا حافظ! امير شمعون، پلي آئين. (اتي شمشاد لنگهي اچي ٿو.) ڪيئن شمشاد بادشاهہ ڪٿي آهي؟

شمشاد: حضور، امير روبيل هن کي هتان چوريءَ ڪڍائي ويو آهي. بادشاهہ جي سوارن مان پنجٽيهہ، چٽيهہ ڇٽا

گهوڙا ڊوڙائي ٻنيان ويس، ۽ شهر جي در وٽ وڃي پهتس، پوءِ سڀ گڏجي شاهي بندر ڏي ويا، جتي هنن کي مددگارن جي ملڻ جي پڪ هئي.

ڪالاب: وٺي اچو گهوڙا!

ملڪا: ادي، هاڻ الهه واهي! ادا، هاڻ خدا حافظ!

ڪالاب: (نوڪرن کي) اوهين وڃي هن دغاباز روبيل کي ڳولي هٿ ڪريو، پوءِ هن کي چور وانگي چوڪنيو ٻڌي، اسان وٽ وٺي اچو. (ڪي نوڪر نڪري وڃن ٿا.) جيتوڻيڪ هن تي دستوري مقدمي هلائڻ ذاران موت جي فتوا جاري ڪرڻ اسان جي لاءِ چڱو ناهي، ته به، چڙ ۽ سيڪجهه روا آهي- ڪٿي ماڻهو چوندا ته اسان زوراوري ڪئي، پيو ڇا ٿيندو! (اتي نوڪر روبيل کي وٺي اچن ٿا.) هي ڪير، ...آهو ساڳيو دغاباز!

زلفا: آهو ئي آهي، نمڪرام ڪتو!

ڪالاب: اڙي، هن جون ٻانهون ٻڌو!

روبيل: ڇو سائين، مون ڪهڙو گناهه ڪيو آهي؟ (نوڪرن کي) ادا، منيائيو، اوهين سڀ منهنجي گهر ۾ آهيو، ۽ منهنجا مهمان آهيو، مون سان اهڙي هلت نه ڪريو. (نوڪر هن کي ٻڌن ٿا.)

زلفا: زور سان ڇڪي ٻڌوس... ڪمينو، دغاباز!

روبيل: آءٌ ته دغاباز ناهيان، راڻي، تون ڇو بيرحم ۽ ظالم ٿي آهين؟

ڪالاب: هن ڪرسيءَ سان ڪٺي ٻڌوس! بدمعاش ٻائيهي ٿي خبر پوندي! (زلفا ڏاڙهي ٿي پٽيس.)

روبيل: اهڙي بيحيا ۽ تي ڏ، منهنجي ڏاڙهي پٽيندي شرم لڳو اچئي؟

زلفا: ههڙي اڇي ڏاڙهي رکي، ۽ ههڙو دغاباز ٿئين!

روبيل: اي ظالم شاهزادي، اهي وار جي تون منهنجي ڪاڌيءَ تان پٽين ٿي، سي نيٺ جيڏرا ٿي توکي جهلائيندا! اوهين مون وٽ مهمان اچي ٿيا آهيو، ۽ هيئن ٿا، چورن وانگي، جيڪو اوهان سان ڀلائي ڪري، تنهن سان عقوبتون ڪريو — ائين ڪرڻ ڪو اوهان کي مناسب آهي! اوهان جو مطلب ڇا آهي؟

ڪالاب: ٻڌاءِ اسان کي، ته آرميه مان توکي ڪهڙا خط آيا هئا؟

زلفا: جلد سچي ڳالهه ڪر، اسان کي خبر آهي ته حقيقت ڪيئن آهي.

ڪالاب: ۽ جيڪو فسادي لشڪر اڪي ٿي اچي هن ملڪ ۾ لٿو آهي، تنهن سان تون ڪهڙي منصوبي ۾ شامل آهين؟

زلفا: انهيءَ چريي بادشاه کي تو ڪنهن ڏي موڪليو آهي، ٻڌاءِ؟

روبيل: مون کي هڪڙو خط برابر مليو هو، ليڪن آهو اوهان جي بدخواه جو لکيل ناهي، پر اهڙي ماڻهوءَ جو آهي، جو ٻنهي ڌرين جي خير وارو آهي، سو به اهڙو لکيل آهي، جنهن جو مطلب ڏکي سان مس ٿو سمجهي سگهجي.

ڪالاپ: لڳ لڳ!

زلفا: ڪوڙو بي ايمان!

ڪالاپ: بادشاهه کي ڪيڏي روانو ڪيو آٿئي؟

روبيل: شاهي بندر ڏي.

زلفا: ڇو، شاهي بندر ڏي؟ توکي ڇيو ڪين هوسين ته جي هن جي ڪا مدد ڪندين، ته توکي نقصان پهچندو؟

ڪالاپ: شاهي بندر ڏي ڪهڙي سبب موڪليئيس- ٻڌاءِ ته سهي؟

روبيل: اڄ هاڻ ٻڌو ويٺو آهيان، اوهان کي جيڪي جئيون وٽن سي وينا ڪريو، مون کي خدا صبر ڏيندو.

زلفا: پر شاهي بندر ڏي ڇو موڪليئيس؟

روبيل: انهيءَ لاءِ ته اڄ توکي، راڻيءَ ٽا هٿي، هن ويچاري ٻڍي جيون اکيون پٽيندو نه ڏسان، نکي تنهنجي زهري پيڻ کي هن اشراف جي ماس ۾ ڏنگ هڻندو ڏسان! هن ويچاري، دوزخ جهڙي ڪاريءَ رات ۾ اگهاڙي مٿي سان، طوفان جو زور جيڪو سٺو آهي، سو جي سمنڊ تي پوي ها، ته اهڙو جوش ڪان آيامي ها، جو وچي آسمان سان لڳي ها! اهڙي حال ۾ به، هن ويچاري ڪراڙي، همت جهلي، ٻڌري هٿ ۾ ٻيهي مينهن کي وسڻ لاءِ پئي هوڪاريو: اهڙي ڏکئي وقت جيڪڏهن بگهڙ تنهنجي گهر جي در تي اچي رڙيون ڪن ها ته ڪهڙي به تون بيقياس هجين، ته به جيڪر

توکي هنن تي ضرور قياس پئجي ويجي ها، ۽ پنهنجي دربان کي چئين ها ته هنن ويچارن کي در لاهي اندر لنگهاءِ. پر، اميد آهي ته سگهوئي اهڙي ناصالح اولاد تي خدا جي مار ۽ هچا پوندي، ۽ آها، آءٌ پنهنجين اکين سان ڏسندس!

ڪالاب: اکين سان تون ڪڏهن به نه ڏسندين! (نوڪرن کي) اڙي، اچي هن ڪرسيءَ کي جهليو. (روبيل کي) ... انهن تنهنجن اکين کي آءٌ پيرن سان لتاڙي چيلهي تو چڏيان! (هن کي ڌڪي، سندس اک ڪڍي ٿو.)

روبيل: جنهن کي وڏي چمار هوندي، سو ائين نه ڪندو... موهه کي مدد ڪريو ڙي، گهوڙا ڙي، ظلم ڙي يا خدا...!

زلفا: هڪڙي اک انڌي ٿي ائي، سا بيءَ تان ڪلندي، پلي آها بي به لڪري وجي ٿي!

ڪالاب: ڏس هاڻ خدا جي مار، اکين سان!

هڪڙو نوڪر: (ڪالاب کي) سائين، پنهنجو هٿ جهل! مون ننڍي هوندي کان تنهنجي خدمت پئي ڪئي آهي، پر هينئر جو توکي ظلم ڪرڻ کان روڪ ٿو ڪريان، الهيءَ جهڙي چڱي خدمت مون اڳي ڪڏهن تو وٽ ڪانه ڪئي هوندي!

زلفا: چئين ڙي ڪتا چا ٿو؟

نوڪر: جي توکي ڪاڏيءَ تي وار هجن ها، ته به جيڪر هن جهڙي م آهي هڻي ڪيان ها، پانيو چا ائي!

ڪالاب: بيھ، گولاڙا ...... (ترار ڪڍي، مٿس اچي ٿو.)

نوڪر: ائين، تہ ائين ٿي سهي... ڀلي اچ، ڏس پنهنجي ڪاوڙ جو نتيجو! (ترار ڪڍي ٿو، هڪٻئي کي ڌڪ هڻن ٿا، ڪالاب ڦٽجي پوي ٿو.)

زلفا: (پنهنجي پٺي نوڪر کي) اڙي، تون پنهنجي ترار مون کي ڏي- مجوءَ والگي، وات پٺيو بيٺو ڏسين!

(هن کان ترار کسي، پٺيان اچي، ڀرين نوڪر کي اٿن ۾ چڀائي ڏئي ٿي.)

نوڪر: آ... آءٌ مٿس! (روبيل کي) سائين، چڱو ٿيو، تنهنجي هڪڙي اک، سا تہ بچي ويئي، هاڻي هن کي هڪڙو نہ پيو نقصان پهچائي سگهندي. آه... مران ٿو (مري رڃي ٿو.)

ڪالاب: متان انهيءَ هڪڙيءَ اک سان ڪي ڏسين، ڀلي اها بہ نہ هجيئي. (هن کي جهلي هن جي ٻي اک ڇڀي ٿو.) هان وٺ! بي ايمان، هاڻ ڇا سان ڏسندين؟

روبيل: اوندهہ- انڌارو، - هاءِ هاءِ! منهنجو پٽ شمعون ڪٿي آهي، تہ هن ظلم جي وير وٺي لاءِ زمين آسمان تپائي ڏئي!

زلفا: نڪر هتان، ڪمينا، دغاباز! جنهن کي سڏين ٿو، اهو اڳي ئي تو مان ڪڪ آهي. آهو ئي هو، جنهن تنهنجي اها دغابازي ظاهر ڪئي. اهڙو اشراف ٿو تو تي قياس ڪري ۽ تنهنجي واهر ٿئہ!

روبيل : هاءِ هاءِ، ڪهڙي نہ بيعقلي مون ڪئي!... تڏهن شمسون سان دغا ٿي! يا خدا، اها منهنجي خطا مون کي معاف ڪر، ۽ هن غريب کي سدائين سکي رک!

زلفا : (نوڪرن کي) هن کي ڌڪا ڏيئي ٻاهر ڪڍي وڃو، چڊيوس تہ پلي ٻاٽيهي ڌاپا کائي شاهي بندر ڏي وڃي. (ڪالاب کي) اوهين تہ چڱا ڀلا آهيو؟ ڇو، ائين سست ٿا ڏسجو؟

ڪالاب : مون کي زخم ٿيو آهي، ڀلائي ڪري مون سان آءُ. (نوڪر کي) هن ڪميني غلام جي لاش کي کڻي وڃي ڪنهن گند جي ڍير تي اڇلايو. (زخم ڏسي) پياري زلفا، منهنجي زخم مان ڏاڍو رت ٿيو نڪري، منهنجو هيانءُ ٿو ماندو ٿئي، ڏاڍو خراب ڌڪ لڳو آهي- مون کي ٽيڪ ڏياري وٺي هل. (ڪالاب کي زلفا ٻانهن کان وٺي آهستي نڪري وڃي ٿي، نوڪر روبيل کي ڇوڙين ٿا، ۽ ٻانهن کان وٺي ٻاهر ڪڍي وڃن ٿا.)

ٻيو نوڪر : هن ويچاري سان ضرور چڱائي ڪندس، ڀوءِ انهيءَ ڪري مون تي ڪو ڏوهہ آيو، تہ حرڪت ڪانهي.

ٽيو نوڪر : اهڙي بيقياس زال ساري عمر جيئري رهي ٻچاڙيءَ ۾ ٻاٽيهي مري ويئي، تہ پوءِ زالون سڀ ڦري ڏائڻيون ٿي پونديون- آنهن مان پس پيش خير ڪونہ ٿيندو.

ٻيو نوڪر: هلو ته هن ڪراڙي امير جي پٺيان هلون، ۽ هن ديواني فقير کي سمجهايون ته هن کي جيڏي چويس اوڏي وٺي وڃي. هو ڏسجي ديوانو ٿو، ۽ ڪم سياڻن جهڙا ٿو ڪري.

ٽيو نوڪر: چڱو ڀلا، تون هل، ته آءٌ وڃي ڪو ملم ذرو ۽ اڱڙيون ڪٽي اچان ته ويچاري جي اکين تي ٻڌي ڇڏيون. خدا اسان کي الهيءَ خير جي ڪم ۾ مدد ڏيندو. (هڪڙو هڪڙي پاسي، ۽ ٻيو ٻئي پاسي نڪري وڃن ٿا.)

# باب چوٿون

## پردو پهريون

### ميدان.

(شمسون ڪاڻيندو هليو اچي)

حال پنهنجي تي رهجي راضي،*
شڪر خدا جو ڪجي سدائين.

واه غريبي، واه غريبي،
پاڻ کي مور نہ شاهه سڏائين.

لوڪ سارو مر توکي ڌڪاري،
هرڪنهن آڏو ڪنڌ نوائين.

خلق خوشامد ڪري تنهنجي
هرڪو آکي سائين سائين.

اندر خالي، ٻاهر پيڪو،
چوتو موکيا پاڻ لڄائين.

چڏ وڏائي، رهہ لماڻو،
غم نہ هرگز پوءِ ڪو کائين.

---

*راڳ "پيروي".
طرز: نظر نمائي تي نت لت ڪندو".

(اتي روبيل کي هڪڙو ڪراڙو ماڻهو ٻانهن کان وٺيو اندر اچي ٿو.)

شمسون: هان، هي ڪير ٿو اچي؟ منهنجي ٻيءَ کي اڏن وانگي ڪو وٺيو اچي! او بيوفا دنيا، او بيوفا زمانا، تنهنجي عجيب گردش ڪري توکي ڏڪارجي ٿو، نه ته جيڪر پيريءَ ۾ محتاجيءَ ۽ ٻه ڪو خوشي سان مرڻ ۾ توکي ڇڏڻ قبول نه ڪري!

پير مرد: سائين، آءٌ اسي ورهين کان تنهنجو ۽ تنهنجي مائٽن جو ڪڙمي آهيان.

روبيل: پڇ، پريا مڙس پڇ: توکي شابس جس آهي، پر تنهنجي مهربانيءَ مان مون کي گهٽو فائدو ڪون پهچندو، اٽلندو توکي نه نقصان پهچي، تنهنڪري تون پڇي وڃ.

پير مرد: پر سائين، توکي هونئن رستي جي ڪهڙي خبر پوندي؟

روبيل: منهنجو ڪو نه رستو ڪونهي، تنهنڪري مون کي اکين جي گهرج ڪانهي. جڏهن اکيون هيم، تڏهن پاڻ ٿاٻڙندو هوس. اڪثر ائين ٿيندو آهي ته جي اسان وٽ ڪي هوندو آهي، ته انهيءَ ڪري مست ۽ غافل ٿيندا آهيون، ۽ جي نه هوندو آهي، ته انهيءَ ڪري نيٺ فائدو پهچندو آهي. او پيارا پٽ شمسون، ناحق تنهنجي لڏوري پيءَ ڪاوڙ مان توسان ايترو ظلم ڪيو! مَنَ ڪڏهن خدا اهو ڏينهن ڪري، جو توکي پنهنجا هٿ لايان. تڏهن چوندس ته مون کي وري اکيون مليون!

پير مرد : ڪو ماڻهو ٿو ڏسجي... ڪير آهين؟

شمسون : (آهستي، پنهنجي منهن) خدا جي قدرت، پلا ڪير چوندو ته، مون جهڙو ڏکي ٻيو دنيا ۾ ڪونهي- هاڻ ته آءٌ اڪي ڪان به وڌيڪ ڏکي آهيان!

پير مرد : ويچارو چريو ملنگ فقير آهي.

شمسون : (پنهنجي منهن) شايد آءٌ هن ڪان به وڌيڪ خراب حال کي وڃي پهچان! جنهن کي اسين سڀ ڪان خراب حال سڏيون ٿا، سو اڻين ناهي، سمجهڻ گهرجي ته دنيا ۾ انهيءَ ڪان به وڌيڪ ٻيو ڪو خراب حال آهي.

پير مرد : اي، ڪيڏي ٿو وڃين؟

روبيل : اهو ڪو پنڌو فقير آهي ڪيئن؟

پير مرد : پنڌو فقير به آهي، ۽ چريو به آهي.

روبيل : انهيءَ کي ضرور ٿوري سمجهه هوندي، نه ته جيڪر پني ڪين. رات وڪي طوفان ۾ مون اهڙو هڪڙو ماڻهو ڏٺو هو، جنهن کي ڏسي مون کي خيال آيو ته انسان هڪڙي ڪنئين ڪان بهتر حال ۾ ناهي. اوڏيءَ مهل، مون کي پنهنجو پٽ ياد پيو! انهيءَ هوندي به، منهنجي دل اجا هن سان ٺهي ڪين هئي، پر انهي ڪان پوءِ هن بابت مون گهڻيون ڳالهيون ٻڌيون آهن. زماني جي هٿ ۾ اسين به اهڙا آهيون، جهڙيون مکيون ٻارڻ جي هٿ ۾؛ هو اسان کي چرچي ۾ ماري رکي ٿو.

شمسون: (پنهنجي منهن) ائين ڪيئن هوندو! سچي پچي ڏک ۾ چرچا ڪرڻ ڪو چڱو ڪم آهي ڇا؟ انهيءَ مان جهڙو پاڻ کي خراب ڪيو، تهڙو ٻين کي بهتر آهي ته هيءَ ڪوڙو ڏيک ڇڏي ڏيان. (وڏي سڏ) سائين، ڀلي آيؤ!

روبيل: اهو نانگو فقير آهي ڪيئن؟

پيرمرد: هائو، آهو آهي.

روبيل: تڏهن هاڻ توکي موڪل آهي، پر جي قديم لمڪحلاليءَ ڪري اسان سان گڏجي هاڻ لاءِ تنهنجي مرضي هجي، ته پوءِ شاهي بندر واريءَ سڙڪ تي، هتان ميل ٻن پنڌ تي، اچي اسان کي گڏججئين. آءٌ هن نانگي فقير کي منت ڪري پاڻ سان وٺي ٿو وڃان، تون اچين ته هن ويچاري لاءِ ڪو پراڻو سراڻو ڪپڙو کنيو اچجئين.

پيرمرد: سائين، هي ويچارو ته ديوانو آهي، ڪيئن توکي وٺي هلندو؟

روبيل: بابا، اهو هن زماني جو رنگ آهي ته چريا انڌن کي وٺي رستي لائين. جيئن آءٌ چوائين تو تهئن، يا جيئن توکي وڻي تيئن ڪر، پر في الحال هتان هليو وڃ.

پيرمرد: آءٌ هن جي لاءِ چڱا خاصا ڪپڙا کنيو ٿو اچان، پوءِ جيڪي ٿئي سو ڀلي ٿئي. (نڪري وڃي ٿو.)

روبيل: اڙي نانگا فقيرا!

شمسون: ويچارو ملنگ سيءَ ٿو مري...! (منهن پاسي ڪري) هن ڪان پوءِ آءٌ ڍونگ ڪري لٿو سگهان!

روبيل: اوري آ بابا.

شمسون: (منهن پاسي ڪري) پر، لاچار اچا به ظاهر ٿيڻ نه گهرجي. توبهه! ويچاري جي اکين مان رت پيو نڪري.

روبيل: اي چريا، خبر اٿئي ته شاهي بندر ڏي ڪهڙو رستو ٿو وڃي؟

شمسون: رستي جي خبر آهي، پر پيچري جي به آهي. ويچاري ملنگ جو ڊپ ڪان هوش ئي خطا ٿي ويو آهي. تون چڱو ماڻهو ٿو ڏسجين، خدا شال توکي شيطان ڪان بچائي وٺي! ويچاري ملنگ ۾ سچا پنج جِنَّ اچي جاءِ وٺي ويٺا آهن، خدا شل توکي انهن ڪان رکي وٺي!

روبيل: (هن کي مهرن جي ٿيلهي ڏئي ٿو.) هان، هيءُ تنهنجي خرچي آهي. توکي زماني جي ڏکن ۽ دنيا جي مصيبتن، اٿلائي پٿلائي ڏاڍو ڪيو آهي. جڏهن آءٌ پنهنجو ڏک ڏسان ٿو، تڏهن چوان ٿو ته تون ڏاڍو سکي آهين. ياخدا، جيئن تنهنجي مرضي تيئن پلي پيو ڪر! ميٽ پريل ۽ مٺي ڦريل دولتمند ماڻهو، جو دولت کي تنهنجي بخشش لٿو سمجهي، ۽ پنهنجي ڪمائي ٿو ڄاڻي، تنهن کي جلد ڏکيو ڪر ته پلي تنهنجيءَ سگهه جي خبر پويس؛ انهيءَ ڪري ڪوبه پاڻ وٽ گهرج ڪان وڌو شئي ڪولہ رکندو، ۽

سيڪنهن کي گهرج آهر پوري شئي ملي ويندي. ڀلا تو شاهي بندر اکيو ڏٺو آهي؟

شمسون: هائو، سائين.

روبيل: آئي هڪڙي اپ-ڪپري نگري آهي، جا سمنڊ جي مٿان لمي بيٺي آهي- ڀلائي ڪري، تون الهيءَ جي چوٽيءَ تي مون کي هلي ڇڏ. انهيءَ محنت جي ڪري، آءٌ توکي هڪڙي قيمتي شئي اجوري ۾ ڏيندس. الهيءَ هنڌ کان پرتي، توکي ساڻ هلڻ جي تڪليف نہ ڏيندس.

شمسون: چڱو، سائين، پنهنجي ٻانهن ڏي تہ ويچارو ملنگ توکي وٺي هلي.

(شمسون، روبيل کي ٻانهن کان وٺي، آهستي هلي ٿو. پيئي، واري سان راڳ ڳائيندا نڪري وڃن ٿا- ٿل گڏ ڳائين ٿا، * مصرع واري سان.)

اسان تي ڪر ڪرم، ڪلتار!*

حال اسان جو توکي معلوم، خاوند خلقتها!

ڏوسين ڪونہ ڪو هت سک، ڏکن ڪيو حيران،

الم غم ۾ اسين پياسين، پيو خوش جڳ جهان-

لڪئي تا آهي ڪيو لاچار......

رلي ٿيا آهيون اسين گمراهہ، لڪين ڪياسين گناهہ،

رکون ٿا آسرو تنهنجو، اسان کي ڏي تون پناهہ-

سجهي ٿي ڪاڻ ڪا ٻي آڌار......

---

* راڳ 'اساوري'.
طرز: "ڪرون ڪيا تجهڪو، اي بادِ بهار".

زمانو بيوفا آهي، وجهي وراڪا ونگ،
ڪڏهن کهڙا ۽ ڪڏهن کهڙا، سوين ڏيکاري رنگ-
عجب تنهنجا آهن اسرار......

(نڪري وڃن ٿا.)

## پردو ٻيو

جلجال جي بادشاهه منسا جي محلات جي اڳيان پڌر

(راڻي ملڪا ۽ شمعون هڪڙي پاسي کان اچن ٿا، ۽ سامهون شمشاد ملين ٿو.)

ملڪا: اچي خبر سان پهتاسين. پر حيرت جي ڳالهه آهي ته منهنجو ديرڙو گهر- ڏٺي اسان کي رستي تي ڪونه گڏيو! (شمشاد کي) اڙي تنهنجو بادشاهه ڪٿي آهي؟

شمشاد: حضور، اندر محلات ۾ آهي، پر سندس حالت ئي ٻئي ويئي آهي! مون ٻڌايومانس ته لشڪر اچي لٿو آهي- اها خبر ٻڌي، مرڪي ڏنائين. اوهان جي اچڻ جو به ٻڌايومانس، تنهن تي چيائين ته "اها خبر هن کان به اڳڙي"! امير روبيل جي دغازيءَ ۽ سندس پٽ جي وفاداريءَ جي خبر جڏهن ڏنيمانس، تڏهن مون کي چڙي چيائين ته 'بيوقوف، تون اُبتڙ ڳالهه ٿو ڪرين'! جنهن ڳالهه تان ڪيس ڏاڍي ڪاوڙ وڃڻ گهرجي، سا هن کي وڻي ٿي؛ ۽ جنهن تان ڪيس خوش ٿيڻ گهرجي، سا انهي وڻيس.

جوش ۽ ڪاوڙ ڪان پنهنجن هٿن کي ڪٽي موڪل ڏيان، ته جيڪر تنهنجي هڏي هڏي جدا ڪري ڇڏيان، ۽ تنهنجو ماس ڦاڙي، ٽڪر ٽڪر ڪري، آڇلائي ڇڏيان! تون برابر اندر ۾ شيطان آهين؛ ليڪن زال جي شڪل اٿئي، تنهنڪري توکان ڊريو ٿو وڃجي، نه ته جهڙيءَ جٽ جي لائق آهين اهڙي ڪجئي!

ملڪا: هاڻ جهل پنهنجيءَ بهاديءَ کي، تنهنجي مڙسي ڏٺيسين!

(اتي هڪڙو قاصد لنگهي اچي ٿو.)

منسا: ڇا خبر آهي؟

قاصد: حضور، جيشان جو بادشاهہ مري ويو آهي. هن امير روبيل جي ڪاوڙ ۾ هڪڙي اک ڪڍي هئي، ۽ ٻي ڪڍڻ تي هوس، ته سندس نوڪر وچ ۾ پئي هٿي ماري رکيس.

منسا: روبيل جون اکيون ڪڍيائين!

قاصد: آهو نوڪر هو به بادباشاهہ جو گهر جو پاليل، پر هن کي کو انهيءَ ظلم جهڙي ڪم تي دل ۾ جوش اچي پيو، ۽ هن بيگناهہ امير تي قياس پئجي ويو، تنهن پنهنجي ترار پنهنجي ڌڻيءَ ڏي ڪري، هن کي انهيءَ ڪم کان روڪيو، تنهن تي بادشاهہ کي چڙ آئي، ۽ نوڪر تي ڪاهي آيو. هڪٻئي کي ڌڪ هنيائون، نوڪر کي ته آني جو اتي ماري رکيائين، پر بادشاهہ کي کو ڪاري زخم لڳي ويو، جنهن جي وکهي پاڻ به پوءِ ڪين اڇيو.

منسا : هن مان ظاهر آهي تہ جيڪي گناهہ اسين هتي ڪريون ٿا، تن جي انصاف ڪرڻ ۽ ترت سزا ڏيڻ وارا مٿي ويٺا آهن! پر ويچاري روبيل جو ڏاڍو ارمان آهي ... ليٽ ٻي ، اڪ وڃايائين؟

قاصد : ٻيئي ٻيئي، مائين ۔ (ملڪا کي) حضور، هي خط اوهان جي ٻيڻ راڻيءَ صاحبہ جو آهي؛ ان جو جلد جواب ڏيڻو آهي (خط ڏئي ٿو).

ملڪا : (پنهنجي منهن) هڪڙي ڪري تہ اِهو جيڪي ٿيو سو چڱو نہ ٿيو، جو زلفا بہ هينئر رنڙ آهي، ۽ منهنجو پيارو شمعون بہ مائس گڏ آهي- شل انهيءَ مان ڪا خرابي نہ ٿئي جو هو پاڻ ۾ نهي وڃن، ۽ جيڪا خيالي ماڙي مون بنائي آهي، سا منهنجي ئي مٿان وري ڊهي پوي، ۽ ان مان مون کي خواري حاصل ٿئي؛ ٻيءَ ڪري تہ اها خبر بد نہ چئبي ۔ پر... خير، وڃي خط پڙهي جواب لکان ۔ (لڪري وڃي ٿي.)

منسا : جڏهن روبيل جون اکيون ڪڍيائون، تڏهن سندس پٽ شمعون ڪٿي هو؟

قاصد : مائين، اهو راڻي صاحبہ مان هيڏي گڏجي آيو ٿي ۔

منسا : هو هتي ڪونہ آيو، مون تہ ڪونہ ڏٺو ماڻس.

قاصد : حضور، آيو هو؛ پر موٽي ويو، مون کي موٽندي رستي ۾ گڏيو هو.

منسا : هن کي انهيءَ ظلم جي خبر آهي؟

قاصد: هائو حضور، هن ۾ کي چغلي هٽي جهلايو ٿي انهيءَ - پوءِ ٻہ ڇاٽي ٻجهي ڪهر ڇڏي لڪتو، تہ پلي سندس ٻرپٽ پٺس مان اها جٽ ٿئي.

منسا: (پنهنجي منهن) روبيل، توکي آفرين آهي! جيسين مون ۾ ساهہ آهي، تيسين آءٌ تنهنجو شڪرگذار رهندس، جو تو بادشاهہ کي سچي محبت ڏيکاري... آءٌ ضرور تنهنجن دشمنن کان تنهنجو وير وٺندس! (قاصد کي) ابا تون مون سان آ، هلي مون کي خبرچار ڏي، جيڪا هجئي.

(لڪري وڃن ٿا.)

## پردو ٽيون

### آرميہ جي بادشاهہ جي لشڪرگاهہ، "شاهي بندر" جي ويجهو

---

(زابلون ۽ هڪڙو نوڪر اچن ٿا.)

زابلون: توکي خبر آهي تہ ڇو آرميہ جو بادشاهہ اوچتو موٽي ويو؟

نوڪر: شايد پنهنجي ملڪ ۾ ڪو ضروري ڪم اٿيو رو ڇڏي آيو هو، جنهن جي يادگيري اچڻ کان پوءِ پرس. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس ملڪ کي البت ڪنهن قسم جو خوف آهي، ۽ اتي سندس حاضر رهڻ اهڙو ضروري هو.

زابلون: پنهنجي پاران ڪنهن کي هتي سرڪردو ڪري ڇڏيو ويو آهي؟

نوڪر: آرميہ جي سپهہ سالار ”شموئيل“ ڪي.

زابلون: تو جيڪو خط راڻيءَ کي ڏنو، سو پڙهي ڪو ارمان ٿيس؟

نوڪر: هائو سائين. خط وٺي منهنجي روبرو پڙهيائين؛ ۽ پڙهندي، ڳلن تي ڳوڙها پئي وهايائين. دل ۾ ڏاڍو جوش هوس، پر ڏسڻ ۾ ٿي آيو ته هوءَ نفس ماريو پاڻ کي روڪيو بيٺي هئي.

زابلون: تڏهن خط جو مٿس اثر ڪو هو؟

نوڪر: ڪاوڙ ڏيارڻ جهڙو نہ، پر غم ۽ صبر سندس دل ۾ پئي ٽڪريا تہ ڪير منجهانئن زور پوي! جيئن نہ مينهن وسندي آس ۽ جهڙ گڏ پيا نڪرندا آهن، تيئن هن بہ پئي ڪليو ۽ رنو- اچا چپن سان مرڪ پئي، تہ مٿان اکين مان ڳوڙها موتين وانگي ڪري ٿي پيس: مطلب تہ جي سڀڪنهن کي اهڙي لياقت هجي، تہ غم جهڙي عجيب ۽ وٽندڙ شئي دليا ۾ بہ ڪانہ هجي.

زابلون: هِن توڪان ڪو زباني سوال تہ ڪونہ پڇيو؟

نوڪر: ڪجهہ بہ نہ. هڪڙو يا ٻہ ڀيرا هن ٽڏو ساهہ ڪڍي ”بابا، بابا“ ڪيو- چڻ تہ دل ۾ ايءَ جو ڏاڍو درد هوس، پوءِ ڏاڍيان چوڻ لڳي تہ ”اديون، ڀينرون،- بيشرم زلون!... زابلون!... بابو!... ڇا، طوفان ۾؟... اونڌائيءَ رات جو؟ چڻ تہ رحم دليا ۾ هوئي ڪين!“ ائين چئي، پوءِ اچي آچنگارون ڏيئي

روئڻ لڳي، تنهن کان پوءِ وچ ۾ اڪيلي ڪوٺيءَ ۾ ويهي ڏک ڪرڻ لڳي.

زابلون: هي سڀ قسمت جو ڪم آهي. اسان جي حالت سڄي آسمان جي گردش تي منحصر آهي، نه ته ساڳئي ماءُ-ماءُ مان ٻن طبعيتن جا ٻار ڪيئن پيدا ٿين - هڪڙو صالح ۽ ٻيو ناصالح. انهيءَ کان پوءِ ته تو وري ساڻس ڪونه ڳالهايو؟

نوڪر: نه.

زابلون: بادشاهه جي موٽڻ کان اڳي مليو هئينس يا پوءِ؟

نوڪر: پوءِ.

زابلون: بس، آهو ويچارو درد وارو پيو بادشاهه هاڻي هن شهر ۾ آهي. جڏهن ڪڏهن اک ٿي پنجيس ۽ هوش ۾ ٿو اچي، تڏهن جيڪي هتي هلي چلي ٿو تنهن جي خبر پويس ٿي، پر اچا به پنهنجي ڌيءَ "صوفيا" جو منهن ڏسڻ نٿو گهري.

نوڪر: سو ڇو، سائين؟

زابلون: بس، ويچاري کي شرم ماري ٿو. سمجهيس ٿو ته مون ناحق ڪري هن کي ٻه ٻاراتي سان ڌارين ۾ هڪالي ڪڍيو، ۽ جيڪا ملڪيت سندس حق هئي، سا پنهنجين بيرحم ڌيئن کي ڏيئي ڇڏي ڪم: اهي ڳالهيون اندر ۾ چڪ ٿيون وجهنس، تنهن جي لڄ ۽ شرم کان صوفيا کي ويجهو ئي نٿو وڃي.

نوڪر: افسوس آهي ويچاري جي حال تي!

زابلون: جيشان ۽ جلجال جي بادشاھن جي لشڪرن جو تہ ڪو ذڪر ڪونہ ٻڌءِ؟

نوڪر: مون ٻڌو آھي، ھو برابر لشڪر وٺي نڪتا آھن.

زابلون: چڱو، ھاڻ آءٌ توکي بادشاھہ ايليا وٽ وٺيو ٿو ھلان، ۽ توکي اتي ٿو ڇڏيان تہ پلي سندس خدمت ۾ رھين. ڪنھن ضروري سبب ڪري اجا ٿورو وقت آءٌ لڪيچپ ۾ گذاريندس. جڏھن آءٌ پاڻ کي ظاھر ڪندس، تڏھن مون کي ھن مدد ڏيڻ جي ڪري تون گھڻو خوش ٿيندين. شاباس، ھاڻي مون سان ھل.

(نڪري وڃن ٿا.)

## پردو چوٿون

### ساکي لشڪرگاھہ، ھڪڙو تنبو

(راڻي صوفيا، ھڪڙو طبيب ۽ ڪي سپاھي اچن ٿا.)

صوفيا: ھاءِ ھاءِ، اِھو برابر بابو ھو، جيڪو اکيھڻو اسان کي گڏيو ھوا مون کي بلڪل سڃاڻ ۾ نہ آيو، ھو مستن وانگي ٿي ڪجيو، ڪڏھن تہ وري رڙيون ڪري راڳ ٿي ڳايائين، جھنگلي گاھن ۽ گلن جا ھار ٺاھي ڪٽي مٿي کي ٻڌا ھئائين! (سپاھين کي) سؤ ڪن سپاھي ٻڪڙي پون، ۽ جھنگن ۽ ٻوڪن مان ڳولي ڦولي ھن کي مون وٽ وٺي اچن. (ھڪڙو عملدار

نڪري وڃي ٿو.) انسان جو عقل ڇا ڪري سگھندو، ۽ ڪيئن هن جو هوش وري جاءِ ايندو؟... جيڪو هن کي ٺيڪ ٺاڪ ڪري، الهيءَ کي آءٌ پنهنجو سڀ مال ملڪيت ڏيندس.

طبيب: راڻي صاحبه، اوهين الڪو نه ڪريو. مون کي ان جو علاج سُجھي ٿو: ننڊ ۽ آرام سڀ مرض کي دفع ڪندڙ آهي، ۽ بادشاهه کي ان جي تمام گھڻي گھرج آهي. گھڻيون ئي دوائون آهن، جن جي ذريعي سان ننڊ اچي سگھي ٿي، ۽ الهيءَ ڪري جسمي درد لهي وڃي ٿو.

صوفيا: (روئي) خدا ڪري ته منهنجي نصيبن ۾ کي اهڙيون ٻوٽيون ۽ ٻيون دوائون هٿ لڳي وڃن، جن جي اثر کان منهنجو غريب پيءُ چڱو ڀلو ٿي پوي! (سپاهين کي) وڃو وڃو، ڳوليوس، سگھو هٿ ڪري وٺي اچوس- متان چريائيءَ ۽ چڙ ۾ ڪو اهڙو ڪم ڪري ويهي، جنهنڪري سندس جان کي جوکو پهچي!

(اتي هڪڙو قاصد لنگھي اچي ٿو.)

قاصد: حضور، خبر پهتي آهي ته جيشان ۽ جاجال جي بادشاهن جو لشڪر ڪاهي ٿو هيڏي اچي.

صوفيا: اسان کي اڳيئي خبر آهي؛ اسان جو لشڪر هنن جي لاءِ تيار آهي، ۽ واٽ پيو نهاري. او پيارا بابا، هي تنهنجو ئي ڪم آهي، جنهن لاءِ آءٌ هيترا مٿا ٿي هئان. آرمير جي ساري بادشاهت، مون سان همدردي ڪري، اچي مون کي مدد ڏيڻ ۾ شامل ٿي آهي. اسين

ڪنهن ملڪ جي طمع تي ھيءَ جنگ ٺٺا ڪريون، پر پنهنجي بزرگ پيءُ جي محبت ڪان، ۽ هن جي حقرمي ڪرڻ لاءِ هٿيار کنيا اٿئون. خدا ڪندو تہ سگهوئي سندس خبر پوندي، ۽ ڪيس آءٌ اکين سان ڏسندس!

(سڀ نڪري وڃن ٿا.)

## پردو پنجون

### امير روبيل جي محلات جو هڪ ڪمرو

(راڻي زلفا ۽ شمشاد اچن ٿا.)

زلفا: پر منهنجي پيٽوبي، شاهه منسا جو لشڪر منهري نڪتو آهي يا نہ؟

شمشاد: هائو، نڪتو آهي.

زلفا: پاڻ پنهنجي سر لشڪر سان آهي؟

شمشاد: آهي، پر لاچار ۽ ڀڳل دل سان، سندس راڻي، اوهان جي ڀيڻ، وڏيڪ مردالي ۽ بهادر آهي.

زلفا: امير شمعون ڪي تنهنجي بادشاهه سان گهر ۾ ڳالهايو ٻولهايو هو؟

شمشاد: نہ، حضور.

زلفا: اديءَ هي خط جو توکي سندس لاءِ ڏنو آهي، سو ڇا بابت آهي؟

شمشاد: مون کي خبر نہ آهي.

زلفا: هن کي هتان تمام ضروري ڪم لاءِ مقرر ڪري موڪليو اٿئون، اها وڏي غفلت ڪئي اٿن جو روبيل جون اکيون ڪيائي، هن کي جيترو چڙدي ڏنو اٿن! جتي وڃي ٿو، آتي ماڻهن کي چوري اسان جي برخلاف ڪري ٿو. آءٌ پانيان ٿي ته شمعون انهيءَ پنهنجي ڪمبخت پيءُ کي عذاب کان ڇڏائڻ جي لاءِ پورو ڪرڻ ويو آهي- ۽ پريان دشمن جي لشڪر جي مدد سماءُ به لهيو ايندو.

شمشاد: تڏهن آءٌ ته وڃي پهچاس، ۽ خط ڏيانس.

زلفا: اسان جو لشڪر سپاڻي هتان نڪرڻو آهي، تون اسان سان رهي پؤ ۽ گڏيو هلجئين، جو هينئر رستن تان هلڻ ۾ خوف آهي.

شمشاد: حضور، آءٌ ائين ڪين ڪندس. منهنجي ڏياڻيءَ هن خط بابت مون کي تمام گهڻو تاڪيد ڪيو هو.

زلفا: ۽ شمعون ڏي خط لکڻ جو ڪهڙو ضرور پيو هو- تو مون کي وات سان پڌائي ڇو سگهين؟ ڪا ڳالهہ مڙني هوندي...! خبر نہ آهي ڇا هوندو؟ ڏس، جي تون مون کي خط پڙهڻ ڏيندين، تہ آءٌ توکي ڏاڍو خوش ڪنديس!

شمشاد: حضور، ائين ڪو ٿئي ٿو؟

زلفا: مون کي خبر آهي ته تنهنجيءَ ڏياڻيءَ جي پنهنجي مڙس سان دل ڪانهي- انهيءَ جي مون کي

پڪ آهي. گذرئي پيري جڏهن هوءِ هتي هئي، تڏهن شمعون کي اڪيون پيئي پچندي هئي، ۽ اشارا پئي ڏيندي هئي. آءٌ سمجهان ٿي ته تون سندس حاليائي آهين!

شمشاد: آءٌ، حضور؟...

زلفا: مون کي سچي خبر آهي، پڪ اٿم ته تون حاليائي آهينس، تنهنڪري آءٌ پنهنجو حال بہ توکي ٻڌائي ٿي ڇڏيان. منهنجو مڙس مري ويو آهي، مون ۾ شمعون ماڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪري ٺهراءُ ڪري ڇڏيو آهي، هو تنهنجي ڏيائيءَ ڪان منهنجي ٻانهن جو وڏيڪ لائق آهي- الهيءَ مان توکي سيکجهہ معلوم ٿي سگهندو. جي شمعون توکي گڏجي، تہ ڀلائي ڪري اهو سچو حال ڏجيئنس، ۽ جڏهن پنهنجي ڏيائيءَ کي اها ساڳي خبر ٻڌائين، تڏهن سمجهائجيئنس تہ ڪو عقل ڏار، رکو اجايا ڪم نہ ڪر. هاڻ توکي موڪل آهي، ڀلي آئين! جي ڪٿي هنن انڌي بيايمان جو ڏس پوئي، تہ متان ڇڏينس- جيڪو هن کي ڪپائيندو، الهيءَ کي انعام ملندو!

شمشاد: مون کي ڀلي ڪٿي ملي، تہ پوءِ پاڻيهي خبر پوندي تہ آءٌ ڪهڙي طرف جو ماڻهو آهيان.

زلفا: شاباس، هاڻ خدا کي پرتين.

(لڪري وڃن ٿا.)

# پردو ڇهون

## شاهي بندر جي ويجهو ڪيئهون.

(شمسون، ڪڙمين جي ويس ۾، روبيل کي وٺيو اچي، پيئي گڏ ۽ واري سان ڪائيندا اچن :)

ڪانهه وفائي دنيا ڪنهن سان ڪري - ڪانهه وفائي... *

هي وو، سمجهه ديوانا، مڪب مستانا، پر جوانا، دوست بيگانا،

سڀئي سمانا، ٿين روانا - ڪانهه وفائي...

ڪڙا ٿياسين، چاڙ ته وياسين، محل ۽ ماڙيون هتي ڇڏي، آئي هلياسين، چاڙ رسياسين، هردم بيٺو اجل سڏي - ڪانهه وفائي...

جيڪو ايندو، آخر ويندو، هن دنيا مان يار لڏي - خوش ڪيئن ٿيندو، جيڪو ليندو، پنهنجا ڪو ندر غم گڏي - ڪانهه وفائي...

روبيل: بچا، ڪڏهن انهيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهچنداسين؟

شمسون: ٽڪريءَ تي ته چڙهندا هلون - ڏس ته ڪيئن ا، هچندا هلون!

روبيل: منهنجن پيرن کي ته زمين سنئين پيئي لڳي!

---

* راڳ 'پيروي' طرز: "ڪيسي ايڪتائي".

شمسون: چشين چا ٿو، پريامڙس-اهڙي آپ-ڪَپرِي آهي، جو هيٺ ڏٺي پهو خوف ٿئي! سمنڊ جي گوڙ ڪاله ٿو ٻڌين؟

روبيل: سچي، آءٌ ته ڪاله ٿو ٻڌان.

شمسون: تڏهن پانهنجي ٿو ته اکين جي درد ڪان تنهنجا ٻيا حواس به ردي ٿي پيا آهن!

روبيل: بابا ائين هوندو، چالاڪ جو خود تنهنجو آواز به مون کي ڦريل ٿو معلوم ٿئي. تون اڳي کان بهتر ٿو ڳالهائين-جهڙو لفظن ۾، تهڙو معني ۾!

شمسون: پريامڙس، تون ڀُلجين ٿو، پوشاڪ کان سواءِ ٻي منهنجي ڪا به شئي بدلي ناهي.

روبيل: آءٌ پانيان ٿو ته هاڻي سياڻپ ۾ سمجهه جهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين؟

شمسون: بس سائين، اتي بيهه، اچي انهيءَ هنڌ پهتا آهيون. مارا ڪهڙي نه اونهي ڪڏ لڳي پيئي آهي-هيٺ نهاريندي ساهه ٿي سُڪيو وڃي، مٿو ٿي ڦريو وڃي! وچ تي هوا ۾ جي سرٽيون ڪانگ پيا اڏامن، سي ٿينڊڻن جيڏا مس ٿا ڏسجن، هوت ٽڪريءَ جي اڌ ڏاري هڪڙو ماڻهو گاهه پيو ڪري، سو ته ماڻهوءَ جي مٿي ڪان وڏو نٿو ڏسجي-توبهه، اهڙي ڪم ڪندي ڊپ به نٿو ٿئيس! هيٺ سمنڊ جي ڪناري تي جي مهالا پيا ڊوڙن، سي ته ڪُئن جيڏا پيا ڏسجن، ۽ هوءَ وڏي ٻيڙي، جا لنگر هنيو بيٺي آهي، سا ته

ڊوندڙيءَ جيڏي مس ھيٺي ٻانڌي، ۽ ھيون ننڍڙيون ڀيڙيون ته مَٿَ جيڏيون مس ڀيون ڏسجن، لهرون، جي ڪناري وارن ڀھٽن تي سنڪو ڀيون ڪن، تن جو آواز ته هيترو مٺي ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. منهنجو ته مٿو ٿو ڦري، ۽ اکين جي آڏو اونداهه اچيو وڃي- ڪير ٿو هيٺ ڏسي، ته مٿان اونڌو ٿي ڪيري پوي!

روبيل: هاڻ جتي تون بيٺو آهين، آتي ڪٿي مون کي ويهار.

شمسون: مون کي هٿ ڏي... هاڻ ٽڪريءَ جي ڪناري کان هڪڙي فوٽ جي اندر بيٺو آهين. مون کي ساري جهان جي بادشاهي ڪٿي ملي، ته ٻه جيڪر هتان ٽپ نه ڏيان.

روبيل: هاڻ منهنجو هٿ ڇڏي ڏي. هان، آيا هيءَ ٻي مٿهرن جي ٿيلهي اٿئي (ڏئيس ٿو). انهيءَ ۾ هڪڙو جواهر به اٿئي، جو غريب ماڻهوءَ وٽ رهڻ جي لائق آهي. شل خدا انهيءَ کي تو وٽ سدورو ۽ برڪت وارو ڪندو. هاڻ، تون مون کان موڪلائي هليو وڃ، جيئن لنهنجي پيرن جو آواز ٻڌان.

شمسون: پريا مڙس، هاڻ خدا کي ڀرتو آهين، آءٌ وڃان ٿو. (ٻه چار قدم زور سان هلي، پوءِ لڪي بيهي ٿو.)

روبيل: خدا کي ڀرتين. (ٿورو ماٺ ڪري) وئين؟

شمسون: (ٻـري ڪاڻ) هائو سائين، آءٌ وڃان پيو، خدا حافظ!

روبيل: خدا حافظ!

شمسون: (پنهنجي منهن) آءٌ جو هن سان هن نا اميديءَ ۾ هي چرچا ٿو ڪريان، سو رڳو هن جي فائدي ڪاڻ ۽ هن جي غم دور ڪرڻ لاءِ.

روبيل: (ويهي ڳائي ٿو)

مون تي مـولا ڪئي مهرباني-*
دل ڦري دنيا کـان ٿـي ديواني.
ٿيو زماني کـان آهيان آءٌ بيزار،
دل ۾ درد، بدن ۾ آءٌ بيمار،
آئي پيري، ويئي گذري جواني- دل ڦـري...

هـي وڏو هيئن ڏکن مون کي ماري،
سکھ سهڻ جي نہ دل ۾ ٿي ساري،
فڪر ۽ غـم ۾ آءٌ ٿـيـس فاني- دل ڦـري...

ڇو نہ تنهن کان ڪريان پاڻ قربان،
۽ پوان آءٌ ڇٽي، لاهيان ارمان،
آت وڃان جت نہ غم جي نشاني- دل ڦـري...

(ٿورو ماٺ ڪري، ڇوي ٿو:)

---

* راڳ 'آسا' تار 'چنچل'.
طرز: "ليلي ليلي پڪارون مين بن ۾".

يا خدا، هاڻ آءٌ هيءَ دنيا ترڪ ٿو ڪريان،
هيءَ جان ترڪ ٿو ڪريان - من هنن ڏکن کان ڇٽان!
هاڻ آءٌ مرڻ لاءِ تيار آهيان.
(روبيل آئي ٿپو ڏئي ٿو، ۽ زمين تي ڪري پوي ٿو.)

شمسون: (پنهنجي منهن) متان، پاڻ کي مارڻ جي شوق ۾، رکيو خيال ڪرڻ سان ئي ساهه لڪري وڃيس! جتي پاڻ ٿو سمجهي، آتي جيڪڏهن هي هجي ها، ته هيستائين سندس نشان ئي ڪون هجي ها. (وڏي سڏ آواز مٽائي) اي سائين، بچيو ته آهين، خير ته آهي، جيئرو آهين ڪي مري وئين؟... ٻڌين ٿو، ڳالهاءِ ته سهي! (پنهنجي منهن) ڪهڙو شڪ ته ائين ئي ساهه پورا ٿي ويس. پر نه، ساهه ته ڪٽي پيو. (وڏي سڏ) اي سائين، هاڻ ڪير آهين؟

روبيل: هليو وڃ، ڇڏ ته آءٌ مران!

شمسون: (آواز مٽائي) جيڪڏهن تون ڪنهن ياچاريءَ يا هوا کان سواءِ ٻي ڪا، شئي هجين ها، ۽ هيتري هنڌ تان متان ڪرين ها، ته چهون چيهون ٿي وڃين ها، پر تون ته ساهه پيو کٽين، ٻت سالم ٿو ڏسجين، رت به ڪونه لڪتو اٿئي، ڳالهائي سگهين ٿو، - چڱو ڀلو پيو پائنجين! جنهن آوچائيءَ تان تون ڪيريو آهين، سا ڏهه وڏا کوها ڪٽي هڪٻئي سان ڳنڍجن ته انهن کان به مٿي آهي، تون ته ڪو ڏاڍو نصيب وارو آهين، ڪنهن ڪرامت سان بچي پيو آهين...! وري به ڳالهاءِ ته سهي!

روبيل: ھر آءٌ ڪيريو آهيان يا نہ؟

شمسون: واه، هن خوفناڪ ٽڪر جي چوٽيءَ تان ڪيريو آهين، اچا تون پچين! ڪنڌ-پڳڙي تي اُن جي چوٽي ڏسجي، چنڊول پاڻ تہ هيتري پنڌ تان ڏسي نٿو سگهجي، پر سنڌس تيز ٻولي بہ ٻڌڻ ۾ نٿي اچي- منهن مٿي ڪري ڏس تہ سهي.

روبيل: هاءِ هاءِ، چا سان ڏسان، مون کي تہ اکيون ئي ڪينهن! ڪمبختيءَ ۾ پاڻ کي پاڻهي موت رسائڻ جي خوشي بہ حاصل نٿي ٿي سگهي چا؟ انهيءَ مان وري بہ ايترو فائدو هو تہ مظلوم ظالم جي وڏيڪ ظلم کان بچي وڃي ٿو، ۽ انهيءَ ڪري مغرور ظالم جي مراد پوري نٿي ٿئي.

شمسون: مون کي پنهنجو هٿ ڏي. (ڏئيس ٿو) هاڻ آٿ... ائين... ڪيئنءَ ٿو ڀائين! سمجهين ٿو تہ ٽنگن تي آهين؟ واه، تون تہ برابر بيهي سگهين ٿو!

روبيل: برابر بيهي سگهان ٿو.

شمسون: هيءَ تہ حيرت جهڙي ڳالهہ آهي. مٿي ٽڪر جي چوٽيءَ تي ڀي ڪهڙي شئي توسان هئي، جا پوءِ توکان ڌار ٿي ويئي؟

روبيل: هڪڙو ويچارو غريب فقير هو.

شمسون: مون جو هتان بيٺي مٿي نهاريو تہ انهيءَ جون پيئي اکيون مون کي مشعلن وانگي پرنديون پئي ڏسڻ ۾ آيون، چڱ تہ ہ چوڏهينءَ جا

چنڊ آهن! هزار کن ته ئک هئس، ورن وکڙن سان کيتراڻي سيگ، ۽ ٻٽ تي کپ ڪپ هئس- ضرور کو جن هوا تنهنڪري، ٻڙيا مڙس تون کو ڏاڍو نصيب وارو آهين، تنهنجو طالع زور آهي، ۽ خدا جي تو تي خاص مهرباني آهي، جو نه تنهنجي جهڙي شئي تنهنجي حالت ۾ پيدا ٿي پئي آهي، ۽ تون صحيح سلامت بچي ويو آهين!

روبيل : برابر، مون کي ڳالهه دل سان لڳي ٿي. اڄ ڪان پوءِ ڪا به مصيبت منهنجي سر تي آئي، ته آءٌ صبر ڪري سهندس- پوءِ ڀلي ته وڏي ايتري ٿئي جو مون کي ماري رکي، پر ڪچندس ڪين؛ ۽ هوءَ شئي جنهن جو تون ذڪر ٿو ڪرين، تنهن کي مون مالهو ڪري سمجهيو هو. برابر، ڪنهن ڪنهن مهل شيطان کي مڏ ۾ ڪيائين، ۽ جنن ڀوتن جا نالا پئي ورتائين. هو مون کي الهي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تائين وٺي آيو هو.

شمسون : هاڻ دلجاءِ ڪر، ۽ خوشي ٿيءُ... پر هي ڪير ٿو اچي؟ (اتي شاه ايليا، چرين وانگي هلندو اچي؟ ٻت تي پن ۽ گل لڳل اٿس.) ڪو چريو ٿو ڏسجي، هوش واري جا اهڙا حال نه ٿيندا آهن.

بادشاه : هنن کي ڪا مجال آهي، جو سيڪي هلائي جي لاءِ مون کي هٿ لائي سگهن، - آءٌ بادشاه خود آهيان!

شمسون: هاءِ هاءِ، هن ڏني منهنجي ڪمر تي ٺُٺي!

بادشاهه: هن ڳالهه ۾ خدا جي قدرت، بندي جي صنعت کان مٿي آهي. هان، هيءَ ٻگهار علي الحساب اوهان سپاهين کي ڏجي ٿو. هن کي تير-ڪمان جهلڻ نٿي اچي- ڄڻ ته ڪو ٻهراڙيءَ جو ڄٽ آهي، جو ڪانگ هڪلڻ بيٺو آهي! پلا، تير ته هٿي ڏيکار...، پر ڪو ڊگهو تير هڻجئين، ڪپڙي جي گزيءَ جيڏو! اوڄهو، اوڄهو، ڪئُو ٿو اچي!...چپ، چپ- مانيءَ جي ٽڪريءَ تي ڦاسي پوندو! موڪل آهي ڪنهن کي جو مون سان وڙهي- آءٌ ديو ڪان به ڪين ڊرندس...! ڪهاڙن وارا سپاهي وٺي اچو! واه جو تير ڇٽو آهي— او... ٺڪ نشان تي- ٺڪ نشان تي!... خبردار، ڪير ٿو اچي...؟ جواب ڏي!

شمسون: رعيت.

بادشاهه: هليو وڃ.

روبيل: هي آواز ته آءٌ سڃاڻان ٿو!

بادشاهه: هان، هي ڪير...؟ ملڪا...! اڇي ڏاڙهيءَ سان! منهنجي ڪيئن ته ڪتي والگي خوشامد ڪندا هئا، ۽ چوندا هئا ته تنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ ڪارن کان اڳي اڇا پيا آهن. ڪنهن به ڳالهه ۾ جي آءٌ چوندو هوس "هائو"، ته هو به "هائو" چوندا هئا، ۽ جي آءٌ چوندو هوس "نه"، ته هو به "نه" چوندا هئا- انهيءَ "هائو" ۽ "نه" سان خير ڪونه ٿيندو. جڏهن

آهن، باقي هيٺ رکيون گڏهيون ۽ ڪتيون آهن. ڪمر تائين ملائڪن جي حوالي آهن، هيٺ رڳو شيطان جي ڀلي آهن. دوزخ بہ آهي، جهنم بہ آهي، ظلمات بہ آهي، باهہ، گرمي، بدبوءِ، بيماري، عذاب- سڀ اتي وچ ۾ گڏ ٿيا آهن... هاءِ، هاءِ، ڪوڙا، ڪوڙا!... ادا پساري، هي پئسا وٺ، ۽ مون کي ڪٿوريءَ جو ذرو ڏي- منهنجو تہ خيال ئي ڪِنو ۽ گندو ٿي پيو آهي!

رويل: سائين، مون کي پنهنجو هٿ تہ ڏي تہ آءٌ چمان.

بادشاهہ: بيهہ پلا تہ پهرين اُگهانس، انهيءَ مان مرض ۽ موت جي بانس ٿي اچي.

رويل: ڪهڙو نہ عجيب انسان بگڙي پيو آهي! هيءُ سارو جهان نيٺ ائين خراب ۽ نابود ٿي ويندو. سائين، تون مون کي سڃاڻين ٿو؟

بادشاهہ: تنهنجون اکيون مون کي برابر دل سان لڳن ٿيون... تون مون کي اکيون پٽين ٿو ڇا؟ برابر، برابر، تون انڌو عشق آهين! موڪل اٿئي، جيڪي مٺا وٺڻي سي هڻ، آءٌ ڪنهن جي بہ محبت ۾ نہ ڦاسندس! هان، هي لکيل پروانو اٿئي، وڃي پڙهي ڏس. (ڪاغذ جو ٽڪر ڏئيس ٿو.)

رويل: سڀ اکر سج جهڙا چٽا ڪٿي هجن، تہ بہ آءٌ اهي ڏسي ڪين سگهندس.

شمسون: (پنهنجي منهن) مون کي ماڻهن جي افواهہ تي اعتبار نٿي آيو تہ ڪو بابي سان ههڙو ظلم ٿيو آهي، پر اها ڳالهہ بيشڪ سچي آهي، منهنجي دل ٿي جلي.

بادشاهہ: پڙهين نٿو؟

روبيل: ڇا سان پڙهان — خالي اکين جي کڏن سان؟

بادشاهہ: مار اصل ائين؟ — اکيون ڇٽ ۽ کيسو خالي! ايترو تہ ضرور ڏسندو هوندين تہ هيءَ زمانو ڪيئن ٿو هلي؟

روبيل: بيءَ طرح معلوم ڪري سگهان ٿو.

بادشاهہ: اڙي ديوانو تہ ناهين؟ ماڻهو اکين کان سواءِ بہ ڏسي سگهي ٿو تہ زمانو ڪيئن ٿو هلي. پنهنجن ڪنن سان ڏيان ڏي، ۽ ڏس تہ هو حاڪم هن ويچاري چور تي ڪيئن نہ پيو ڪاوڙيون ڪري! ٻڌين ٿو تہ؟ ها... هاڻ هنن جون جايون ڪٽي هڪٻئي سان بدلاءِ. پوءِ خبر ڪانہ پوندي تہ چور ڪهڙو ۽ حاڪم ڪهڙو. تو ڏٺو آهي نہ، تہ ڪڙميءَ جو ڪتو فقير تي ڪيئن پيو ڀونڪندو آهي؟

روبيل: هائو.

بادشاهہ: ۽ ويچارو فقير، ڪتي کان پنهنجي جند ڇڏائيندو آهي. حاڪم جي حڪم جو اهڙو مثال پيو ڪولهي. ڪتو ڪٽي حاڪم ٿيندو، تہ بہ انهيءَ جو حڪم پيو هلندو. اي بيحيا قاضي، تون ڇالاءِ ناحق

هن رنڊيءَ کي ڇهڪ ٿو هڻين؟ اهي ڇهڪ منهنجن هٿن لئي هئا، ڇاڪاڻ جو جنهن ڪم جي لاءِ تون هن کي ڇهڪن جي سزا ڏين ٿو، سو ئي ڪم تون پاڻ هن سان ڪرڻ گهرين ٿو...! لوڀي ٿو ٺوڳيءَ کي ڦاسيءَ جي سزا ڏئي! ڦاٽلن ڪپڙن ۾ ننڍڙا قصور به وڏا گناهه ڏسبا آهن، ريشم ۽ زريءَ جي ڪپڙن ۾ اهي لڪي ويندا آهن، ۽ ڏسبا ئي ناهن. گناهه کي سون جو پردو چاڙهي ڇڏ، پوءِ ويٺو ڏس ته انصاف جو نيزو ان ۾ لڳندو ئي ڪونه - لڳندو ته ڀڄي پوندو! وري مٿس اگهڙين جو پوش ڪٽي وجهه، پوءِ ڏسندين ته ڪين جهڙي ماڻهوءَ جو ڪک به منجهس ٽُنگ ڪري لنگهي ويندو...! ڪو به، ڏوهي ڪونهي، ڪو به ڪونهي، ڪو به ڪونهي - آءٌ ان جو ذمو ٿو کڻان! يار، آءٌ توکي ناٿو ٿو ڏيان، ۽ اهو اهڙي شئي آهي، جو فرياديءَ جي چپن تي مهر هڻي ڇڏيندو. انهيءَ ڪاڻ وڃي شيشي جون ڪوڙيون اکيون وٺي وجهه ۽ ڍونگ ڪري ڇڏ ته آءٌ ڏسان ٿو - جيئن نه ڪي نڪما امير ڪندا آهن، جن کي ملڪ جي ڪابه خبر ڪانه هوندي آهي، ته به چوندا آهن ته اسان کي سڀڪا خبر آهي...! هاڻ، هاڻ، هاڻ، هاڻ — ٻيلا ڇڪي منهنجو جُتو ته لاهه — ڇڪ، ڇڪ، زور سان، زور سان....، هان شاباس!

شمسون: افسوس، جيڪي ڳالهائي ٿو سو معنيٰ وارو به آهي، ۽ بيمعنيٰ به آهي! چريائيءَ جي حالت ۾ عقل جون ڳالهيون پيو ڪري!

بادشاه: جيڪڏهن توکي منهنجي ڪمبختيءَ تي روئڻو هجي، ته تڏهين آءٌ توکي پنهنجون اکيون اڌار يون ڏيان. آءٌ توکي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو- تنهنجو نالو ”روبيل“ آهي. توکي صبر ڪري سڀ سور سهڻ گهرجن. اسين هن جهان ۾ روئندي پيدا ٿيا آهيون، سا توکي خبر آهي. اجا پهرين هن دنيا جي هوا لڳي ٿي، ته اسين روئون ۽ رڙون ٿا. ڏس، آءٌ توکي وعظ ٿو ڪريان...

روبيل: هاءِ هاءِ، افسوس، افسوس!

بادشاه: جڏهين اسين ڄمون ٿا، تڏهن اسان جي روئڻ مان مطلب آهي ته اسين هن احمقستان ۾ اچي داخل ٿيا آهيون. (ٽوپي لاهي) هيءَ کهڙي نه ارم شئي آهي...! هڪڙي ڏاڍي مزي جهڙي رٿ مون کي خيال ۾ آئي آهي: سوارن جي گهوڙن کي هڙا نرم نعل ڪٽي هڻائجن، ته ڊوڙندي آواز نه ڪن- پوءِ، آزمودي لاءِ، سوارن جو لشڪر لڪچوريءَ پنهنجن نائٽين جي گهر وٺي ويندس. جڏهن اوچتو مٿان وڃي پوندوسانِ، تڏهنِ- ٺهه ٺهه...، زپ زپ...، مار، مار! (اتي رائيءَ صوفيا جو نوڪر، ڪي ماڻهو ساڻ وٺي اچي ٿو.)

نوڪر: اڄهو، هتي آهي... مڙي اڇو، مڙي اڇوا (بادشاهہ کي) سائين، اوهان جي پياري نياڻي... (ماڻهو وڃنس ٿا.)

بادشاهہ: ڪين ڇڏيندؤ؟ ڇا، آءٌ قيدي ٿيس ڪيئن؟ آءٌ اڪي ئي قسمت جي هٿ ۾ هڪڙو راڌيڪو آهيان- مون کي چڱيءَ طرح هلايو. اوهان کي منهنجي ڇڏائڻ لاءِ چڱي رقم ملندي. وڃي ڪي جراح منهنجي لاءِ وٺي اچو- منهنجو مٿو مغز تائين وڍجي پيو آهي!

نوڪر: سائين، اوهان جي لاءِ سڀڪجهہ ٿا آڻيون.

بادشاهہ: ڇا، مون سان ڪو بہ همراهہ نہ ٿيندو، آءٌ اڪيلو هوندس؟ جي ائين ٿيندو، تہ پوءِ ماڻهن جي اکين مان اپترو پاڻي جاري ٿيندو، جنهن سان باغ جي وڻن کي ريج ڏيئي سگهبو، ۽ ڇڻڪار ڪري مٽي جمائي سگهبي.

نوڪر: غريب نواز، هي ڇا ٿا چئو؟

بادشاهہ: آءٌ کهوٽ وانگي عمدن ڪپڙن ۾ مرندس، آءٌ ڪل خوشي ڪندو رهندس... نيٺ آءٌ بادشاهہ آهيان! بابا، اها خبر اٿوَ يا نہ؟

نوڪر: بيشڪ، اوهين ست- پيڙهيا بادشاهہ آهيو، ۽ اسين اوهان جا تابعدار آهيون.

بادشاهہ: تڏهن بچڻ جي ڪا آميد ڏسجي ٿي. هر، جي بچڻ گهرو تہ بچڻ گهرجي... بچ، بچ، بچ!

(پيچندو نڪري وڃي ٿو، ۽ ماڻهو ٻه ٽيائنس لڪري وڃن ٿا.)

لوڪر: جي ڪنهن غريب جو ههڙو حال هجي ته به جيڪر ضرور مٿس رحم اچي وڃي، پر بادشاهه جو ههڙو حال ته ڳالهه ڪرڻ کان ٻاهر آهي. هن جي ٻن ڌيئن مان جيڪا خرابي ۽ زال ذات جي بدنامي پيدا ٿي آهي، تنهن کي دفع ڪرڻ ۽ آجارڻ لاءِ هن کي اچا به هڪڙي ڌيءَ آهي.

شمسون: ادا، خوش ته آهين؟

نوڪر: ادا، خير هجي. ڪو مون ۾ ڪم آهي؟

شمسون: هائو، ڪنهن جنگ جو گرم افواهه ته ڪونه ٿو ٻڌجي؟

نوڪر: ٻڌجي ٿي، بلڪل عام آهي، جنهن کي ڪن هوندا، تنهن اها خبر پڪي ٻڌي هوندي.

شمسون: ڀلا، ادا ڀلائي ڪري ٻڌائجئين ته هو ٻيو لشڪر ڪيترو ويجهو اچي پهتو آهي؟

نوڪر: تمام ويجهو آهي، ۽ ڪاهيندو اچي. گهڙي گهڙيءَ آن جي اچي ظاهر ٿيڻ تي هتي انتظار آهي.

شمسون: ادا، مهرباني تنهنجي. بس، مون کي فقط اها خبر پڇڻي هئي.

نوڪر: جيتوڻيڪ راڻي صاحبه ڪنهن ضروري ڪم سبب هتي رهيل آهي، ته به سندس لشڪر اڳي روانو ٿي ويو آهي.

شمسون : ڀلائي تنهنجيءَ ڀلي آڻين!
(اوڪر نڪري وڃي ٿو.)

روبيل : يا خدا، منهنجي حياتي پوري ڪر، ۽ تون منهنجو ساهہ ڪڍ- ائين نہ ڪر جو شيطان جي چونڪ تي اجل ڪان اڳي آءٌ پاڻ کي ماري رکان!

شمسون : ڏاڏا، اها چڱي دعا ٿو گهرين، خدا شل پوري ڪندوا

روبيل : هاڻ، ابا تون مون کي ٻڌاءِ تہ تون ڪير آهين ؟

شمسون: آءٌ هڪڙو تمام غريب مسڪين آهيان. قسمت ۾ جيڪي ڏڪا لکيل هئا، سي ڪائي ڪائي ٿهي ويو آهيان، ۽ ڏک سهي سهي هيري ويو آهيان، تنهنڪري ٻين جي ڏکن تي مون کي جهٽ ۾ قياس اچيو وڃي، مون کي هٿ ڏي تہ توکي وٺي هلي ڪنهن آجهي ۾ چڙهيان.

روبيل: ابا، آءٌ تنهنجو گهڻو شڪرگذار آهيان، خدا شل سدائين خوش رکندءِ!

(اتي شمشاد اندر لنگهي اچي ٿو.)

شمشاد: واهہ، مزو ٿيو، اشتهاري گنهگار ڪٿي خدا ڏياريو آهي! ڀانئجي ٿو تہ اصل ڪان تنهنجي اها انڌي مسي، مون کي بخت لائق لاءِ خدا خلقي هئي. انڌا، ڪمبخت، دغاباز، هاڻ تنهنجا ڏينهن اچي پورا ٿيا آهن، سو جلد خدا کي ياد ڪري پنهنجا گناهہ بخشائي وٺ.

(ترار ڪڍي) اڇها ترار نڪتي آهي، جا تنهنجو ڪم پورو ڪندي.

روبيل: (شمسون کي) ابا، ڪيڏي وٺين؟ هاڻ واهر جي مهل اٿئي، ڏيکار ڪا مڙسي!

(شمسون، شمساد ماڻ اڳڪي ٿو)

شمشاد: اي مٽي ڦريل ڪڙمي، ڇالاءِ تون هڪڙي اشتهاري ڌوهاريءَ جو پاسو ٿو وٺين؟ پري ٿي، متان جنهن ڪمبختيءَ هن کي ورايو آهي سا توکي به آئي ورائي- ڇڏي ڏي هن جي پانهن!

شمسون: آءٌ ڪو اهڙو سولو ڇڏيندو وساس.

شمشاد: اڙي، ڇڏي ڏي، ڪمينا نه ته انهيءَ دم ٿو قتل ڪريانءِ!

شمسون: هل ڙي هل، ڇٽين ڇانـو! اهڙو سولو جي آءٌ مارجڻ جو هجان ها، ته هن کان اڳي گهڻا ڏينهن قتل ٿي وڃان ها. خبردار، جي هن پريي مڙس جي ويجهو آيو آهين- جي هٿ لاتو اٿيس ته هن ڏانڊي سان مغز ڦيهي رکندو سانءِ! پاليو ڇا اٿئي؟

شمشاد: بهه، ته سهي...

شمسون: پلا ڏس تماشو! تنهنجي ترار جي مون کي پرواهه ڪانهي...، آءٌ ڏند پٽي ڇڏيندو سانءِ!

(پئي وڙهن ٿا. شمسون شمشاد کي ڪيرائي وجهي ٿو. هن جي ترار کسي کڻيس ٿو.)

شمشاد: اڙي مون کي ساري وڌءِ...، آءٌ مران ٿو! هاڻ منهنجي مٿهرن جي ٽولي کي ڪي قابو ڪر.....!

منھنجي لاءِ قيدخانو ٿيو. ڀلائي ڪري، مون کي انھي بند مان ڇڏاءِ، ۽ انھيءَ جي بدران تون آن جي جاءِ والار. بس- تنھنجي پياري ملڪا، جا اميد رکي ٿي جلد تنھنجي زال ٿيندي"!

توبھ توبھ، زال ذات جي اندر جو انت ئي ڪونھي! ھيءَ ھاڻ پنھنجي اشراف مڙس تي منصوبو رٿيو اٿس، ۽ انھيءَ جي جاءِ تي منھنجي ڀاءُ شمعون کي رکڻ ٿي گھري! (لاش کي) آءٌ توکي ھن واريءَ ۾ ھيٺ ٿو ڇڏيان، جو تون خولي زناڪارن جا خط ٿو آڻين ۽ پيغام ٿو پھچائين. مھل ڏسي، آءٌ پاڻيھي ھي خط انھي بادشاھ کي ڏيکاريندس، جنھن جي مارڻ جو منصوبو ٿيو آھي. تنھنجي ڪم ۽ تنھنجي موت جو ٻڌي ھو ڏاڍو خوش ٿيندو.

رويل: بادشاھ ته ڏک ڏسي چريو ٿي پيو آھي، آءٌ ڪو اھڙو نٺر ۽ نجس آھيان، جو ھيترا عذاب سٺا اٿم، ته به مون تي اثر ئي ڪونھي، ۽ ھلندو وتان! انھيءَ کان ديوانو ھجان ھا ته چڱو ھو، جو پنھنجن ڏکن تي خيال ڪرڻو ته ڪونه پويم ھا — ھوش پورو ناھي، ته ڏکن جو سماءُ ئي ڪونه ٿو پوي!

شمسون: ڏاڏا، مون کي ھٿ ڏي ته ھلون. پري کان منھنجي ڪن تي جنگ جي نغاري جو آواز پوي ٿو- آءٌ، ته ھلي توکي ڪنھن دوست جي گھر ۾ ويھاريان.

(وڃن ٿا)

# پردو ستون

## آرمہ جي لشڪرگاهہ ۾ هڪڙو تنبو

(بادشاهہ ايليا هند تي ستو پيو آهي. چوڌاري طبيب ۽ نوڪر ويٺا آهن. راڻي صوفيا ۽ زابلون اچن ٿا.)

صوفيا: ايماندار زابلون، ڪيئن آءٌ تنهنجي اشرافت ۽ سچائيءَ جو توکي انعام ڏيئي سگهندي س؟ سچي عمر توسان ڀلائي ۽ احسان ڪريان، ته بہ تنهنجيءَ ڀلائيءَ ۽ احسان سان مٽ نہ ٿي سگهندا!

زابلون: حضور، منهنجي لاءِ ايترو بلڪل بس آهي جو اوهين اهڙو اقرار ڪريو ٿا. جيڪي ڳالهيون مون اوهان کي ٻڌايون آهن، سي ذري پرزي سچيون آهن - نڪي گهٽ، نڪي وڌ.

صوفيا: هاڻ وڃي بهتر پوشاڪ ڍڪ. هي تنهنجا ڪپڙا ڏسي، اڳيان نياڳا ڏينهن ٿا ياد پون، تنهنڪري وڃي اهي لاهي ڇڏ!

زابلون: حضور، مون کي معاف ڪريو. جي آءٌ هاڻي ويس بدلائي پاڻ کي ظاهر ڪندس، تہ جيڪو ارادو دل ۾ رٿيو اٿم، سو پورو نہ ٿيندو. منهنجو عرض آهي تہ جيسين مناسب وقت اچي، ۽ آءٌ اُن جي خبر ڏيان تيسين اوهين ظاهري مون کي نہ سڃاڻو.

صوفيا: تہ ڀلا تنهنجي مرضي. (طبيب کي) بادشاهہ سلامت ڪيئن آهي؟

طبيب: حضور، ننڊ ۾ آهي، چڱو آرام اٿس.

صوفيا : (منهن ۽ هٿ مٿي ڪري) يا خدا، پنهنجي فضل ۽ رحم سان بابي جو هوش جاءِ ڪر، ۽ سندس حواس وري سالم ڪر، تہ هينئر جو هو ننڍڙي ٻار جهڙو ٿي پيو آهي، سو وري اڳي وانگي سمجهہ پريو انسان ٿئي!

طبيب : جي حضور جي مرضي هجي، تہ بادشاهہ سلامت کي جاڳائجي، گهڻيئي ننڊ ڪئي اٿن.

صوفيا : جيئن مناسب هجي آئين ڪر، پنهنجيءَ مرضيءَ تي هل. (نوڪر کي) ڪپڙا پيل اٿس؟

نوڪر : هائو حضور، گهاٽي ننڊ ۾ اسان مٿس گهٽا ڪپڙا وجهي ڇڏيا آهن.

طبيب : حضور، جڏهن اسين بادشاهہ کي جاڳايون تڏهن اوهين ويجها ٿي بيهجو. مون کي پڪ آهي تہ هاڻي طبعيت بهتر هونديس ۽ آرام ۾ هوندو.

صوفيا : تمام چڱو.

طبيب : حضور، ويجها ٿي بيهو. اِتي زور سان باجو وڄايو. (سپ ماٺ ڪن ٿا، ۽ باجو وڄي بس ٿئي ٿو.)

صوفيا : منهنجا پيارا بابا، شل تندرستي اوهان جي بيماريءَ جو علاج منهنجن چپن تي آڻي رکي، جو جيئن اوهان جو مٿو منهن چمان، تيئن جيڪو رنج ۽ غم منهنجن ٻن ڀينرن اوهان کي هن پيريءَ جي عمر ۾ رسايو آهي، سو جهٽ ۾ دور ڪري ڇڏيان. (چمي ڏيس ٿي.)

صوفيا: اچا، اچا هوش جاءِ نہ اٿس.
طبيب: اچا برابر جاڳيو ناهي، ٿورو وقت هيڪلو ڇڏي ڏيوس.
بادشاهہ: (اکيون مليِ اٿي ويهي ٿو.) آءٌ ڪٿي آيو آهيان...؟ هيستائين ڪٿي هوس...؟ اڙي، صاف روشني...! آءٌ تہ منجهي ويو آهيان! ههڙي خوشي وري ٻيو ڀيرو ڏسڻ لاءِ، آءٌ جيڪر ڪنڊ ڪري مران...! مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ آءٌ ڇا چوان...! (هٿ ڏسي) آءٌ قسم کڻي ڪين چوندس تہ هي هٿ منهنجا آهن - ڀلا ڏسان... (وهٽي مان هڪڙي ٽاچڻي ڪڍي، پانهن ۾ هڻي ٿو.) هي ٽاچڻي پانهن ۾ چڀي ٿي، ۽ ايذاءُ ڏئي ٿي! مون کي پنهنجي تندرستي ۽ هوش جي حالت جي پڪ ٿي وڃي تہ ڪهڙو نہ خوش ٿيان!
صوفيا: بابا سائين، ڪي منهن مٿي ڪري مون ڏي تہ نهاريو، ۽ پنهنجا هٿ کڻي خدا جي درگاهہ مان منهنجي حق ۾ دعا گهرو. (بادشاهہ ڏيءُ کي نهاري نهاري، سندس اڳيان گوڏن ڀر ويهي ٿو. هوءَ پانهن کان وٺي، زور ڪري اٿاريس ٿي.) نہ نہ، سائين اوهان کي گوڏن ڀر ويهڻ نہ گهرجي!
بادشاهہ: خدا جي واسطي مون تي کل نہ، ٺٺوليون نہ ڪر. آءٌ هڪڙو ڪم عقل پوڙهو فرتوت آهيان، اسي ورهين عمر کان ٻہ مٿي - نہ گهٽ نہ وڌ. سچ پڇين تہ مون کي پنهنجي هوش ۾ هجڻ جي ٻہ اچا پڪ نٿي ٿئي. منهنجي دل ٿي چوي تہ مون کي خبر

پوي تہ تون ڪير آهين، ۽ هي شخص ڪير آهي؟ (زابلون ڏي ڪٽي هٿ) مون کي اچا بہ شڪ آهي، ڇالاءِ جو آءٌ برابر سمجهي نٿو سگهان تہ هيءُ ڪهڙي جاءِ آهي. جيتري سمجهہ اٿم، ان موجب ايتري بہ يادگيري نٿي پوءِ تہ هي ڪپڙا ڪنهن جا آهن، ۽ ڪڏهن ڏٺا هئم، نڪا اها خبر اٿم گذري رات آءٌ ڪٿي هوس.... پيلي، مون تي کلو نہ! جي سچ پچ آءٌ مڙس ماڻهو آهيان، تہ آءٌ ڀانيان ٿو تہ هيءُ مائي منهنجي ڌيءُ صوفيا آهي؟

صوفيا: آها سائين... آءٌ آهيان، آءٌ آهيان! (پاڪر پائيس ٿي، ۽ روئي ٿي.)

بادشاهہ: (ڌيءُ جي منهن ۾ نهاري) ڇا، تنهنجن اکين ۾ پاڻي ٿو ڏسجي؟ــ هائو، برابر. (روئي چوي ٿو) بابا، ڏاهي ٿيءُ، روءُ نہ. جي تو منهنجي لاءِ ڪو زهر جو پيالو آندو هجي، تہ مون کي ڏي تہ آءٌ پيئي وڃان. مون کي خبر آهي تہ مون توسان رهائي ڪانهي ۽ تون مون کي نٿي گهرين، آءٌ ڀانيان ٿو تہ تنهنجين ڀينرن مون کي ڏاڍا سور ڏنا آهن. توکي سبب آهي مون کي ايذاءُ ڏيڻ جو، پر هنن کي تہ اصل ڪونهي.

(پوءِ گوڏا پيچي ڪرائي ٿي.)

ڪر ڪو فڪر نہ، دل ۾ ري،*
مهربان پدر، ٿيان قربان اوهان تان ذري ذري!

---

*طرز: "مورا الم نہ ڪريئو ري".

بار اوهان جا مون تي بيحد،
ڪيئن سگهان آءٌ لاهي - مهربان پدر...

خدمت پيءُ جي ذيءَ تي واجب،
فرض اصل کان آهي - مهربان پدر...

جيڪي گذريو هو قسمت ۾،
ڏوهه ڪنهين جو ناهي - مهربان پدر...

بندو ٿيو هر امر ۾ بيوس،
قلم قضا ٿي واهي - مهربان پدر...

هاڻ ڪريو هر طرح تسلي،
ويهو دل کي ٿاهي - مهربان پدر...

بادشاهه: آءٌ آرمينيا جي ملڪ ۾ آهيان ڇا؟

زابلون: سائين، اوهين پنهنجي ملڪ ۾ آهيو.

بادشاهه: پيلي، اوهين مون سان مسخري نه ڪريو ٺٺولي نه ڪريو...!

طبيب: (صوفيا کي) حضور، هاڻ بلڪل خاطر تسلي ڪريو: ڏسو، هن جي اندر ۾ جيڪو جوش هو سو گهٽو جهڪو ٿيو آهي. اڃا به، هن جو گذريل احوال هن کي ذري پرزي ياد ڏيارڻ چڱو ناهي، ڇڏيوس

تہ پلي اندر وڃي آرام ڪري. جيسين وري مغز جاءِ اچيس، تيسين هن جو نالو وٺ نہ گهرجي.

صوفيا: بابا سائين، دل چئيوَ تہ آئي ٿورو پنڌ ڪريو.

بادشاهہ: آبا، تو کي مون تي قياس ڪرڻ گهرجي؛ پلائي ڪري گذري ڪي ياد نہ ڪر، ۽ جيڪا مون کان ٿي آهي، تنهن لاءِ مون کي معاف ڪر- نيٺ آءُ ڪراڙو ۽ ڪم عقل آهيان.

(بادشاهہ، صوفيا، طبيب ۽ پيا ماڻهو- سڀ نڪري وڃن ٿا.)

نوڪر: سائين، اها ڳالهہ برابر آهي ڪيئن تہ شاهہ ڪالاب، جيشان جو بادشاهہ، ائين مارجي ويو؟

زابلون: برابر آهي، پڪ آهي.

نوڪر: تہ ڏهن سندس لشڪر جو سپهہ سالار ڪير آهي؟

زابلون: چون ٿا تہ امير روبيل جو اڪيچائو پٽ، شمعون.

نوڪر: ماڻهن جو چوڻ آهي تہ امير روبيل جو پٽ شمسون، جنهن کي شهر نيڪالي ملي هئي، سو امير زابلون سان گڏ فاران ملڪ ۾ رهي ٿو؟

زابلون: ادا، ڪيئن هڪڙي افواهہ تي اعتبار ڪجي. بادشاهن جو لشڪر ڪاهيندو، اچي ويجهو پوندو؛ بهتر آهي تہ هلي نظرداري ڪجي.

نوڪر: جنگ لڳي، ته گهڻو ڪري ڏاڍي خونريزي ٿيندي. هاڻ ڀلا، خدا حافظ.

(نڪري وڃي ٿو.)

زاڀلون: اچوڪي لڙائيءَ جي نتيجي تي منهنجي قسمت منحصر آهي؛ پوءِ چڱي ٿئي يا بڇڙي، پاڻيهي خبر پوندي.

(نڪري وڃي ٿو.)

# باب پنجون

## پردو پهريون

### شاهي بندر جي ويجهو لشڪرگاهه

(شمعون ۽ راڻي زلفا، عملدار ۽ سپاهي، جهنڊا کنيو باجا وڄائيندا اچن.)

شمعون ڳائي ٿو:

شاباس هلو، شاباس هلو، هيءَ راهه رلو، هيءَ راهه رلو!*
چالاڪيءَ سان ڪا چال چلو، دشمن کي ڏيو ڪو واهه وَلو؛
کڻو هٿيار ڪڍو، لشڪر سندن کي هٽو ڪلو؛
سٽيو ڪُٽيو، ڦٽيو لُٽيو، آئون شينهن هو ٻڪرن ڳلو؛
هلو هلو، ڪاهي هلو، ڏئي فتح اوهان کي ڀال ڀلو—
شاباس هلو...!

(ٻوءِ هڪڙي عملدار کي ٿو چوي)

شمعون: وڃي خبر وٺي اچ ته شاهه منسا جيڪو ٻيون ارادو ڪيو هو، انهيءَ تي قائم آهي، يا وري ڪا ٻي صلاح ڪئي اٿس ۽ اهو ارادو ڦيرائي ڇڏيو اٿس. هو هڪڙي ڳالهه تي ٻيهر وارو ناهي— ڪڏهن کهڙيءَ تي، ڪڏهن کهڙيءَ تي. وڃي

---

*طرز: "نه دير ڪرون، نه دير ڪرون"

خبر وٺي اچ تہ لوٽ ڪھڙو ٺھراءُ ڪيو اٿس.
(عملدار لڪري وڃي ٿو.)

زلفا: مون کي پڪ آھي تہ اديءَ جي قاصد سان خير ڪونهي، ھو ضرور رستي ۾ مارجي ويو آھي، يا قيد ٿيو آھي.

شمعون: شڪ ناھي.

زلفا: پيارا شمعون، توکي خبر آھي تہ آءٌ تو سان ڪھڙي چڱائي ڪرڻ ٿي گھران. ھاڻي مون کي ٻڌاءِ، ھر سچي چئجين، ايمان جي ڳالھہ ڪجئين، تہ تون منھنجيءَ پيءُ کي گھڻو گھرين ٿو يا نہ؟

شمعون: گھران ٿو، پر نہ ڪنھن بہ خراب ارادي سان.

زلفا: مون کي شڪ ٿو پوي تہ تون ھنن سان مليل آھين، ۽ اوھان جي ھڪٻئي سان دل قائل آھي؟

شمعون: نہ راڻي، آءٌ قسم ٿو کڻان.

زلفا: آءٌ ھن جو ساڙ بلڪل سھي نہ سگھنديس. پيارا امير، ڀلائي ڪري ھن سان گستاخي نہ رکندو وڃ.

شمعون: انھيءَ جو تون گھڻو خيال نہ رک. اجھو ھوءَ پاڻ ۽ شاهہ منسا پيئي اچن ٿا.

(شاهہ منسا، راڻي ملڪا ۽ سپاهي اچن ٿا.)

ملڪا: (منھن پاسي ڪري) جنگ ھارجي تہ ڀلي ھارجي، پر منھنجي مرضي نہ آھي تہ ادي مون کي پنھنجي پياري دوست کان ڌار ڪري.

منسا: (زلفا کي) ادي، خوش چڱي ڀلي تہ آھين؟ (شمعون کي) امير شمعون، مون ٻڌو آھي تہ ٻڍو

بادشاهہ پنھنجي ننڍي ڏيءُ سان وچي گڏيو آهي، ۽ پيا آهي ماڻهو، جن کي اسان سختي ڪري ملڪ مان ڪڍي ڇڏيو هو، سي ئہ ساڻن آهن. منھنجي عادت آهي تہ جنهن هنڌ منھنجي دل ۾ ڪو وسوسو گذرندو آهي، آنهي هنڌ آءٌ پنھنجي همت ڏيکاري نہ سگهندو آهيان. هن ڪم ۾ آرسيء جو بادشاهہ رکو پڻ بادشاهہ کي واهر نٿو ڏئي، پر هاڻ ڪاهہ ڪري اسان جي ملڪ تي آيو آهي، ۽ ساڻس آهي ماڻهو آهن، جن کي اسان سان برابر دلي دشمني آهي، تنھنڪري اسان کي ڇڙ اچڻ جو واجبي سبب آهي.

شمعون: سائين، اوهين چڱي ڳالهہ ڪريو ٿا.

زلفا: اهڙي ذڪر ڪرڻ جو مطلب ڇا آهي؟

ملڪا: مطلب اهو آهي تہ گڏجي دشمن سان وڙهون، ۽ ڪين جهڙا خالڪي جهڳڙا جهيڙا هن مهل وساري ڇڏيون.

منسا: تڏهن هاڻ اسان کي گهرجي تہ پنھنجن آزمودگار ۽ جهونن عملدارن سان هن امر ۾ صلاح مصلحت ڪريون.

شمعون: بھتر آهي، آءٌ الهيءَ دم اوهان جي تنبوءَ ۾ اچي حاضر ٿو ٿيان.

زلفا: (ملڪا کي) ادي، تون اينديءَ تہ هاڻ هيڏي هلون.

ملڪا: نہ ادي، مون کي معاف ڪر.

زلفا: پلائي ڪري اچ تہ هاڻ ۾ گڏجي ڪي ڳالهيون پوليون ڪريون.

زلفا: پلاڻي ڪري اچ تہ ٻاڻ ۾ گڏجي ڪي ڳالھيون ٻولھيون ڪريون.

ملڪا: (منھن ٻاسي ڪري) مون اھا پرولي اڳيئي ٻڌي آھي. (زلفا کي) نہ ادي، آءٌ تہ ھيڏي وڃان ٿي.

(ھو نڪري وڃڻ تي آھن، تہ شمسون بدليل ويس ۾ داخل ٿئي ٿو.)

شمسون: (منسا کي) حضور، جي مون جھڙي غريب ماڻھوءَ سان اوھان کي ڳالھائڻ ۾ حرڪت نہ ھجي، تہ منھنجي ھڪڙي ٿورڙي ڳالھ ٻڌو.

(انھيءَ وچ ۾ ٻيا سڀ نڪري وڃن ٿا.)

منسا: آءٌ تنھنجي ڳالھ ٻڌندس، چئو.

شمسون: لڙائي شروع ڪرڻ کان اڳي، ھي خط کولي پڙھي ڏسجو. (خط ڏيئي ٿو.) جي اوھان کي فتح حاصل ٿئي، تہ ڍنڍورو ڪھائجو تہ جنھن خط آندو ھو سو اچي حاضر ٿئي- جيتوڻيڪ آءٌ غريب مسڪين ڏسجان ٿو، تڏھن بہ آءٌ اھڙو ماڻھو حاضر ڪري سگھندس، جو ثابت ڪري سگھندو تہ جيڪي ھن ۾ لکيل آھي سو سڀ سچ آھي- ۽ جيڪڏھن لڙائيءَ ۾ اوھان ھارايو، تہ پوءِ اُئين ٿي اوھان جو دليا ٿي ڏندو پورو ٿيو، ۽ دشمني بند ٿي. ھاڻ آلھ واھي، خدا شل اوھان کي فتح ڏيندوا

منسا: ٻيھجئين، جسين آءٌ خط پڙھي رھان.

شمسون: مون کي اُئين ڪرڻ کان منع ٿيل آھي. جڏھن آھا مھل اچي، تڏھن ڍنڍورو ڪھائجو تہ آءٌ ٻانھي وري اچي حاضر ٿيندس.

منسا: چڱو، خدا کي پرتين ۽ آءُ تنهنجو خط پڙهي ڏسندس.

(شمسون نکري وڃي ٿو. جهٽ ۾ شمعون اچي ٿو.)

شمعون: دشمن جو لشڪر پري کان نظر ۾ اچي ٿو ۽ هاڻ بهتر آهي ته اوهين پنهنجي لشڪر کي صفون هڻائي بيهاريو. (هڪڙو ڪاغذ ڪڍي ٿو.) اچهو، دشمن جي لشڪر جو تعداد، جو هڪي طرح جاسوسن آڻي ڏنو آهي. هاڻ اوهان کي جلدي ۽ چالاڪي ڪرڻ گهرجي.

منسا: اسين هنن کي سامهون ٿيڻ لاءِ تيار آهيون.

(نکري وڃي ٿو.)

شمعون: هنن پنهي پيرن سان، پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ، مون قسم کنيو آهي ته منهنجي ساڻن دل آهي، هڪڙي ٻيءَ کي حسد کان ائين ٿي ڏسي، جيئن نانگ ڏنگيل، نانگ کي ڏسندو آهي: هاڻ پنهي مان آءٌ ڪهڙي قبول ڪريان-ٻئي، يا هڪڙي، يا ٻئي نه؟ جي ٻئي جيئريون هونديون، ته منجهانئن ڪنهن سان به آءٌ سک سان گذاري نه سگهندس، جي رنڙ زلفا کي پسند ڪندس، ته سندس پيءُ ملڪا ذاڌي ڪاوڙبي، ۽ ساڻ کان چري ٿي پوندي، ۽ آءٌ به، انهيءَ ڪري پنهنجو مطلب حاصل ڪري نه سگهندس، چالاءِ جو سندس مڙس جيئرو جاڳندو ويٺو هوندو. هاڻ تڏهن بهتر آهي ته جنگ ۾ آءٌ منسا جو زبردست ٿي ڪم ڪريان؟ ۽ هن جي خوشامد ڪريان ۽ جنگ کان پوءِ، پنهي

پيٽرن مان جيڪا هن کي دفع ڪرڻ گهرندي، سا پاڻيهي ديرڪان سواءِ هن کي پورو ڪري ڇڏيندي. باقي، هي مثال، جو پهري پادشاهه ايليا ۽ سندس ننڍي ڌيءَ صوفيا تي قياس ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون پيو ڪري، سو جڏهن جنگ پوري ٿي ۽ هو اسان جي قبضي ۾ اچي ويا، تڏهن ايترو جيترو ڇڏبن ٿي ڪين، جو رحم ۽ قياس ڏسندا! پنهنجي ملڪ جي لاءِ آءٌ جوابدار آهيان، ۽ مون تي فرض آهي ته ان جو بچاءُ ڪريان ۽ ان کي فائدو پهچايان، نه پين مان ويهي حجت ڪريان. هاڻ سڀ ڪم سڌاٿو ٿيو- گهر ويٺي معشوق به مليو ۽ ملڪ به مليو! هاڻ ته ذرو خوشي ڪريان. (ڳائي ٿو)

دل ته دلدار يار تان صدقي،*
گلبدن گلعذار تان صدقي.
دمبدم خال تان قربان،
زلف جي تار تار تان صدقي.
چشمِ مشڪون مثال نرگس مست،
تنهن جي خونين خمار تان صدقي.
منهنجي گلرخ جو منهن ٿيو گلگل،
لعل جي لاله زار تان صدقي.
ٿيو سجڻ باغ باغ سرتاپا،
تنهن جي باغ و بهار تان صدقي.

---

* راڳ "تلنگ". طرز: "اي ظفر آمده بهار بجوش"

صدقي گلاوءَ جي گل تان صدقي.
يار جي آءٌ تہ خار تان صدقي.

جان ٿي منهنجي هڪ تہ حسن هزار،
هڪڙي ڪيئن ٿئي هزار تان صدقي!
(نڪري وڃي ٿو.)

# پردو پيو
## جنگ جو ميدان

(ٻاهران نقارن جو آواز پيو اچي. هڪڙي پاسي کان جهنڊا ۽ دهل ڪٽي، شام ايليا صوفيا ۽ سندن لشڪر اچي ٿو، ۽ جنگ جي ميدان مان لنگهي وڃي ٿو. پٺيان شمسون ۽ روبيل اچن ٿا.)

شمسون: هاڻ ڏاڏا، تون هن وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهي آرام ڪر، ۽ خدا کي سوال ڪر تہ حق وارن کي فتح نصيب ٿئي. آءٌ وڃان ٿو ۽ جي صحيح سلامت موٽي آيس تہ تنهنجي لاءِ چڱو بندوبست ڪندس.

روبيل: بابا، خدا توسان همراه آهي. (شمسون نڪري وڃي ٿو.)

(ٿوري وقت تائين نقارن ۽ دهلن جو آواز اچي ٿو. پوءِ ساڪيو لشڪر موٽي لنگهي وڃي ٿو. پٺيانس وري شمسون اچي ٿو.)

شمسون: پريا مڙس آٿ، هل، مون کي هٿ ڏي، هل. شاهه ايليا جنگ هاري ۽ هو پاڻ ۽ سندس ننڍي ڌيءَ قيد ٿي پيا! ڏي هٿ... هاڻ هليو آءُ.

روبيل: بس بابا، آءٌ اڳتي نه هلندس؛ مري ڪري وڃڻ لاءِ هيءَ جاءِ ئي بس آهي.

شمسون: هي ڇا، وري شيطاني خيال اچي مغز ۾ پيا اٿئي ڪيئن؟ ماڻهوءَ کي هن دنيا مان وڃڻ مهل ۾ ايترو صبر ۽ تحمل ڪرڻ گهرجي، جيترو هن دنيا ۾ اچڻ مهل -- رکي پختگي درڪار آهي. هليو آءُ.

(اکري وڃن ٿا.)

# پردو ڏيون

## شاهي بندر جي ويجهو لشڪرگاهه

(شمعون ۽ سندس لشڪر جهنڊا کڻي، فتح جا دهل وڄائيندا اچن ٿا.)

شمعون: ڪي عملدار هنن کي وٺي وڃن، ۽ مٿن پهرو رکن، جيستائين فيصلي ڪرڻ وارا هنن جو فيصلو ڪن.

صوفيا: اهي رکيا اسين نه آهيون، جن جو نصيب چڱيءَ نيت هوندي به، خراب ٿيو آهي، ۽ جن جو احوال بڇڙو ٿيو آهي. منهنجا مظلوم بابا، مون کي رکيو اوهان

راضي ھوندو، انھي توکي اٿي مون مان ملايو آھي،
ھاڻ جيڪو ھن کان پوءِ امان کي ڏار ڪرڻ گھري،
سو ڀرين آسمان مان ڪا باھ جي آماڙي اٿي امان کي زور
مان ھتان ڪڍي- جيئن شڪاري لومڙين کي باھ ڏيئي
ٻرن مان ڪڍندا آھن. بابا، تون اکيون آگھ، روءِ نہ!
شل انھن کي خدا مرض ٻچيندو، جو سندن ماس
توڙي کل کي وڪوڙي ويندو، ھو اسان کي روئاريندا.
تنھن کان اڳي شل اسين ھنن کي ٻک مرندو ڏسندا سين!
آءٌ تہ ھلون.

(شاھ ايليا ۽ صوفيا کي پھريدارا وٺي وڃن ٿا.)

شمعون: (ھڪڙي جنگي عملدار کي) تون ھيڏي آءُ. (ھڪڙو ڪاغذ ڪڍي ڏيس ٿو.) ھي لکيل حڪم ھٿ ڪر. ھنن جي ٻنهي قيدخاني ڏي وڃ. مون توکي ھڪڙو درجو اڳيئي چاڙھيو آھي، ۽ جي انھيءَ حڪم جي پوري تعميل ڪندين، تہ وڏي درجي کي پھچندين ۽ ڏاڍو نصيب وارو ٿيندين. توکي ياد رکڻ گھرجي تہ ماڻھوءَ کي زماني جي ڍول تي ھلڻ کپي- جيڪو ڍچڙو ۽ نرم دل وارو ٿيندو، سو ترار ٻڌڻ وارو نہ ٿيندو. جيڪو ضروري ڪم تنھنجي ذمي ڪيو ويو آھي، تنھن بابت گھٽي چؤ ٻچؤ ڪرڻ ڪانھي، صاف ٻڌاءِ تہ تون اھو ڪم ڪندين يا نہ؟ نہ تہ نوڪري ڇڏي، وڃي ڪنھن ٻئي رستي پنھنجي ڀتريءَ لاءِ مٿو ھڻ.

عملدار: (ڪاغذ ڏسي) سائين، آءٌ بيشڪ اھو ڪم ڪندس.

ڪري، مون موڪلي ڏنو. سياڻي، يا ڪنهن ٻئي ڏينهن، جتي اوهين هن جو فيصلو ڪرڻ گهرندؤ، آتي حاضر ڪرائي ڏبا. هينئر ته اسين ٻگهر ۽ رت سان ڀُسيا پيا آهيون- دوست پنهنجي دوست کي وڃائي ويٺو آهي، ۽ جنگ جي جوش ۾، جنهن کي سختي سهڻي ٿي پوي تنهن کي چڱا ۽ فائدي وارا معاملا به، خراب پيا ڏسڻ ۾ ايندا. شاهه ايليا ۽ راڻيءَ صوفيا جي باٻت ڪنهن ٻئي بهتر جاءِ تي بحث ڪنداسين.

سنسا: تون ايتري ٻڪ ڇو ٿو ڪرين؟ هن جنگ جي ڪري ڪو تون منهنجو مَٽ يا همسر نه ٿي پيو آهين- هڪڙي عام رعيتي ماڻهوءَ جهڙو آهين، ڪو پيو وڏيڪ اختيار توکي ڪونه ڏنو ويو آهي!

زلفا: آهو اسان جي مرضي تي منحصر آهي، جهڙو مان ۽ اختيار ڏيڻ گهرون، اهڙو ڏيئي سگهون. هن کي ايتري چوڻ کان اڳي، مناسب ائين هو ته اوهين پهرين اسان جي مرضي پڇو ها. هو اسان جي لشڪر جو سپهه سالار هو، مون هن کي پنهنجي بدران، پنهنجيءَ جند توڙي پنهنجي درجي جو مختار ڪري موڪليو هو- انهيءَ حجت ڪري به، هي بيشڪ پاڻ کي اوهان جو مَٽ ۽ همسر سڏي سگهي ٿو!

ملڪا: ايتري تڪڙ ۽ ڪاوڙ ڇو ٿي ڪرين؟ تو هن کي ڪهڙو درجو ۽ اختيار ڏنو آهي؟ هو پاڻيهي پنهنجي ذاتي لياقت ڪري اهڙي وڏي درجي ۽ اختيار وارو آهي.

زلفا : برابر، پر جڏهن مون هن کي پنهنجن حقن بچائڻ لاءِ مقرر ڪيو، ۽ هن کي پنهنجو سڄو اختيار ڏنو، تڏهن هن کي سڀ ڪان وڏو درجو ملي چڪو.

ملڪا : تنهن جي معنيٰ ته هو تنهنجو مڙس ٿئي. - تڏهن ته اهڙو درجو مليس!

زلفا : ڪهڙو شڪ، ڇرڇي مان اڪثر سچ پئي پوندو آهي.

ملڪا : پُڏو پُڏو - اها اک ٿيڏي آهي، جنهن توکي اٿين ڏيکاريو آهي!

زلفا : ادي، منهنجي طبعيت برابر نه آهي، نه ته جيڪر جهڙي جواب جي لائق آهين، اهڙو جواب ڏيانءِ - (شمعون کي) بهادر سردار، تون منهنجا سپاهي ۽ منهنجا قيدي ۽ منهنجو مال ۽ ملڪ هٿ ڪري اهي سڀ مون توکي ڏنا، ۽ جيئن توکي وڻي تيئن انهن کي ڪم آڻ - آءٌ پاڻ تنهنجي آهيان! ساري جهان کي شاهدي هجي ته اڄ آءٌ توکي پنهنجو خاوند ۽ پنهنجو مالڪ مقرر ٿي ڪريان!

ملڪا : پاڻ سان گڏ ويهاريندئينس ڪيئن؟

منسا : اوهان جي مرضيءَ تي ناهي، ته جنهن کي وڻيو تنهن کي مالڪ ڪريو!

شمعون : نڪي سائين، اوهان جي مرضيءَ تي آهي!

منسا : منهنجي مرضيءَ تي آهي...! چپ ڪر تون - اڪيلا - چاول، حرامي، ولدالزنا!

زلفا : (شمعون کي) وڃي دهل وڄارائي پڌرائي ڪر ته مون توکي پنهنجو مالڪ ڪيو!

شمعون: موڪل آهي انهيءَ ڪي، جيڪو مون تي اهڙي دغابازيءَ جي تهمت ثابت ڪري! آهو حرامخور ڪوڙو ۽ بي ايمان ڇڙبو. پلي ڍنڍورو گهمائيو! جيڪو نڪري ظاهر ٿيندو آهيءَ ڪي، توڪي، ۽ ڪنهن ٻئي ڪي آءٌ پنهنجي سچائي ۽ ايمانداري چڱيءَ طرح ثابت ڪري ڏيندس!

منسا: ڪٿي آهي پڙهي گهمائڻ وارو؟ سڏيوس، جلدي سڏيوس.

شمعون: سڏيو پڙهي گهمائڻ واري ڪي، جلدي سڏيو.

منسا: هاڻ پنهنجيءَ جند جي مرضيءَ تي پاڙجيئن، پيو سڀ لشڪر جيڪو منهنجي لالي ۽ حڪم سان جنگ جي لاءِ گڏ ٿيو هو، سو وري بہ مون پنهنجي حڪم سان ڪري ڇڏيو آهي!

زلفا: منهنجو حال ابتر ٿيندو وڃي...آءٌ مران ٿي!

(اتي ڍنڍوري وارو، دهل ڪٽي اچي ٿو.)

منسا: هيءَ بيمار ٿي پئي آهي هن کي منهنجي تنبوءَ ڏي وٺي وڃو. (زلفا کي ڪي ماڻهو پاڻهن کان وٺي ڪري وڃن ٿا.) دهل وارا، تون هيڏي آءٌ. (ڪاغذ ڪڍي ڏيئس ٿو) پڙهو گهمائي، ماڻهن کي هي اشتهار پڙهي ٻڌاءِ.

دهل وارو: (دهل کي ڏونڪو هڻي، اشتهار پڙهي ٿو.)- "لشڪرگاهہ جي حد اندر جيڪو آبروءِ يا درجي وارو ماڻهو، هن شمعون، نالي جي امير تي ثابت ڪري سگهي تہ هو دغاباز، باغي، فسادي ۽ ملڪ جي بادشاهہ ذاتهن نمڪ حرام آهي، سو دهل جي ٺڪين دس تي نڪري ظاهر ٿئي؛ هي ٻاڻ تان انهيءَ الزام لاهڻ لاءِ بلڪل تيار آهي".

شمعون: وڄاءِ! (دهل وارو دهل وڄائي ٿو.)

دهل وارو: هي پهريون دس... (وري ٻيو دس هڻي ٿو) هي ٻيو دس... (وري ٽيون دس هڻي ٿو) هي ٽيو دس!

(اتي شمسون، هٿيارن سان نڪري، پڌر تي ظاهر ٿئي ٿو.)

منسا: (دهل واري کي) هن کان پڇ تہ تون ڪهڙي مطلب سان آيو آهين، ۽ ڇو دهل جي آواز تي نڪري ظاهر ٿيو آهين؟

دهل وارو: (شمسون کي) تون ڪير آهين، تنهنجو نالو نشان ڪهڙو آهي ۽ ڇالاءِ هن سڏ تي حاضر ٿيو آهين؟

شمسون: في الحال آءٌ گمنام آهيان، جو هڪڙي ماڻهو جي دغا ۽ فريب جي ڪري مون، لا دعوي ٿي، پنهنجو نالو گم ڪيو آهي؛ پر تڏهن بہ آءٌ چڱي اصل نسل جو آهيان - جهڙو اهو شخص آهي، جنهن کي آءٌ ڏوهاري ٺهرائڻ لاءِ آيو آهيان.

شمعون: پر چڱا مڙس، ڏاهو ٿيءُ، پهرين ته منهنجو ٻالو ٻڌاءِ...! خير، تنهن ڪي ڇا ڪبو، تون ظاهري ڪري چڱو ۽ بهادر ٿو ڏسجين، ۽ تنهنجي ڳالهائڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته ٻڌائتو آهين، تنهنڪري، جيتوڻيڪ رواج موجب ۽ منهنجي سلامتيءَ جي هن ڪم جي آڪلائڻ ۾ دير وجهان ته وجهي سگهان، پر تڏهن به ائين ڪرڻ مون کي پسند نٿو اچي. اهي جيڪي تهمتون تون مون تي رکين ٿو، سي سا ڳيون آءٌ موٽي تنهنجي مٿي تي ٿو هڻان. اهو ڪوڙ، جو شيطاني نفرت کان مون تي هڻين ٿو، تنهن جي لاءِ تو کي آءٌ جلد پشيمان ڪندس. اهي تنهنجون تهمتون اڃا ته سڀ ٻادي آهن، ۽ انهن مان مون کي نقصان ڪونهي، پر تڏهن به، هيءَ منهنجي ترار انهن سڀني کي جهٽ ۾ اهڙو تواڻي ڪري آڏائي ڇڏيندي، جو وري پيدا ٿي نه ٿينديون...! وڄاءِ نڳارو، دهل وارا!

(دهل وارو ڍول وڄائي ٿو. شمعون ۽ شمسون ترارين سان وڙهن ٿا. شمعون ڪيري پوي ٿو، ۽ شمسون مٿانئس ترار کڻي بيهي ٿو.

منسا: بچائجينس، بچائجينس!

ملڪا: شمعون، هي توسان ٺڳي ٿي آهي! پهلواني جي قانون موجب، تون هڪڙي گمنام ۽ غير واقف دشمن جي هڪارڻ تي هن سان وڙهڻ لاءِ ٻڌل نه هوئين...! تو هاريو ناهي، پر توسان ٺڳي ۽ دغا ٿي آهي!

منسا: رن، تنهنجو وات بند ڪر، نه ته هن ڪاغذ سان آءٌ بند ڪندو سانس! (ڪاغذ ڪڍي، هٿ ۾ ڌري ٿو). (شمعون کي) ٻيهر، پلا هاٿي تون، ڪين جهڙا ڪمينا، تنهنجي ڪمبختي وارٽ پڙهي ڏس. (ملڪا، جهٽ هڻي، خط ڦاڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿي) نه نه، ائين ڦاڙڻ نه ڏيندس، ڀانئجي ٿو ته هن جي توکي اڳي ئي خبر آهي. (خط شمعون کي ڏئي ٿو.)

ملڪا: چڱو، مون کي خبر آهي، پوءِ ڇا؟ حڪم ۽ قاعدو منهنجو آهي، تنهنجو نه ناهي— انهيءَ جي لاءِ ڪير مون کي گرفتار ڪري سگهندو؟

منسا: بيحيا، بيشرم، توکي هن ڪاغذ جي خبر آهي؟

ملڪا: مون کان نه پڇ ته مون کي ڪهڙي خبر آهي؟ (ڇوهه مان نڪري وڃي ٿي.)

منسا: (هڪڙي عملدار کي) هن جي پٺيان وڃ، هوءَ حال کان ٻاهر آهي، ۽ نااميد ٿي آهي، وڃي سمجهائينس. (عملدار نڪري وڃي ٿو.)

شمعون: جنهن ڏوهه جي تهمت تو مون تي آندي آهي، سو ته برابر ڪيو اٿم، پر ٻيو به، گهڻو ئي ڪي ڪيو اٿم، جو ٻاڻهي وقت تي ظاهر ٿيندو. جيڪي گذريو سو گذريو، ۽ آءٌ پاڻ به گذرڻ تي آهيان، پر ٻڌاءِ ته تون ڪير آهين؟ جو هيئن مون تي فتحمند ٿيو آهين؟ جيڪڏهن ڪو خانداني ماڻهو آهين، ته آءٌ توکي معاف ڪريان ٿو.

منسا: باقي جيڪي وڏيڪ هوندو، سو اهيءَ ڪان به وڏيڪ دردناڪ هوندو، انهي ڪي ڪٿي ڇڏ، چالاڪ جو هيءُ احوال ٻڌي، آءٌ ڳري وڃڻ جهڙو ٿيو آهيان.

شمسون: جن ڪي غم سان واهپو ڪونهي، تن جي لاءِ هيءُ جيڪر پڇاڙي ڏسڻ ۾ اچي، پر ڪي ماڻهو اهڙا به آهن، جي حد ڪان لنگهي ويندا آهن، ۽ جيڪي اڳيئي گهڻو هوندو آهي، تنهن کي اڃا به گهڻو ڪندا آهن. جڏهن مون پنهنجي پيءُ جي ماتم ۾ دانهون پئي ڪيون، ته هڪڙو ماڻهو مون وٽ آيو، جو هيستائين مون کي ڪم بختيءَ ۽ چريائيءَ جي حالت ۾ ڏسي مون ڪان پيو گوشو ڪندو هو، پر جڏهن هاڻ معلوم ٿيس ته هي ڪير هو، جنهن هيترا عذاب پئي سٺا، تڏهن اچي منهنجي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي اهڙيون رڙيون ڪرڻ لڳو، جو ڄڻ ته آڀ ٿو ڏاري. هن پاڻ کي منهنجي پيءُ تي اڇلائي وڌو، ۽ پنهنجي ۽ بادشاهه ايليا جي نهايت ڏک واري ڳالهه ڪري ٻڌائي. انهيءَ ڳالهه ڪندي، هن جي اندر جو سوز ويو وڌندو ۽ زور پوندو ويو. تان جو سندس حياتيءَ جون رڳون ٽٽڻ لڳيون ۽ سندس دل ماندي ٿيڻ لڳي. انهيءَ وچ ۾ ڊنڊوري ڏيڻ واري به دس وڄائي ڪڍيا، ۽ ٽيون وڄائڻ تي هو، جو آءٌ هن کي انهيءَ غشيءَ ۽ بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڇڏي هيڏي پڇي آيس.

منسا: پر اهو ڪير هو؟

شمسون: سائين، امير زابلون ويچارو، شهر نيڪالي ڏنل زابلون، جو ويس بدلائي، پنهنجي دشمن بادشاه ايايا جي پٺيان خيرخواهي ڪري لڳو آيو، ۽ هن جي اهڙي خدمت ڪندو هو، جهڙي ڪو زرخريد غلام به نه ڪندو.

(اتي هڪڙو نوڪر تڪڙو اندر اچي ٿو- هٿ ۾ رت لڳل خنجر اٿس.)

نوڪر: قهر ٿيو، قهر ٿيو!

شمسون: ڪهڙو قهر ٿيو؟

منسا: اڙي ڇا ٿيو؟ ڳالهه ڪر.

شمسون: انهيءَ رت لڳل خنجر جي معنيٰ ڇا آهي؟

نوڪر: اهو رت اڃا گرم آهي- سندس دل منجهان نڪتو آهي...! پر هاءِ هاءِ، هوءَ مري به ويئي!

منسا: ڪير مري ويئي...؟ نامراد ڳالهه ته ڪر!

نوڪر: راڻي،- حضور جي راڻي! پهرين هن پنهنجيءَ ڀيڻ کي زهر ڏيئي ماريو، هوءَ پاڻ قبول ڪري ٿي.

شمعون: آءٌ هنن ٻنهي سان شاديءَ جي انجام ۾ ٻڌل هوس، هاڻ هڪڙي لحظي جي اندر اسين ٽيئي پاڻ ۾ گڏياسين، ۽ پرڻياسين!

شمسون: اچهو، امير زابلون به ٿو اچي.

منسا: (نوڪر کي) وڃي لاشون کڻائي اچو- ساهه هجين يا نه. خدا تعاليٰ جو هي انصاف ڏسي، خوف کان

امان جو پٽ ٿو ڏکي، پر امان کي هنن تي ڪو قياس ڪونه ٿو اچي. (نوڪر وڃي ٿو، ۽ امير زابلون اچي ٿو.) اوهه، هي اهو آهي ڪيئن؟ امير زابلون، اسين جيڪر تنهنجو مناسب آدر ڀاءُ ڪريون، پر لاچار هي وقت اهڙو نه آهي.

زابلون: سائين، آءٌ پنهنجي بادشاهه ۽ ڌڻيءَ کان هميشه لاءِ موڪلائڻ آيو آهيان...، هو هتي ناهي ڇا؟

منسا: اڙي، مسڪ ڳالهه ته امان کان وسري ويئي! ڇؤ شمعون، بادشاهه ڪٿي آهي، ۽ راڻي صوفيا ڪٿي آهي؟ زابلون، هن کي ڪٿي ڏٺو اٿئي؟

(اتي ملڪا ۽ زلفا جون لاشون ڪڍي ٿا اچن.)

زابلون: هاءِ هاءِ، ڇو هڙو اوهان جو حال ٿيو؟

شمعون: شمعون سان انهن جي محبت هئي، هڪڙيءَ ٻيءَ کي منهنجي لاءِ زهر ڏنو، ۽ پوءِ پاڻ کي به پنهنجي هٿ سان ماريائين.

منسا: جيڪي ٿيو سو ٿيو، هاڻ سندن منهن ڍڪي ڇڏيو.

(نوڪر لاش جي منهن تي ڪپڙو وجهي ٿو.)

شمعون: (اونهو ساهه کڻي) هاءِ هاءِ، منهنجو دم ٿو گهٽجي...، منهنجو ساهه نڪرڻ تي آهي! جيتوڻيڪ منهنجو سياءُ بچڙو آهي، تڏهن به هينئر آءٌ هڪڙي چڱائي ڪرڻ گهران ٿو، جلدي قلعي ڏي ماڻهو ڊوڙايو، پر دير بلڪل نه ڪريو، ڇالاءِ جو مون شاهه ايليا ۽

راڻيءَ صوفيا جي قتل جو حڪم ڏنو آهي- جلدي وڃو ۽ محل تي پهچو!

منسا: ڊوڙو، ڊوڙو، خدا جي واسطي ڊوڙو!

شمسون: ڪنهن ڏي! سائين، ڪنهن جي حوالي آهن؟ هنن کي ڇڏڻ لاءِ تڏهن ڪا نشاني ڏي.

شمعون: چڱو ڳالهه ڪئي اٿئي- منهنجي ترار کڻي وڃ، ۽ قلعي جي عملدار کي ڏي.

منسا: بچ بچ، دير نہ ڪر!

(شمسون، ترار کڻي، ڊوڙندو نڪري وڃي ٿو.)

شمعون: هن کي مون ۽ توهان جي راڻيءَ حڪم ڏنو آهي تہ صوفيا کي قيدخاني ۾ ڦاسيءَ چاڙهي ڇڏي ۽ پوءِ ظاهر ڪري تہ هن پاڻيهي پاڻ کي نا اميد ٿي ڦاسي ڏيئي ماريو آهي.

منسا: خدا شل هن وڃاريءَ کي بچائي! (نوڪرن کي) هن کي ذري ڏانئين هتان کڻي وڃو. (شمعون کي کڻي وڃن ٿا.)

(شاهہ ايليا، صوفيا جي لاش ٻانهن ۾ کڻي اچي ٿو، ۽ زمين تي رکي ڀاڪر وجهي، روئي ٿو. شمسون، عملدار ۽ ٻيا ماڻهو بہ ساڻن گڏ اچن ٿا.)

بادشاهہ: (صوفيا جي لاش کي ڀاڪر وجهي روئي، ڳائي ٿو.)

اي واءِ، اي واءِ، منهنجي پياري، *
افسوس، افسوس، توبهه ۽ زاري!
مون کي ڇڏي ويئي هن درد غم ۾،
مون کي هٽي ويئي ڦهري ڪناري - اي واءِ، اي واءِ!
هٺي سا سدائين معصوم مسڪين،
موذين آهي سا بڏوهه ماري - اي واءِ، اي واءِ!
هَي هَي، جوانيءَ ۾ موت اُن جي،
دل ۽ جگر ۾ ڪيا زخم ڪاري - اي واءِ، اي واءِ!
ماري ٿي مون کي اُن جي جدائي،
هردم اکين مان جر آهي جاري - اي واءِ، اي واءِ!
پيو ڪين اُن ري مون کي سُجهي ٿو،
مون آڏو دنيا آونداهه ساري - اي واءِ، اي واءِ!

(راڳ بس ڪري، پوءِ ٿوري تائين سُڏڪا پري روئي ٿو.)

زابلون: ڇتان اڄ قيامت برپا ٿي آهي؟

شمسون: قيامت ناهي، تہ قيامت جو نمونو تہ بيشڪ آهي.

منسا: قيامت اڄ ئي ڪئي!

زابلون: (ڪائي ٿو.)

---

* راڳ 'پيلو' طرز: 'ڪون جنجال مين چا ٿو ڦسان ري.'

دنيا جو جيئڻ آهي اصل کَنوڙ کهاٽي، *
ڏک ڏوجهرا هر ڪنهن کي سا ڏيکاري ڏهاٽي.
گذري وني هي عمر عذابن ۾ اجائي،
ڏکڙن ۾ لنگهيو ڏينهن، رنجين رات وهاٽي.
ڪاڏائين ۽ پيتائين، هيس جيسين حياتي،
آخر اچي پورو ٿيو اج داڻو ۽ پاڻي.
جنهن ساڻ اسان جو رهيو هيڻ جڳ ۾ جياپو،
وئي واه گذاري هتان سا ليڪ نماڻي.
تنهن بعد پيالي موت اسان کي اچي ماري،
هي هي، منهنجي ساٿڻ، منهنجي پياري، منهنجي راڻي!
هاڻ جان بلب آهيون سهُئي موت جا مهمان،
سڪرات ۾ شل سيگهه ساڻ سرور ٿئي ساڻي!

بادشاهه، مون کي خبر پوندي آهي ته ماڻهو مئو آهي يا اجا جيئرو آهي؛ مون کي ڪا آرسي ڏيو ته سندس وات وٽ رکي ڏسان - جي ساهه ڪڍڻ ۾ شيشي کي پاڻ جو داغ ٿيو ته، ڄاڻبو ته جيئري آهي: (صوفيا جي وات وٽ ڏيان ڪري) هي ڪنبي ته، چري ٿو! تڏهن اجا ساهه اٿس... جي، اٿين آهي، ته جن ساري ڄمار ۾ جيڪي ڏک مون سٺا، تن سڀني جي عيوض ۾ مون کي بيحد خوشي حاصل ٿيندي - او خدا، شل اٿين هجي!

* طرز: "ڈرتا هون، جدا مجهه سے ميرا يار نه هو جائے"

زابلون: (جهٽڪي) او، منهنجا پيارا ۽ نيڪ ڏٽي!
بادشاهه: پلائي ڪري، پري ٿي، مون کي ويجهو ٿي نه اچ.
شمسون: سائين، اهو اوهان جو خيرخواهه امير زابلون آهي.
بادشاهه: شل اوهان سڀني خونين ۽ دغابازن تي خدا جي مار پوي! آءٌ جيڪر هن ويچاريءَ جي جان بچائي وٺان ها، پر هاڻ ته وچڙ لاءِ ويئي...! او صوفيا، صوفيا، ذرو ته ترسين ها! (روئي ٿو) هان، تون ڇا ٿي چوين؟ هن جو ڳالهائڻ ڪهڙو نه مٺو هو! زال ذات جي لاءِ اهڙي چڱي شئي ٻي ڪا ٿوري هوندي. جنهن ڪمبخت غلام توکي ڦاسي ٿي ڏني، تنهن کي مون ماري رکيو...!
عملدار: حضور، اٿين برابر آهي؛ انهيءَ کي بادشاهه ماري وڌو.
بادشاهه: برابر نه؟ جوانيءَ ۾ پنهنجيءَ تکيءَ ترار سان آءٌ جيڪر هنن سڀني جي ڀاڄ پٽي ڪڍان ها... پر، اڄ ته پوڙهو ٿي پيو آهيان، ۽ هي سا ڳيا ڏک مون کي ماريو رکن! (زابلون کي) تون ڪير آهين؟ منهنجي نظر برابر نٿي پوي، تنهنجو نالو نٿو اچيم ... اجهو ٿو توکي سڃاڻان.
زابلون: جيڪڏهن ڇنجي ته نصيب ٻن ماڻهن مان هڪڙي جو يار ٿيو ۽ ٻئي جو دشمن! ته انهن ٻن مان هڪڙو اهو اڳيا بيٺو آهي.

بادشاهه: منهنجين اکين کي الاجي ڇا ٿيو آهي! (اکيون مَلي، زابلون کي ڏسي ٿو.) تون زابلون ته نه آهين؟

زابلون: آهو سائين، اوهان جو غلام زابلون! اوهان جو نوڪر "لبني" ڪٿي آهي؟

بادشاهه: آهو ڏاڍو چڱو ماڻهو آهي، پڪ سان ٿو چوانءِ هو ڏاڍو چڱو ۽ مندو هو، ۽ دير نه ڪانه ڪندو هو. هو مري ويو، ۽ هڏا نه ڳري ويس.

زابلون: نه سائين، نه، آءٌ آهو سائين اوهان جو نوڪر آهيان.

بادشاهه: پاڻيهي ايهيءَ جي مون کي خبر پوندي.

زابلون: اوهان جي مصيبت ۽ زماني جي ناسازيءَ جي شروع کان وٺي، جيئي ڏکن ۾، آءٌ اوهان جي قدمن سان لڳو پيو آيو آهيان.

بادشاهه: تڏهن تون هتي ڀلي ڪري آئين!

زابلون: ٻيو ڪو نه، ڪوئي بچيو آهي. چوڌاري غم ۽ موت جو اندوڪار آهي. تنهنجين ٻن وڏين ڌيئن پاڻ کي هورو ڪيو، ۽ دل شڪستيون ٿي مئيون.

بادشاهه: هائو، آءٌ به ائين ٿو ڀائيان.

منساءِ جيڪي پيو ڳالهائي، تنهن جو ڪو به سماءُ ڪونه اٿس - ناحق اسين پيا هن کي پاڻ سڃاڻايون، ۽ مٿا هڻون!

شمسون: برابر، ايهيءَ مان ڪي به حاصل ناهي. (اتي هڪڙو عملدار لنگهي اچي ٿو.)

عملدار: حضور، شمعون مري ويو!

منساء: پوءِ ڇا ٿيو، ـ اها ته ڪين جهڙي ڳالهه آهي! (ٿورو بس ڪري) اميرو، سردارو، اوهان سڀني کي خبر هجي ته اسان اِهو ارادو ڪيو آهي ته جيترو ٿي سگهي اوترو هن وڏيءَ مصيبت جو تدارڪ ڪريون: اسين پاڻ هن بزرگ پيرمرد بادشاهه جي حياتيءَ ۾ حڪومت کان بيزار آهيون ـ سارو اختيار اسان هن کي ڏنو! (شمسون ۽ زاهلون کي) اوهين پنهنجي حقي درجن تي قائم رهو، ۽ انهيءَ کان سواءِ ايمانداريءَ ۽ نمڪ حلاليءَ ڪري، جنهن عزت ۽ انعام جا اوهين حقدار ٿيا آهيو، سي به اوهان کي ملندا. جيڪي اسان جا دوست ۽ خيرخواهه رهيا آهن، سي پنهنجي نيڪيءَ جو ڦل پائيندا، ۽ جيڪي دشمن ۽ بدخواهه رهيا آهن، سي پنهنجي ڪيتي جي سزا ڀوڳيندا ـ واڻيهي ويئا ڏسجو!

بادشاهه: بيچاريءَ منهنجيءَ معصوم ڌيءَ کي ڪٺي ڦاسي ڏني اٿن! (لاش کي ڀاڪر وجهي روئي ٿو، ۽ ڳائي ٿو.)

جدائيءَ ۾ ويو، جاني، جگر منهنجو جلي ـ هي هي! *
ڪڏهن تون قرب مان ايندين وري مون وٽ هلي ـ هي هي!

---

*راڳ ’چوڪ‘.

رڙيءَ روئي ٿيس بيهوش ۽ بوحال تنهنجي لاءِ،
حياتيءَ پنهنجيءَ کان مون هاڻ دل پنهنجي پلي - هي هي!
گذاري تون وئينءَ آخر، اندر آرمان رهجي ويو،
کهاڻي مون اچا توکي نه موت جي سلي - هي هي!
پچاڻا تنهنجي، اي پياري، نه ڪهڙي مون کي هيءَ دنيا،
وڃي مرساهه سوڙن ۾، مران تو لاءِ پلي - هي هي!

(هو يون بيت درجي بدرجي ڍرو ۽ آهستي ڳائيندو وڃي، ۽ زمين تي پوندو وڃي - بيت بس ڪري، مري وڃي ٿو.)

شمسون: هيانءَ ٻڏي ويو اٿس، ماندو ٿي ويو آهي...! (سڏيس ٿو) حضور، حضور!

زابلون: هاءِ هاءِ! افسوس، ڇو نه مون کي ٿو موت اچي؟

شمسون: غريب نواز، ذرو اکيون ته پٽيو، مٿي ته نهاريو!

زابلون: بس، هو هلي رهيو، هاڻ هن جي روح کي هلاڪ نه ڪريو، پلي وڃي سکي ٿئي: جيڪو هن کي هن عذاب ڏيڻ واريءَ دنيا ۾ ذرو وڌيڪ ترسائيندو، تنهن کان هن کي نفرت ايندي.

شمسون: (خيال سان نهاري) برابر، هن جا پساهه پورا ٿيا!

زابلون: حيرت جي ڳالهه آهي جو هو هيستائين پڻ
تڳيو آهي - الاجي ڪيئن حياتيءَ کي زور ڪيو تائيو
پڻ آيو!

منسا: هاڻ هن کي ڪٿو ته هلون. في الحال ماتم
ڪرڻ ڪاڻ سواءِ ڪنهن کي به ٻيو ڪم ڪونهي.
(زابلون ۽ شمسون کي) اوهين ٻئي، جي منهنجا سچا
خيرخواهه ۽ جاني دوست آهيو، سي توهين ملڪ تي
حڪم هلايو، ۽ هن قتل بادشاهيءَ جو انتظام رکو.

زابلون: سائين، مون کي معاف ڪريو، مون کي
ته جلد وڏي سفر تي وڃڻو آهي. منهنجو ڏٿي
مون کي ٻاڌ ڏي سڏي ٿو، سو آءٌ نيٺ وينديس،
رهنديس ڪين.

منسا: اسان کي هن غم ۽ مصيبت جو بار صبر
ڪري سهڻ گهرجي، ۽ ٻي سڀ صلاح مصلحت ڇڏي،
پنهنجي اندر جو درد ظاهر ڪرڻ گهرجي. جيڪي عمر
۾ وڏا هئا، تن ڏک ڏولاوا به وڏا ڏٺا آهن، اسين
جي عمر ۾ ننڍا آهيون، سي نڪي ايترو ڏک ڏينداسين،
نڪي ايترو جيئنداسين.

(لاشا کڻي، سڀ ماتم ڪندا ۽ هيٺيون ماتم جو
راڳ ڳائيندا، نڪري وڃن ٿا.)

واهه حسرت، واهه حسرت!*
غم ڪيو بيتاب - واهه واهه، افسوس!

---

* راڳ 'پيروي' طرز: ديکا ستم هے که هم سے...".

پـرت پـيـارا، هـَـي ويـچـارا،
ويڙا جلد شتاب ـ واءِ واءِ، افسوس!
چـشـم گريان، دل بـہ بريان،
پڄ جگر ٿيو ڪباب ـ واءِ واءِ، افسوس!
ري عـزيـزن ۽ قـريـبـن،
جيڻ آهي عذاب، ـ واءِ واءِ، افسوس!

(پردو ڪِري ٿو.)

---

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾
ڇپيو ۽ مسٽر ظفرحسن سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ،
ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو